


# مسٽرغائب

محمد ميمڻ

مشهور انگريز اديب ايڇ.جي ويلس جي لازوال ناول "مسٽر غائب" ( The Invisible-Man) جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون. هن مشهور ناول تي فلمون به ٺهيل آهن.جيتوڻيڪ هي ناول اڻويهين صديءَ ۾ لکيل آهي، تنهن هوندي اڄ ايڪويهين صديءَ ۾ به هن ناول کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته اڃا هن ناول جو وقت مستقبل ۾ آهي. ڪرزما ڊائجسٽ پهريون سنڌي رسالو آهي، جيڪو ناميارين دنيا جي اديبن جا ناول سنڌيءَ ۾ پيش ڪري رهيو آهي.

**هڪ اهڙي سائنسدان جو قصو، جيڪو پنهنجي تجربي جو شڪار ٿي نظرن کان اوجهل ٿي ويو هو**

فيبروريءَ جو مهينو هو ۽ سياري جي سخت سرد شام هئي. جسم کي وڍيندڙ ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. اهو اجنبي بريمبل ريلوي اسٽيشن کان هيٺ اچي رهيو هو. هن جي ٿلها دستانا پهريلن هٿ ۾ هڪ ننڍو بڪسو هو. هو پيرن کان مٿي تائين ويڙهيو پيو هو. هن جي مٿي تي پهريل نرم ٽوپلي جي ڪري هن جو سڄو



چهرو ڍڪيل هو. فقط هن جي نڪ جي چوٽي چمڪي رهي هئي. هن جي سڄو جسم مٿان برف پئي هئي ۽ ان برف جي سبب هو پنهنجي جسم تي گهٽو وزن محسوس ڪري رهيو هو. هو ٿڪاوٽ سان چور حالت ۾ ٿڙندو ٿابڙجندو "هارسز ۽ ڪائوچ" نالي هڪ هوٽل ۾ داخل ٿيو ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين. "انسانيت جي نانءَ تي هڪ ڪمرو گهرجي. جنهن ۾ باهه جو اهتمام هجي." هن بڪسو زمين تي رکيو ۽ پنهنجي ڪوٽ تان برف ڇنڊڻ لڳو. ان هوٽل جي مالڪياڻي هن کي مهمانن واري احاطي ۾ وٺي وئي. ڪجهه گفتگوءَ کانپوءِ هن چند سڪا پاسي ۾ پيل ميز تي اڇلائيا ۽ اهڙيءَ طرح هن کي رهڻ لاءِ ان هوٽل ۾ هڪ ڪمرو ڪرائي تي ملي ويو.

هوٽل جي مالڪياڻي مسز هال ان اجنبيءَ کي اتي ئي ڇڏي سندس لاءِ ڪاڌو تيار ڪرڻ بورچيخاني ۾ هلي وئي. هن کي ڏاڍي خوشي هئي جو سياري جي انهن سرد ڏينهن ۾ جڏهن هر طرف برف باري ٿي رهي هئي. ان ۾ ڪنهن مهمان جو اپنگ جي علائقي ۾ اچڻ قسمت جي ڳالهه هئي ۽ ان حالت ۾ مهمان کي ترسائڻ جو اعزاز هن جي حصي ۾ آيو هو. هوءَ ڪم به ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي نوڪرياڻي مليءَ کي حقارت جوڳا لفظ پڻ ڳالهائي رهي هئي. هن ٽيبل تي پليٽون ۽ گلاس وغيره رکيا.

هن کي اهو ڏسي ڏاڍو اچرج ٿيو ته ڪمري ۾ باهه ٻري رهي هئي ۽ سڄو ڪمرو ڪافي گرم هو. ان جي باوجود به ان اجنبيءَ پنهنجو ڪوٽ ۽ ٽوپي نه لاٿي هئي. اهو دريءَ جي پاسي کان بيهي ٻاهر پونڊڙ برف باريءَ کي گهوري رهيو هو. هن جا دستانا پهريل هٿ پنيان ٻڌل هئا ۽ ائين ٿي لڳو. ڄڻ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل هجي. مسز هال جي نظر ڪوٽ تي ڄڙهيل برف تي پئي. جيڪا گرمائش سبب پگهرجي ٽيپا ٽيپا ٿي فرش تي وڇايل غاليچي تي ڪري رهي هئي.

"سائين پنهنجو ڪوٽ ۽ ٽوپي ڏيو ته بورچيخاني ۾ ڪٽي وجي باه تي سڪائي اچان."

هن بنا چرڻ ڦرڻ جي وراٽيو. "نه" محترمه کي لڳو ته هن کي ان اجنبيءَ جا لفظ ٻڌڻ ۾ نه آيا. سو هن پنهنجو سوال دهرائڻ ٿي چاهيو ته ان ئي لمحي اهو اجنبي پنهنجي جاءِ تان هٽيو. هن ڏانهن مڙندي کيس مخاطب ٿي چيائين. "نه. آئون چاهيان ٿو ته ڪوٽ ۽ ٽوپي مونکي پهريل رهن." جيئن ئي هن پنهنجو منهن مسز هال ڏانهن موڙيو ته هن کي پهريل وڏو چشمو نظر آيو. جنهن سندس منهن کي لڪائي ڇڏيو هو. ان اجنبيءَ جو باقي چهرو ٽوپيءَ ۾ لڪل هو. سندس ڪوٽ جي گلي وٽ شهپرن

وانگر وڏا وار هئا.
"بهرحال" مسز هال وراڻيو، "جيئن اوهان جي مرضي. ڪجهه ئي دير ۾ هي ڪمرو تمام گهڻو گرم ٿي ويندو."

ايتري ۾ ان اجنبيءَ پنهنجو منهن وري دريءَ ڏانهن ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻاهر برف باريءَ کي ڏسي رهيو هو. مسز هال سوچيو،شايد هن وقت ساڻس گفتگو ڪرڻ مناسب نه آهي، سو تڙتڪڙ ۾ پنهنجي ڪم ڪي اڪلائي ڪمري ڪان ٻاهر ڪسڪي وئي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن هوءَ واپس موٽي آئي ته ڏٺائين ڪاڌو پنهنجي جاءِ تي رکيو هو ۽ هو پٿر جي مجسمي جيان اڃا تائين ساڳيءَ جاءِ تي بيهي الاڄي ڪهڙي سوچ ۾ ٻڏل ٻاهر جي منظر کي تڪي رهيو هو. مسز هال بيدن جو آمليٽ وغيره ميز تي رکندي تورو وڏيسر چيو، "سائين توهان جي لاءِ ماني تيار آهي."

"مهرباني." ان اجنبيءَ وراڻيو، پر اڃا تائين هو پنهنجي جاءِ تي ئي بيٺل هو. جيئن ئي مسز هال ڪمري کان ٻاهر هلي وئي ۽ پنهنجي پٺيان ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيائين، تيئن ئي هو تيزيءَ سان پنهنجي جاءِ تان هٽيو ۽ مدت کان بکايل شخص وانگر ڪاڌي جي ٽيبل ڏانهن وڌيو.

مسز هال پنهنجي بورچيخاني ۾ هئي ۽ مسافر جي ڪمري مان ايندڙ چرڪ چرڪ جي ان آواز کي ٻڌي رهي هئي، جيڪو چمچي جو پليٽ سان ٽڪرائجڻ سبب پيدا ٿي رهيو هو.

هوءَ ڪم به ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي دڙڪا به ڏئي رهي هئي ته اها ڏاڍي سست هئي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ هوءَ چانهه هڪ ٽري ۾ رکي ڪمري جي دروازي کي ڪڙڪائي اندر داخل ٿي ته اجنبي تمام تيزيءَ سان پنهنجي جاءِ تان هٽي ويو. هن جو ڪوٽ، ٽوپي ۽ بوٽ لٽل هئا ۽ ٻاهر جي اڳيان رکيل هئا. مسز هال ٿوري وڏي آواز ۾ پڇيو، " هاڻي آئون انهن کي کڻي وڃي سڪائي اچان."

"نه، انهن کي اتي ئي رهڻ ڏي." ان شخص تيزيءَ سان ڏبيل آواز ۾ چيو ۽ جيئن ئي هن پنهنجو منهن مٿي ڪنيو ته مسز هال اهو ڏسي حيران ٿي وئي ته سندس سڄو چهرو ڪنهن اڇي رومال سان ويڙهيل هو، اهو ئي سبب هو جو سندس آواز ڏبيل محسوس ٿي رهيو هو. ائين ٿي لڳو ته هن جو سڄو منهن، مٿو ۽ ڳچي زخمي ٿيل هجن، جنهن جي ڪري هن بئنڊيج ( زخمن تي چاڙهڻ واري پٽي ) چاڙهي ڇڏي هجي. هن جي مٿي جا ڪارا وار سڱن ۽ پيچ وانگر ان بئنڊج کان ٻاهر نڪتل هئا. تنهنڪري هو ڏسڻ ۾ پوائتو لڳي رهيو هو.

اجنبيءَ ڏيڍارينڊڙ آواز ۾ هن کي چيو، "ٽوپيءَ کي هيٺ رکي ڇڏ." هن جي

هٿ ۾ هڪ اڇو رومال هو. جنهن سان پنهنجي منهن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. منهن تي چڙهيل اڇيون پٽيون ۽ نيري رنگ جي عينڪ! مسز هال تي حيرت ۽ خوف طاري ٿي ويو. هوءَ ڪيس جلديءَ سان گهوريندي ڪمري کان ٻاهر هلي وئي. هن جي چهري تي چڙهيل هي نقاب ڇو آهي؟ اهو سوچيندي بورچيخاني ۾ داخل ٿي ۽ وري پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي دڙڪا ڏيڻ لڳي.

اهو اجنبي هن جي قدمن جا آواز ٻڌڻ ايسيتائين ٻڌندو رهيو. جيستائين هوءَ بورچيخاني ۾ داخل نه ٿي ۽ تنهن کان پوءِ وري تيزيءَ سان ڪاڏي واري ٽيبل ڏانهن وڌيو ۽ کائڻ شروع ڪري ڏنائين. جڏهن پيٽ پرجي ويس ته ڪمري جي بتيءَ کي جهڪو ڪري ڇڏيائين ۽ وري دريءَ کان ٻاهر گهورڻ لڳو.

مسز هال اهو سوچي رهي هئي ته شايد ساٽس کو حادثو ٿيو آهي يا آپريشن ڪرائي اٿس. اهو سوچيندي ٻاهر ۾ وڏيڪ اگار وڌائين ۽ ڪوٽ کي ٽنگڻيءَ تي سڪڻ لاءِ لٽڪائي ڇڏيائين. هوءَ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳي، "عجيب قسم جي عينڪ اٿس! ان ۾ هو انسان ته نه پر ڪنهن ٻيءَ دنيا جي مخلوق ٿو لڳي! سڄو ڏينهن رومال منهن جي اڳيان ڏيو پيو ڦري! شايد وات به ٿڦيل اٿس جو ڳالهائي به رومال منجهان ٿو." پوءِ اوچتو هوءَ پنهنجي جاءِ تان تيزيءَ سان اٿي، وڏا وڏا قدم کڻندي مهمان جي ڪمري ڏانهن وڌي. هن جو خيال ته اجنبيءَ جو منهن پڻ ٿڦيل هو. وڌيڪ پختو ان وقت ٿيو. جڏهن هوءَ اندر داخل ٿي ته اهو اجنبي تماڪ جو پائيپ ڇڪي رهيو هو. پر پوءِ به رومال سندس منهن جي هيٺين حصي کي ويڙهيل هو. جيترو وقت به هوءَ ڪمري ۾ موجود رهي، هن ٿورڙو به رومال کي ڍرو نه ڪيو ته جيئن پائيپ آسانيءَ سان چپن ۾ جهلي سگهي. هو دريءَ کي پٺ ڏيو آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هو. کاڌو کائڻ ۽ جسم گرم ٿيڻ ڪانپوءِ هاڻي هن جي مزاج ۾ تندي نه رهي هئي. هن جي عينڪ جا بلور ٻاهر جي شعاعن سببان چمڪي رهيا هئا.

ڪجهه وقت جي خاموشيءَ ڪانپوءِ هن نيٺ چند گفتا وات مان ڪڍيا. "اسٽيشن تي منهنجو ڪجهه سامان پيل آهي." هن جي لهجي مان محسوس ٿي رهيو هو ته هن چاهيو ٿي ته مسز هال ڪنهن کي موڪلي سامان گهرائي وٺي. جيئن ئي هن ڳالهايو، گڏوگڏ پنهنجو مٿو تعظيم ۾ جهڪايائين، "ٻلي رات تائين سامان کي گهرائي وٺجو."

مسز هال وراڻي، "هن وقت ته ڪو به شخص اسٽيشن تي نه ويندو. مٿان کان رستو تمام لاهيءَ وارو آهي ۽ ڪرڻ جو خطرو هوندو آهي. ڪيترائي دفعا ان لاهيءَ تان هيٺ ايندي گاڏيون حادثن جو شڪار

تي چڪيون آهن. اجا گذريل سال جي ئي ڳالهه آهي ته هڪ ٽيڪسي حادثي جو شڪار ٿي وئي. ٽيڪسيءَ جو ڊرائيور ۽ سندس مسافر ٻئي ٽڏي تي اجل جو شڪار ٿي ويا. اڪ ڇنڀ ۾ اتي حادثا ٿي سگهن ٿا."

پر اجنبي شايد قائل ٿيڻ وارو نه هو.

"ٿي سگهي ٿو ائين ٿيندو هجي." هن عينڪ مان مسز هال کي گهوريندي وراڻيو.

"پر جيڪو به اتان ڪرندو آهي، هڪ ڊگهي عرصي تائين ڪٽ حوالي ٿي ويندو آهي." مسز هال زور ڏيندي چيو. "ڪجهه ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي جو منهنجي ڀاڻيجي متان اچي هيٺ ٿهڪو ڪيو ۽ ٽنگ جي هڏي ڀڄي پيس. اٽڪل ٽي مهينا پٽيون ٻڌيو ڪٽ تي پيو هو. شايد توهانکي اعتبار نه اچي، پر اهو معمول بڻيل آهي."

"آئون خوب سمجهي سگهان ٿو." اجنبيءَ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

"۽ خبر اٿوَ ته هن سان ڇا ٿيو؟ هن جو هڏو ٺيڪ نه ٿيو ۽ نيٺ سندس ٽنگ جي آپريشن ڪرڻي پئي." مسز هال وڌيڪ تفصيل ڏيندي چيس.

اهي لفظ ٻڌي اجنبي عجيب انداز ۾ ٺهڪ ڏيڻ لڳو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ٺهڪن جو آواز سندس ڄاڙين کي ڦاڙي نڪري رهيو هجي.

"واقعي هن جي آپريشن ٿي؟" هن وري سنجيده ٿيندي پڇيو.

"سائين اها ڪلهڻ جي ڳالهه نه آهي. هن جي واقعي آپريشن ٿي. اهو منظر، آئون اوهان کي ٻڌائي نه ٿي سگهان." مسز هال ٿورڙو خفا ٿيندي چيو.

"ماچيس ملندو؟" هن اوچتو وچان ڳالهايو. "منهنجو پائيپ اجهامي ويو آهي."

مسز هال کي ڌاڍو برو لڳو جو "آئون هن کي ڇا پئي ٻڌايان ۽ هن کي ماچيس ياد آيو آهي." بهرحال هوءَ ماچيس کڻڻ لاءِ ٻاهر هلي وئي ۽ ڪجهه دير بعد واپس موٽي آئي.

"مهرباني." هن ماچيس وٺندي چيو ۽ ڪلها لوڏي وري دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو. مسز هال کي ٿورڙي ڪاوڙ به آئي جو اجنبيءَ جو رويو ڪافي چڙ ڏياريندڙ هو. شايد هن کي آپريشن جي ڳالهه ٺٺولي ٿي لڳي. بهرحال ان ڏينهن سندس نوڪرياڻي "مليءَ" جي قسمت خراب هئي جو هن سڄي ڪاوڙ ان تي ڇنڊي. اجنبي ڇئين وڳي تائين اتي ئي ويٺو رهيو ۽ اهڙو ڪو به تاثر نه ڏنائين، جنهن مان پتو پوي ته مسز هال کي نظرانداز ڪرڻ تي هن کي ڪا ندامت ٿي هجي. ٿڪاوٽ سبب جهوٽا به کائي رهيو هو، پر گڏوگڏ هو پائيپ جا ڪش ڇڪيندو پئي ويو.

پوءِ ڪجهه لمحا هو ڪمري ۾ ٽهل

قدمي ڪندو رهيو ۽ ڳڙوڳڙ ٻاهه ۾ اڱار ٻه وجهندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ائين تي لڳو ڄڻ خود سان ڳالهائيندو هجي. هيٺ هوٽل ۾ ويٺل ماڻهن کي هن جي ڪرسيءَ جي چرچر جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

****

شام جا چار تي چڪا هئا. مسز هال همت ٻڌي رهي هئي ته ڪيئن وڃي اجنبي مهمان کان چانهه جو پڇي. چو جو هن کي ان شخص کان ڪجهه خوف محسوس ٿي رهيو هو. ايتري ۾ ٽيڊي، جيڪو گهڙي ساز هو، اتان اچي گذريو. هن جي هٿ ۾ اوزارن جي پيتي هئي. موقعي جو فائدو وٺندي مسز هال ڪيس ان اجنبي مهمان جي ڪمري ۾ لڳل گهڙيال کي ٺيڪ ڪرڻ جو چيو، "گهڙيال هونئن ته بلڪل درست آهي، پر ڪلاڪن وارو ڪانٽو ٻيو ڪجهه ڪونه ٿو ڪري، فقط ڇهن جي انگ تي لڳاتار اٽڪيو بيٺو آهي. مهرباني ڪري ان مٿان هڪ نظر وجهندو وڃ." مسز هال انڪساريءَ سان عرض ڪيس.

ٽيڊيءَ چيو، "ٺيڪ آهي، هلو ته ڏسون ٿا."

مسز هال ڪمري جي در کي ٺورو ڪڙڪايو ۽ پوءِ در کي آهستي اندر ڌڪيو. اجنبي پنهنجي ڪرسيءَ تي ننڊ جي خمارن ۾ الوٽ ٿيو پيو هو. سندس ڪنڌ هڪ طرف لڙڪيل هو ۽ وات ڇاڙين تائين پٽيل هوس. هن کي ڏسڻ سان عجيب پوءَ جو احسان پئي ٿيو. ڪمري ۾ اونداهه ڇانيل هئي. ٻاهه ذري گهٽ اجهامڻ تي هئي. درين جي سيرن مان ٻاهر جي جهڪي روشنيءَ جا ڪرڻا ۽ اجهامندڙ ٻاهه جا شعاع هن جي عينڪ جي شيشن تي پئجي رهيا هئا، جن جي ڪري هن جي عينڪ ريل جو سگنل جو نماءُ ڏئي رهي هئي.

مسز هال دروازي کي وڏيڪ کوليو.

هاڻي ڪمرو واضع ڏسڻ ۾ تي آيو. دروازي ۽ قدمن جي آواز سبب اجنبي پڙڪو ڏئي بيدار ٿيو ۽ چيائين، "ڇا معاملو آهي؟ ڇا اوهان وٽ ماڻهن جي پرائيويسيءَ جو ڪو احساس نه آهي!"

مسز هال جواب ڏنو، "ائين بلڪل نه آهي. اسانکي، توهانجي پرائيويسيءَ جو بلڪل احساس آهي، پر اوهانجي ڪمري جو گهڙيال خراب آهي. مون سوچيو ته اوهانکي وقت معلوم ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، انڪري آئون هن گهڙي ساز کي ساڻ وٺي آئي آهيان ته جيئن ان کي درست ڪري."

"ٺيڪ آهي، جلدي ٺيڪ ڪري وٺ." اجنبيءَ سرد انداز ۾ ٽيڊيءَ کي گهوريندي چيو. ٽيڊي ڀهرين ته واپس وڃڻ چاهيو، پر جڏهن اجنبيءَ چيو ته واقعي هن کي وقت معلوم ڪرڻ ۾ پريشاني ٿيندي ته پوءِ هن گهڙيال جي مرمت ڪرڻ جي حامي ڀري. اجنبي ٻانهون ڀنيان ٻڌي بخاري جي پاسي ۾ تي بيٺو ۽ مسز هال

كي چيائين، "مونكي هڪ چانهه جو ڪوپ پڻ گهرجي، پر تيستائين نه، جيستائين گهڙيال ٺيڪ ٿي نه وڃي."

مسز هال بغير ڪجهه چوڻ جي ٻاهر جو رخ ڪيو. ايتري ۾ اجنبي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مون اوهان کي عرض ڪيو هو ته منهنجو سامان اسٽيشن تي پيل آهي."

مسز هال وراڻيو، "ها! مون ٽپاليءَ کي چيو آهي ته هو جڏهن ٽپال کڻڻ لاءِ اسٽيشن تي وڃي ته اوهان جو به سامان کڻي اچي.اميد ته صبح تائين اوهان جو سامان اچي ويندو."

"دراصل.." اجنبيءَ وڌيڪ چيو، "آئون تمام گهڻو ٿڪل هوس، جنهن ڪري توهانكي ڪجهه ٻڌائي نه سگهيس. آئون هڪ تجرباتي محقق آهيان. منهنجي سامان ۾ شامل ڪافي نازڪ اوزار ۽ ٻيون ضروري شيون آهن."

مسز هال طنزيه انداز ۾ وراڻيو، "واقعي اهم شيون آهن."

"۽ آئون چاهيندس ته جيترو جلد ٿي سگهي، آئون پنهنجي تحقيق جي ڪم ۾ مصروف ٿي وڃان." اجنبيءَ، مسز هال جي ڳالهه کي ڪٽيندي چيو، "آئون هتي اهڙي مشڪوڪ انداز ۾ انڪري آيو آهيان ته جيئن مونكي اڪيلائپ ملي ۽ آئون بنا ڪنهن رنڊڪ ۽ پريشانيءَ جي پنهنجو ڪم اڪلائي سگهان ۽ آئون نٿو چاهيان ته ڪير به مونكي منهنجي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي."

هن وڌيڪ چيو، "هن ڪمري ۾ ايتري اونداهه ڪري وهڻ جو سبب اهو آهي ته منهنجي اکين ۾ ڪجهه تڪليف آهي. تنهنڪري گهڻي روشني برداشت نه ٿو ڪري سگهان. جڏهن ڪو شخص خواهمخواهه منهنجي ڪمري ۾ اچي مونكي پريشان ڪندو آهي ته مونكي گهڻو غصو ايندو آهي. انڪري بهتر اهو آهي ته مونكي اڪيلو ڇڏي ڏيو."

مسز هال ڪجهه پڇڻ تي گهريو، پر اجنبي ڳالهه ختم ڪرڻ ڪانپوءِ اهڙو تاثر ڏنو جو مسز هال سوال کي دماغ ۾ ئي روڪي ڇڏيو. پوءِ مسز هال ڪمري کان ٻاهر هلي وئي. هو اجا تائين پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيو.

مسٽر ٽيڊي گهڙيال کي هيٺ لاهي ان جي پرزي پرزي کي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهيو ٿي، آهستي ڪم ڪرڻ لڳو. هن جو مقصد هو ته ان اجنبيءَ سان گفتگو ڪجي، پر اجنبي بلڪل خاموش پنهنجي جاءِ تي ويٺو هن کي گهوري رهيو هو. ٽيڊي بتيءَ کي اڳيان رکي ڪم ڪري رهيو هو ۽ پاڇي سبب سڄي ڪمري ۾ ڌنڌ نظر ٿي آئي. هن چاهيو ته ڪجهه ڳالهائجي. هو اجا ذهن ۾ اهو سوچي ئي رهيو هو ته اجنبيءَ چيس، "پنهنجو ڪم ختم ڪري هتان وڃي جو

نٿو؟ تو کي ڪرڻو ڇا آهي؟ فقط ڪانئڻو ئي ته لڳائڻو اٿئي. پوءِ گهٽي گيهل ڇو پيو ڪرين؟"

ٽيڊيءَ کي هن تي ڪاوڙ به آئي، پر ڪم جلدي اڪلائي تيزيءَ سان ٻاهر هليو ويو ۽ دل ۾ هن کي پِٽڻ لڳو. حقارت سان خود کي چوڻ لڳو، "اهڙو بدصورت ۽ بد مزاج شخص مون زندگيءَ ۾ نه ڏٺو آهي." رستي ۾ هن کي هوٽل جو مالڪ مسٽر هال مليو. جيڪو ٽيڪسي پڻ هلائيندو هو ۽ مسافرن کي اسٽيشن تان هوٽل تائين ڪٺي ايندو هو.

ٽيڊي، مسٽر هال کي بيهاريندي خير خيريت دريافت ڪئي ۽ پوءِ هوٽل تي ترسيل ان عجيب و غريب مخلوق جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو.

"عجيب شخص آهي، چمڙا پوش، خبر نه آهي ڪو ڏوهاري آهي جو هتي اهڙي انداز ۾ اچي لڪو آهي. مونکي ته هن تي بلڪل اعتبار نه آهي، پر تو واري زال ته هن کي ڪرائي تي ڪمرو به ڏئي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ هن کي سندس نالي ۽ اتي پتي جي به خبر نه آهي." ٽيڊيءَ، مسٽر هال کي تفصيل ڏيندي چيو.

"ڇا مطلب! ڪو خطرناڪ ماڻهو آهي ڇا؟" مسٽر هال پڇيو.

"پيو نه ته وري ڇا. سندس حليي ۽ حرڪتن مان ائين پيو لڳي ٿو ته شايد هڪ هفتي کان پهرين هو هتان ويندو به ڪونه." ٽيڊيءَ جواب ڏنو. "۽ وڏي ڳالهه ته سياڻي هن جو سامان به اچڻو آهي. جيڪو اسٽيشن تي پيل آهي." ائين چئي ٽيڊيءَ پنهنجو گس ورتو ۽ مسٽر هال تيزيءَ سان گهر ڏانهن روانو ٿيو.

جيئن ئي هو هوٽل ۾ اندر داخل ٿيو ته سندس زال مسز هال هن تي ڪڙڪي پئي. ڇاڪاڻ ته هو تمام گهٽي دير ڪري آيو هو. مسٽر هال تي زال جي دڙڪن جو ڪو خاص اثر نه پيو. هو ان اجنبيءَ جي باري ۾ سوچي رهيو هو ۽ زال کان پڇيائين، "ڪنهن کي رهايو اٿئي؟ خبر اٿئي ته ڪيترا ٺڳ پيا دنيا ۾ هلن. هن تي پوري نگاهه رک ۽ جڏهن سياڻي سندس سامان اچي ته صحيح نموني جانچي پوءِ اندر رکائجان. ائين نه ٿئي جو سندس پيتين ۽ ٿيلهن ۾ پٿر پريل هجن ۽ رات جي وقت پنهنجو سڀ سامان ٻهاري ڪٺي وڃي."

ان تي مسز هال کي غصو به آيو، پر ڪري ڪجهه ڪونه سگهي، "تون پنهنجي ڪم سان ڪم رک ۽ مونکي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي." مسز هال ڪاوڙ وچان چيو.

جڏهن رات جا ساڍا نوَ ٿيا ته اجنبي سمهي پيو. مسٽر هال آهستي آهستي سندس ڪمري ۾ ويو ۽ هر شيءَ جو خاطريءَ سان جائزو ورتائين. هن کي ڪاغذ جو هڪ پرزو نظر آيو، جنهن تي ڪجهه حساب ڪتاب ٿيل هو. بهرحال هو به وڃي سمهي پيو. اڌ رات جو مسز هال

پڙڪو ڏئي اٿي. هن کي لڳو تہ گوگڙوءَ جي شڪل جي ڪا آفت هن جي ڳچيءَ ۾ ويڙهجي وئي آهي، پر پوءِ سمجهيائين تہ اهو سندس وهم هو، سو لت ڪوڙي وري سمهي پئي.

****

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هوٽل جي اڳيان شور ٻڌڻ ۾ آيو. بار ڊوئيندڙ پنهنجي گاڏي اجنبيءَ جي سامان سان ڀري اچي هوٽل جي اڳيان بيٺو هو. مسٽر هال چاڙهين ڪان هيٺ لهي اچي سامان جو جائزو وٺڻ لڳو ۽ گاڏيءَ واري سان بحث ڪرڻ لڳو تہ سامان کي ڪيئن لاهي اندر ڪجي. گاڏيءَ واري جو ڪتو مسٽر هال جي اڳيان پويان ڪيڏڻ لڳو. سامان بہ عجيب هو. ننڍيون وڏيون پيٽيون ۽ ٿيلها. ڪجهہ پيٽين ۾ شايد شيشي جو ڪو سامان هو، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪک وغيره پيل هئا. اجنبي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هوٽل ڪان ٻاهر ظاهر ٿيو. هن جو ڏيک اڃا تائين ساڳيو هو. منهن پٽين سان ويڙهيل، ڍڳهي ڳچيءَ سان ڪوٽ، ٽوپي، دستانا ۽ رومال وغيره. هو ڏاڪن ڪان هيٺ لهي آيو ۽ اچي ننڍي بڪس ۾ هٿ وجهڻ جي ڪيائين. اڃا هو هيٺ لٿو ئي هوندو تہ گاڏيءَ واري جي ڪتي جي نظر هن عجيب مخلوق تي پئي. اهو تيزيءَ سان هن تي لامارو ڪري ڪاهي آيو ۽ اچي هٿ ۾ چڪ وڌائينس. بيٺل سڀ ماڻهو پريشان ٿي ويا ۽ واڻڙن وانگر ڏاڍيان "ڪتو" "ڪتو" ڪرڻ لڳا. اجنبيءَ زور سان پنهنجو هٿ ڪتي جي ڇاڙين مان ڇڏايو ۽ تيزيءَ سان واپس ڏاڪا چڙهڻ لڳو. ڪتي هڪ ٻيرو وري لامارو ڏنو ۽ هن ڀيري سندس وات اجنبيءَ جي ٽنگ ۾ پيو. ايتري ۾ گاڏيءَ واري پنهنجو ڇهبڪ ڪنيو ۽ ڪتي کي وهائي ڪڍيائين. ڪتو ڪيڪڙاٽ ڪندو هڪ پاسي ڪان گاڏيءَ جي هيٺان گهڙي ويو. اجنبي پنهنجي هٿ ۽ پينٽ جي ڦاٽل ٽنگ کي گهورڻ لڳو ۽ پوءِ جلدي جلدي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. مسٽر هال پنهنجي جاءِ تي وائڙو وبيٺو رهيو. شايد اهڙي قسم جي حادثي جي ڪنهن کي بہ توقع نہ هئي. ڪجهہ ساعتن ڪانپوءِ مسٽر هال اجنبيءَ جي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳو تہ ڪتي ڪيس اچايو سچايو چڪ تہ نہ لڳو هو. هن جيئن ئي ڪمري جو دروازو کوليو تہ اندر انڌيري ۾ هن کي ڇاتيءَ ۾ زور سان ڌڪو آيو. هو دروازي سان ٽڪرائجي اچي ٻاهر ڪريو ۽ دروازو وري بند ٿي ويو. وراندي ۾ مسز هال مليس، جنهن کي حادثي جي تفصيل ڪان آگاهہ ڪيائين. مسز هال ڪاوڙ ۾ ڀاڙهي ٿي گاڏيءَ واري ڏانهن وڌي ۽ پريان ڪان ئي هن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي اچي گاڏيءَ جي ڀر ۾ بيٺي.

"تنهنجي ڪتي کي اهو حق نہ آهي تہ هو اسانجن مهمانن کي پريشان ڪري." هن ڪاوڙ وچان چيو. "اهڙو ڪتو گڏ ڇو ٿو

ونيو هلين، جيڪو راهگيرن کي پيو ڪائي؟"

ڪجهه وقت ڪانپوءِ اجنبي ڪپڙا تبديل ڪري اچي چاڙهين جي مٿان بيٺو.

مسز هال، سندس مڙس جيڪو اجا تائين ڪمري ۾ ٿيندڙ پراسرار واردات تي حيران هو، گاڏيءَ وارو ۽ ڪجهه پاڙيسري اجا تائين اتي بيٺا هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا.

مسٽر هال پڇيس، ڪٿي اوهانکي ڪو نقصان ته نه ٿيو؟"

اجنبي بنا ڪنهن تاثر ڏيڻ جي وراڻيو، "نه"

مسٽر هال کي ويتر پريشاني ٿي. گاڏيءَ واري کائنس معذرت طلب ڪئي.

مسٽر هگزلي نالي هڪ پاڙيسريءَ پڇيس، "ڪٿي اوهانجي هٿ ۾ ٽنگ ۾ سوزش ته نه ٿي آهي؟" اجنبيءَ کين ناڪار ۾ جواب ڏنو. ائين ٿي لڳو، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هجي ۽ نه وري هن ان معاملي تي وڌيڪ ڳالهائڻ تي گهريو.

مسٽر هال پنهنجي زال کي آهستي چيو، "ڇڏيوس ڪٿي. بهتر آهي ته سامان ڪٿي اندر ڪريون."

ايتري ۾ اجنبيءَ ڄڻ رڙ ڪندي چيو، سامان کي اندر ڪٿي اچو. جيئن ئي پهريون بڪسو اندر ڪجي آيو، اجنبي عجيب تڪڙ ۽ اتساهه سان ان کي کولڻ لڳو. ان ۾ قسمين قسمين شيشيون پيل هيون، جن ۾

الڳ الڳ قسمن جا محلول پيل هئا. الڳ شيشين تي الڳ چٽڪيون لڳل هيون. ڪن تي تيزاب ته ڪن تي زهر جو نالو لکيل هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سندس ڪمرو ڪيميا جي ليبارٽري نظر اچڻ لڳي. هر ڪوڪي يا پيتيءَ ۾ فقط شيشيون ئي پيل هيون، جن سان گڏ ٽيسٽ ٽيوب ۽ ساهمي پڻ پيل هئا.

شيشين وغيره کي ڪٻٽ ۾ ترتيب سان رکي هو پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. هن کي اهو به احساس نه رهيو ته فرش تي تمام گهڻو ڪچرو ٿي ويو هو. هن کي ائين ڪم ڪندي شام گذري وئي.

مسز هال رات جي ماني ڪٺي ڪمري ۾ اندر داخل ٿي، پر هو ڪم ۾ ايترو رڌل هو جو کيس مسز هال جي اندر داخل ٿيڻ جو پتو ئي نه پيو. مسز هال ماني ٽيبل تي رکي فرش تي پيل ڪچرو ميڙڻ لڳي. ان آواز تي اجنبيءَ کي محسوس ٿيو ته ڪمري ۾ ڪوئي هو. مسز هال شڪايت ڪرڻ پئي چاهي ته هن ڪمري ۾ ايترو ڪچرو ڇا جي لاءِ ڪيو آهي، پر ان کان اڳ جو هو ڪجهه ڳالهائي، اجنبيءَ ڪاوڙ ڏياريندڙ انداز ۾ چيس، "ڇا اوهانکي اها تميز نه آهي جو در تي ڌڪ هڻي اطلاع ڏئي پوءِ اندر اچو؟"

ان تي مسز هال ڪاوڙ واري انداز ۾ چيو، "مون ٺڪ ٺڪ ڪئي هئي، پر شايد اوهان پنهنجي ڪم ۾ محو هئڻ سبب ٻڌي

نہ سگھيا. توهان لاءِ بهتر آهي تہ اندران تاڙي ڏئي ڇڏيو."

"بلڪل درست. مونکي ائين ئي ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ آئون انتهائي اهم تجربا ڪري رهيو آهيان ۽ معمولي رنڊڪ منهنجي ڪئي ڪمائيءَ تي پاڻي ڦيري سگهي ٿي."

"توهانکي گهرجي تہ ڪڪ ۽ ڪاغذ وغيره جا پرزا هن گند جي دٻي ۾ وجهو." مسز هال التجا ڪندي چيو.

پر اجنبيءَ کي شايد برو لڳو ۽ ڪجهہ ڀڙڪڻ لڳو. هن جي هڪ هٿ ۾ شيشي ۽ ٻئي ۾ ٽيسٽ ٽيوب هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ هو مسز هال تي حملو ڪندو. مسز هال بہ ڪجهہ خوفزده ٿي وئي ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

اجنبي سارو وقت ڪم ۾ رڌل رهيو. ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل هئي. ڪيڏي ڪيڏي مهل شيشن جي پاڻ ۾ ٽڪرائڻ جو آواز ڪنن تي پئجي رهيو هو. پوءِ اوچتو ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز ٿيو. مسز هال ڪمري جي در کي ڪن ڏئي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اهو اجنبي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو، "اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيندو. ٿيندو ئي ڪونہ. سڄي زندگي ڄڻ اجائي وئي. ٽي هزار، چار هزار، نہ نہ ٿيندو."

ڪجهہ دير ڪانپوءِ وري خاموشي ٿي وئي. ڇانهہ جو وقت ٿيو تہ مسز هال ڇانهہ ٿري ۾ رکي ڪمري ۾ داخل ٿي. اجنبي آرام ڪرسيءَ تي وينو لڏي رهيو هو. پريان ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڀڳل گلاس جا ٽڪرا پيل هئا، جن کي مسز هال عجيب نگاهن سان جانچي ڏسڻ لڳي.

"گهٽو پريشان نہ ٿيءُ ۽ نہ وري مونکي پريشان ڪر. جيڪو بہ نقصان ٿئي ان کي منهنجي بل ۾ لڳائي ڇڏجان." اجنبيءَ بيزاريءَ واري انداز ۾ ڪيس چيو.

هوڏانهن گهڙي ساز ۽ گاڏيءَ وارو شرابخاني ۾ وينا خبر چار ڪري رهيا هئا. گاڏيءَ واري چيو، "اهو شخص ڪير آهي، جنهن کي صبح منهنجي ڪتي چڪ هنيو هو. عجيب شڪل ۽ انداز هوس!؟

گهڙي ساز حقارت ڀرئي انداز ۾ جواب ڏنس، "ها واقعي عجيب و غريب مخلوق آهي. سڄو ڏينهن اڇيون، ڪاريون، ۽ نيريون پٽيون ويڙهي وينو آهي، ڄڻ ڪو گهوڙو هجي."

****

اجنبيءَ کي اپنگ گوٺ ۾ رهندي ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا ۽ علائقي ۾ هن جي باري ۾ مختلف ڳالهيون ڦهلجڻ لڳيون هيون. هن جو ڪم ختم ئي نہ ٿي ٿيو ۽ نہ وري وڃڻ جو ڪو اهڃاڻ ٿي نظر آيو. وقت تي هوٽل جو ڪرايو ۽ ڪاڌي وغيره جو بل ادا ڪري ڇڏيندو هو. هن جو معمول بہ عجيب هو. ڪڏهن صبح جو سوير اٿي ڪم ۾ لڳي ويندو هو تہ ڪڏهن

ڪافي دير تائين ستو پيو هوندو هو. سڄو ڏينهن خاموش گذاريندو هو. جمعو هجي يا آچر، هن لاءِ سڀ ڏينهن هڪ جهڙا هئا. آچر جي ڏينهن گرجا گهر به نه ويندو هو. ڏينهن جي وقت ته بلڪل به ٻاهر نه نڪرندو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن اونده ۾ علائقي جي ويران راهن تي نڪري پوندو هو. ڪيترائي پيرا اونده ۾ هن کي ڏسي ماڻهو، خاص ڪري ٻار ڊڄي ويندا هئا.

مسز هال کان اڪثر ماڻهو هن جي باري ۾ پڇندا هئا، پر هوءَ لنوائي ويندي هئي ۽ ان جي پراسرار هئڻ جا عجيب سبب ٻڌائيندي هئي. اڪثر چوندي هئي ته هن جو مهمان دانا ۽ ماهر ڪيميادان آهي، جيڪو ڪنهن اهم موضوع تي تحقيق ڪري رهيو آهي. سندس ڏيک متعلق چوندي هئي ته هن سان ڪو حادثو ٿي پيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجو سڄو منهن پٽين سان ويڙهي ٿو هلي ته جيئن ماڻهن کي ڪل نه پوي.

پر گهڻن ماڻهن جا رايا هن جي باري ۾ منفي هئا. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته هو ڪو وڏو مجرم آهي، جيڪو پوليس کان لڪي چمڙا پوش ٿي اچي هتي ويٺو آهي. شايد دهشتگرد آهي ۽ هتي ويهي ڌماڪيدار مادو تيار ڪري رهيو آهي ۽ جيئن ئي موقعو ملندس، هتان هليو ويندو ۽ جتي ڪارروائي ڪرڻي هوندس، اتي وڃي تباهي مچائيندو. اهو خيال دراصل گهڙي ساز مسٽر ٽيڊيءَ ڦهلايو هو.

ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته هو ڪو وڏو فلسفي ۽ پهتل شخص آهي ۽ هتي تنهائيءَ ۾ ويهي پنهنجي علم ۾ واڌارو ڪري رهيو آهي.

ڪافي ماڻهن جو خيال هو ته علائقي جا سڀ ماڻهو بيوقوف آهن. هو ڪو سائنسدان يا فلسفي نه، بلڪ چريو آهي ۽ اسان سڀني کي بيوقوف بنائي رهيو آهي.

عورتن جو رايو ته بلڪل مختلف هو. انهن جي خيال ۾ ته هو غير فطري (مافوق الفطرت) مخلوق آهي ۽ ڪائنات جي رازن کي ڄاڻي ٿو.

بهرحال جيڪي به رايا هئا، پر هڪ ڳالهه واضع هئي ته سڀني هن سان نفرت ٿي ڪئي. هن جو غير اخلاقي رويو، پراسرار انداز، سڀ حقارت لائق هئا. ماڻهو هن تان ٺٺوليون ڪندا هئا. ايستائين جو مزاحيه گانا ڳائي سندس مذاق اڏائيندا هئا.

اپنگ ڳوٺ ۾ هڪ ڊاڪٽر رهندو هو. هن جڏهن ٻڌو ته ڪو اجنبي هارسز ۽ ڪائوچ هوٽل ۾ ترسيل آهي، جنهن پاڻ سان گڏ هڪ هزار کان وڌيڪ مختلف ڪيميائي مادن سان ڀريل شيشيون آنديون آهن ته هن جي تجسس جي ڪا حد نه رهي ۽ چاهيائين ته ڪنهن به صورت ان سان ملاقات ڪجي، پر هو پنهنجي ان ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿيو. هن مسز هال کان دريافت ڪيو، پر اهو ٻڌي حيران رهجي

ويو تہ هيترا ڏينهن پاڻ وٽ ترسائڻ ڪانپوءِ بہ هن ڪي اجنبيءَ جي نالي جي خبر نہ هئي. بهرحال هڪ ڏينهن همت ڪري هوٽل ۾ ويو ۽ مسز هال سان چند گفتا ڳالهائي اجنبيءَ جي ڪمري ۾ گهڙي ويو. مسز هال ٻاهر ئي رهجي وئي ۽ ڏهن منٽن تائين اندران ايندڙ پڙ پڙ، گلاس، شيشن، ڪسريءَ وغيره جا آواز ٻڌڻ لڳي ۽ پوءِ ٺهڪن جا آواز. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اوچتو دروازو کليو ۽ ڊاڪٽر ڪس تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ڏاڪڻ تان لهي پنهنجو گس وٺي هليو ويو. پنيان اجنبي اجا تائين ٺهڪ ڏئي رهيو هو. ڪجهہ ساعتن ڪانپوءِ دروازو بند ٿي ويو ۽ خاموشي ڇانئجي وئي.

ڊاڪٽر تمام گهڻو پريشان ۽ ڪاوڙيل ڳوٺ جي پادريءَ وٽ آيو ۽ بي اختيار چئي ڏنائين، "ڇا آئون چريو آهيان؟ اهو اجنبي، عجيب ڳالهہ آهي."

پادريءَ پڇيس، "آخر ڳالهہ ڇا آهي؟"

"اهو اجنبي. خير پهرين مونکي ڪجهہ پيئڻ لاءِ ڏي." پادريءَ هن کي شربت آڻي ڏنو.جيڪو پي هو ڪجهہ سامت ۾ آيو ۽ هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي.

"دراصل آئون ان اجنبيءَ وٽ ويو هوس. منهنجي نرس گهڻي بيمار آهي، ان لاءِ نسخو لکيو هئم. هن وٽ ڪافي ڪيميائي مادا موجود آهن. سو سوچيم تہ شايد ڪا دوا نهي پوي. پر اجنبيءَ تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. جڏهن نسخو ڏيکاريومانس تہ وٺي ڪٽي ٻاهہ ۾ وڌائين. عجيب ڳالهہ آهي تہ تمام خطرناڪ ڪيميائي مادا ڪمري ۾ رکيل هئا ۽ پاڻ کليل ٻاهہ اڳيان تجربا ڪري رهيو هو. هن نسخو وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهيريو تہ سندس ٻانهن، نونٺ تائين هئي ئي ڪانہ! پوءِ دستانا ڇا جا! اعتبار ڪر، ٻانهن نہ هيس، پوءِ هن نسخو ڪيئن وتو. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، مون ڇهي ڏٺومانس تہ ٻانهن لڳي، پر ڏسڻ ۾ بلڪل بہ نہ ٿي آئي. آئون واڻڙو ٿي ويس ۽ اجنبي وڏا ٺهڪ ڏيڻ لڳو."

پادري وراڻيس، "تنهنجي ڪهاڻي واقعي دلچسپ آهي."

"ڪهاڻي وري ڇا جي؟" ڊاڪٽر چيو، "درحقيقت ٻانهن هئس ئي ڪانہ. مون بہ ٿي دفعا ڇتائي ڏٺو هو.مان اوهان کي سچ پيو ٻڌايان."

****

رات جا چار ٿيا هئا. پادري بنٽنگ ۽ سندس زال مسز بنٽنگ ستا پيا هئا. اوچتو ڪنهن جي هلڻ چرڻ جو آواز مسز بنٽنگ جي ڪنن تي پيو. هن سمجهيو تہ ڪو شخص ٻاهر انگر ۾ هلي رهيو هو، پر وري سمجهيائين تہ شايد اهو سندس وهم هو. پر اهي ڪنهن جي قدمن جا آواز لڳاتار ايندا رهيا. هن آهستي آهستي پنهنجي مڙس کي اتاري هوشيار ڪيو.

پادري بنٽنگ آهستي آهستي بستر تان هيٺ لٿو ۽ زمين تي ڪن رکي آواز ٻڌڻ لڳو. ڪو شخص سندس ڊرائنگ روم يا مطالعي واري ڪمري ۾ هو. پوءِ اوچتو ڇڪ جو آواز آيو. پادري بنٽنگ ڪا شيءِ هٿيار طور پنهنجي هٿ ۾ کڻي ۽ ڪمري کان ٻاهر آيو. پاسي واري ڪمري مان آواز اچي رهيا هئا. ڪبٽ کليو ۽ سڪن جي پاڻ ۾ ٽڪرائجڻ جو آواز آيو. پوءِ ڪنهن ماچيس ٻاريو، جنهن جي جهيڻي روشني ڪمري جي در جي سيرن مان ٻاهر نظر اچڻ لڳي. بنٽنگ سيرن منجهان اندر ڏٺو. پر ڪير بہ ڏسڻ ۾ نہ آيس. مسز بنٽنگ پڻ هن جي پٺيان هئي. هن زور سان دروازو کوليو ۽ هڪدم چيائين، "خبردار!" پر ڪا شيءِ نظر نہ آيس. پر شمع ٻري رهي هئي، ڪبٽ کليل هو ۽ پئسا ۽ زيور گم هئا. اهي ڏاڍي پريشان ٿيا. پري ورانڊي ۾ هلڻ جو آواز آيو ۽ ڪنهن ڇڪ ڏني. اهي ٻاهر نڪتا تہ بورچيخاني جو دروازو کليو. بنٽنگ رڙ ڪري زال کي شمع کڻڻ لاءِ چيو. اهي بورچيخاني ۾ گهڙيا پر ڪير بہ اتي نہ هو. پوءِ اوچتو بورچيخاني جو پٺيون دروازو کليو ۽ وري بند ٿي ويو، پر ڪوبہ شخص نہ تہ اندر ايندي نظر آيو ۽ نہ وري ٻاهر ويندي! ٻئي ڄڻا خوف ۾ وائڙا ٿي هڪ ٻئي کي گهوريندا رهجي ويا.

****

سومر جو ڏينهن هو. مسز هال ۽ سندس مڙس سوير اٿيا ۽ ٻئي ڄڻا هڪ خاص قسم جو پنيري شراب ٺاهڻ لاءِ هيٺ تهہ خاني ۾ لهي ويا. اوچتو مسز هال کي ياد آيو تہ هن کي پنير جي شيشي کڻڻ تہ وسري وئي هئي، سو مڙس کي چيائين تہ مٿي وڃي شيشي کڻي اچ. مسٽر هال ڏاڪا چڙهي مٿي آيو ۽ جيئن ئي اجنبيءَ جي ڪمري وٽان لنگهيو تہ دروازو ٿورڙو کليل هو. بهرحال هو اڳيان لنگهي ويو ۽ شيشي کڻي واپس موٽيو تہ ڇا ڏسي تہ ٻاهرئين دروازي جا نٽ بولٽ نڪتل هئا. هن کي ٽيڊيءَ جي ڳالهہ ياد آهي تہ اجنبي ڪو مجرم آهي. هن اجنبيءَ جي ڪمري جو دروازو کولي اندر جهاتي پاتي، پر اجنبي اندر موجود نہ هو. سندس ڪوٽ، ٽوپي، منهن کي ويڙهڻ لاءِ پٽيون وغيره اتي پيل هيون. شيشي اڃا سندس هٿ ۾ هئي ۽ اچرج ۾ بيٺو سوچي رهيو هو تہ اوچتو تهہ خاني مان سندس زال جي هڪل ٻڌڻ ۾ آيس. هو تيزيءَ سان هيٺ ويو ۽ پنهنجي زال کي تفصيل سان سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. مسز هال پڻ حيران ۽ پريشان ٿي وئي. ٻئي ڄڻا مٿي چڙهي آيا. مسز هال اڳيان ۽ مسٽر هال پٺيان اجنبيءَ جي ڪمري طرف هلڻ لڳا. هوءَ ڪمري ۾ گهڙي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ۽ پوءِ بستري کي ڇهي محسوس ڪيائين تہ بسترو ٿڌو لڳو پيو هو. هن کي بستري تان اٿئي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ ضرور

ٿيو هوندو.
اوچتو هڪ عجيب واقعو پيش آيو. بستري تي پيل ڪپڙا ۽ ڪوٽ پاٽمرادو اڇلائجي وڃي پري ڪريا. ٿوبي هوا ۾ اڏامندي هال جي منهن کي اچي لڳي. ڪرسيءَ تي پيل ڪوٽ اڇلجي پري ڪريو ۽ ڪرسي پرواز ڪندي مسز هال تي ڪاهي آئي ۽ ٻنهي کي پنيان ڌڪڻ لڳي. مسز هال پريشانيءَ ۽ حراس وچان دانهون ڪرڻ لڳي. ٿوري ئي دير ۾ ٻئي ڄڻا اڇلجي اچي ٻاهر ڪريا ۽ ڪمري جو دروازو زور سان بند ٿي ويو. ڪجهه وقت ائي لڳو، ڄڻ ڪمري اندر ڪرسيون ۽ بسترو سوپ جو جشن ملهائيندي نچي رهيا هجن ۽ پوءِ ماٺ ڇائنجي وئي.

مسز هال جي حالت تشويشناڪ ٿي وئي. هوءَ بيهوش ٿي هيٺ ڪرڻ لڳي ته سندس مڙس کيس ٻانهن کان جهلي ورتو. مسٽر هال ۽ مليءَ، جيڪا سندن دانهون ٻڌي جاڳي پئي هئي، تمام مشڪل سان هن کي هيٺ لاٿو ۽ هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

مسٽر هال حيران ڪن انداز ۾ چيو، "ڪمري ۾ شايد ڀوت يا آتمائون اچي ويون آهن، جو ڪرسيون ۽ ٻيو سامان هوا ۾ خودبخود اڏامي رهيو هو. ان بابت مون اخبار ۾ پڙهيو هو." هن پنهنجي زال کي دوا جا چند ٽيپا وڏيڪ پيئڻ لاءِ چيو.

"ان کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. ان کي ٻاهر اچڻ نه ڏيو. اهو جادو آهي يا ڀوت، ان کي بند ڪري ڇڏيو." مسز هال اڏوڪاري انداز ۾ چيو، "اهي نيرا عينڪ جا شيشا، منهن ويڙهيل، چرچ ۾ نه وڃڻ، هن واقعي ڪرسيءَ ۽ ڪپڙن ۾ آتمائون وجهي ڇڏيون آهن. اها اها ڪرسي آهي، جنهن تي منهنجي ماءُ ويهندي هئي. جڏهن آئون ننڍي هئس ۽ هاڻي اها مون تي هلان ڪريو پئي اچي." مڙس وري دوا پيئڻ لاءِ چيس ته جيئن ٿورو آرام اچيس.

هنن مليءَ کي موڪليو ته وڃي سئنڊي وئجر کي وٺي اچي، جيڪو هونئن ته لوهارڪو ڪم ڪندو هو، پر جادو ٽوٽي جو به ماهر هو. ماڻهن جي خيال موجب هن کي جادوءَ جي گهٽي ڄاڻ هئي ۽ جلدي ڪونه ڪو ٽوڙ ڪڍي وٺندو هو.

ڪجهه وقت کانپوءِ سئنڊي وئجر اتي موجود هو. هنن چاهيو ٿي ته هو اڳيان ان ڪمري تائين هلي، جتي اهي عجيب حرڪتون پيش آيون هيون. پر سئنڊيءَ کي ڪا حيرت ڪانه هئي. هو ڊيگهه ڪندو ۽ ڳالهائيندو هليو. ايتري ۾ هگزلي، هڪ ٻيو ٻاڙيسري به انهن سان گڏيو. جيئن ئي اهي مٿي ڪمري ڏانهن وڌيا ته ڪمري جو دروازو خودبخود کليو. انهن حيرت وچان بيهي ڏٺو ۽ اجنبيءَ هنن کي عجيب نگاهن سان گهوريندو ٻاهر نڪتو ۽ اچي هنن جي اڳيان بيٺو. هن، انهن کي اشارو ڪيو، "هو ڏسو"

انهن، هن جي آڱر جي رخ ۾ نهاريو. کين پنيري شراب جي بوتل نظر آئي. پوءِ هو تيزيءَ سان هوٽل جي ڊرائنگ روم ۾ گهڙي ويو ۽ زور سان دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

وٺجر چيو، "اها ڪهڙي بيهودگي هئي. آئون وڃي ٿو پڇانس." هن دروازي کي کڙڪايو ۽ اندر داخل ٿي ويو. اجنبيءَ يڪدم ٻاهر نڪتوءِ چيائين، "وڃي ڪڏ ۾ پئو" ۽ وري پنيان دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

****

صبح جو سادي پنجين ڪان وٺي ڏينهن تائين هو پنهنجي ڪمري ۾ بند ويٺو رهيو. هن ڪجهه بہ نہ کاڌو هو. هن ٽي دفعا گهنٽي وڄائي پر ڪير بہ سندس ڪمري ۾ نہ آيو. ڪنهن کي بہ مٿي وڃڻ جي همت نہ پئي ٿي. اجنبي وقت بوقت شيون، گلاس ۽ شيشيون اڇلائي رهيو هو ۽ سيني کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو. وٺجر علائقي جي مئجسٽريٽ وٽ مشوري لاءِ ويو. آهستي آهستي هوٽل ۾ ماڻهن جو هجوم گڏ ٿيڻ لڳو. سڀ پريشان ۽ متجسس حالت ۾ هڪ ٻئي کان آڏا ابتا سوال ڪري رهيا هئا.

اهو سومر جو ڏينهن هو. شايد ڪو تهوار هو! سڀئي ماڻهو سهڻن نفيس ويسن ۾ ملبوس هوٽل اڳيان بيٺا رهيا. اجنبي انڌيري ڪمري ۾ اڪيلو شيون پڇي ۽ گٽل لفظ ڳالهائي رهيو هو. هن کي بک تمام گهڻو تنگ ڪيو. نيٺ ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو ۽ اڳيان بيٺل ماڻهن کي مسز هال کي سڏڻ لاءِ چيائين. ڪو شخص ڊڄندو مسز هال کي ڪوٺڻ ويو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ مسز هال ظاهر ٿي. هن کي خوف بہ هو تہ ڪاوڙ بہ. مسٽر هال ٻاهر هو ۽ سڄي قصي تي ويچاري رهيو هو. مسز هال جي هٿ ۾ هڪ ٽري هئي، جنهن تي بل رکيل هو.

"هي وٺو توهانجو بل." هن چٽي انداز ۾ اجنبيءَ سان مخاطب ٿيندي چيو.

"توهان مونکي ناشتو ڇونہ ڏنو آهي. مون لاءِ ماني ڇو نہ موڪلي ۽ منهنجين گهنٽين جو جواب ڇونہ ڏنو. ڇا آئون بغير کاڌي جي هلندو آهيان؟" اجنبيءَ آواز ۾ شدت پيدا ڪندي چيو.

"توهان منهنجو بل ڇو ادا نہ ڪيو آهي؟" مسز هال موٽ ۾ پڇيس.

"مون ٽي ڏينهن پهرين توهانکي ٻڌايو هو تہ منهنجو مني آرڊر اچڻو آهي." اجنبيءَ جواب ڏنو.

"مون بہ ڏينهن اڳ اوهان کي چيو هو تہ آئون مني آرڊر جو انتظار نہ ڪنديس." مسز هال جواب ڏنو، "تون ناشتي جو انتظار نہ ٿو ڪري سگهين تہ آئون بل جو انتظار ڇو ڪريان؟"

اجنبي قسم ۽ سنهن کڻڻ لڳو تہ واقعي هن جا پئسا اچڻا آهن ۽ هو بل ادا

ڪري ڇڏيندو. پر مسز هال سندس هڪ به نه ٻڌي ۽ چيائين. "پنهنجا قسم پاڻ وٽ رک."

اجنبيءَ هوڏ واري انداز ۾ چيس. "مون وٽ هن وقت ٽڪو به ڪونهي."

مسز هال چيس. "ٻه ڏينهن پهرين ٻه ٽو اها ئي ڳالهه ڪئي هئي. پوءِ چانديءَ جو سڪو ڪٿان آندو هيئي؟"

"نيڪ آهي. آئون ڏسان ٿو متان ٻيو سڪو به پيل هجي." اجنبيءَ نرم انداز ۾ وراڻيو.

مسز هال ضد ڪري بيهي رهي. "نه. مونکي ٻڌاءِ تو اهو سڪو ڪٿان آندو هيئي. آئون معلوم ڪرڻ ٿي چاهيان ته صبح جو تنهنجي ڪمري ۾ ڇا ٿيو هو. ڪرسيون ۽ ڪپڙا هوا ۾ ڪيئن اڏامي رهيا هئا؟ تون اندر نه هئين. پوءِ اندر ڪيئن وئين. مونکي ٻڌاءِ اهو سڀ ڪجهه ڇا آهي؟"

"اجنبيءَ پنهنجو دستانو پهريل هٿ اپو ڪيو ۽ زور سان پير فرش تي هڻي چيائين. "خاموش." هن جي آواز ۾ ايترو ڏهڪاءُ هو جو مسز هال خودبخود خاموش ٿي وئي.

"آئون ڪير آهيان. آئون توکي ٻڌائيندس." هن طنزيه انداز ۾ چيو.

هن پنهنجي هٿ جي تري منهن تي رکي ۽ پوءِ هٽائي ڇڏيائين. جيئن ئي هن هٿ هٽايو. هن جي منهن ۾ هڪ سوراخ نظر آيو. مسز هال دنگ رهجي وئي. اجنبيءَ هن کي ڪجهه هٿ ۾ ڏنو.

مسز هال جڏهن ان کي ڏٺو ته اهو اجنبيءَ جو نڪ هو. جيڪو چمڪي رهيو هو. هن ڪان دانهن ڇڏائجي وئي ۽ نڪ کي اڇل ڏنائين. پوءِ اجنبيءَ پنهنجي منهن تي چڙهيل سڀ پٽيون لاهي ڇڏيو. هن جي ٻوائتي شڪل ڏسي سيئي ماڻهو ڀڄيان هڻڻ لڳا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هو غائب ٿي ويو.

هيٺ ڳوٺ ۾ ماڻهن دانهن جا آواز ٻڌا. مسز هال بيهوش ٿي ڪري پئي هئي. افراتفريءَ جو منظر هو. ملي. بورچيخاني مان دانهون ڪندي ٻاهر نڪتي. شايد اجنبيءَ هن کي ٻاهر ڌڪيلهو ڏنو هو. ڏسندي ئي ڏسندي چاليهه ڪان پنجاهه ماڻهو گڏ ٿي ويا. دڪاندار. عورتون. ڪاريگر. نوڪريءَ وارا. ٻار سڀ وائڙن وانگر هڪ ٻئي کان ان عجوبي جو پڇي رهيا هئا. ڪجهه ماڻهن مسز هال کي سنڀاليو ۽ هن کي هوش ۾ آڻڻ لڳا.

عجيب منظر هو! هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا تاثر هئا. جن بيئي اهو سڄو منظر ڏٺو. سي مجسمر ٿي بيٺا رهيا ۽ ويچاري رهيا هئا ته ڪٿي هو ڪو ٻوائتو خواب ته نه ڏسي رهيا آهن!

ملي تمام گهڻي پريشان هئي. هن ڏٺو ته بورچيخاني ۾ چاقو پاڻ ئي پاڻ مٿي ڪڇيو ۽ ان سان هڪ ڊبل روٽي پڻ مٿي ڪڇي!

تماشبين قطارون ڪري بيٺا هئا ۽ جيترا هئا وات اوتريون هيون ڳالهيون. هنن ڪي ڪيتريون ئي شيون هوا ۾ پرواز ڪندي نظر آيون. سيني کي خوف به هو ته متان ڪا شيءِ اڇلائجي اچي ڪين نه لڳي. ٿوري دير ڪانپوءِ مسٽر هال ڪجهه قدر اعتماد سان اندر داخل ٿيو. هن سان گڏ وڄجر ۽ ڳوٺ جو پوليس سپاهي بوبي جيفرز هو. سپاهي پريان ڪان رڙيون ڪندو آيو، "پري ٿيو ڪٿي آهي، آئون ڪيس گرفتار ڪندس." مسٽر هال تيزيءَ سان مٿي ويو. زور سان دروازو کوليندي بوبيءَ کي چيائين، "تون پنهنجو ڪم ڪر."

سپاهي اندر داخل ٿيو. هن پٺيان هال ۽ ان جي پٺيان وڄجر. جيئن ئي اهي اندر داخل ٿيا ته هنن کي ڪمري جي جهڪي روشنيءَ ۾ بغير سسيءَ جي جسم نظر آيو. سندس هڪ هٿ ۾ ڊبل روٽي ۽ ٻئي ۾ مکڻ هو. مسٽر هال، سپاهيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو، "هي آهي اهو."

ايتري ۾ ان جسم ڳالهايو، "ڪهڙي مصيبت آهي؟" هن جي ڪالر مان زوردار آواز آيو.

"تون انتهائي بيهودو ۽ بدتميز ڳراهڪ آهين. مون وٽ تنهنجي گرفتاريءَ جو پروانو آهي. آئون توکي ٽاڻي تي وٺي ويندس."

ان جسم رڙ ڪئي، "مون کان پري هٽ."

اوچتو ان اجنبيءَ ڊبل روٽي ۽ مکڻ اڇلايو. سپاهي بنا دير جي اڳيان وڌيو. ٻهرين ڪرائيءَ ڪان ۽ پوءِ ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ڳچيءَ ۾ زور سان جهڙپ ڏئي هٿ وڌائين. اجنبيءَ زور سان چنبو واهي ڪڍيس، جنهن تي سپاهيءَ ڪان رڙ نڪري وئي، پر پنهنجي پڪڙ کي ڍرو نه ڪيائين. مسٽر هال چاقو اڇلائي وڄجر کي ڏنو، جنهن گول ڪيپر وانگر ان کي جهٽيو. سپاهي ۽ اجنبي ٻکين پئجي ويا. گس ۾ ڪرسي پيل هئي، جنهن سان وچڙجي ٻنهي گڏ وڃي ڦهڪو ڪيو. سپاهيءَ رڙ ڪري چيو، "ٽنگن کان جهليوس."

مسٽر هال تيزيءَ سان اڳتي وڌيو ته جيئن هن جي پيرن کي جهلي، پر اوچتو هن کي پاسرائين ۾ زور سان لت لڳي ۽ وڃي پري ڪريو. اجنبي، سپاهيءَ کي دسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ آواز آيو، "آئون پاڻ کي اوهانجي حوالي ٿو ڪريان." هو اٿي بيٺو. اهو عجيب ٿي لڳو ته هوا مان آواز پئي آيو. هن جي سسي ۽ هٿ ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿي آيا. پوءِ سپاهي به مٿي اٿيو ۽ ور مان هٿ ڪڙي ڪڍي اڳيان ڪيائين.

ان جسم تي ٻهريل ڪپڙن جا بيڙا خود بخود کلڻ لڳا. پوءِ اهو هيٺ جهڪيو. ائين ٿي لڳو ته خالي ڪپڙا هجن. مسٽر هگزلي رڙ ڪري چيو، "ڪپڙن ۾ ڪجهه به نه آهي." هاڻي ته ڪمرو ماڻهن سان ڀرجي

خوبصورتتا."

"هي گهڻيا ۽ واهيات قسم جا بوٽ آهن." آواز آيو.

تامس کلهن کان ڪنڌ ڦيرائي پنيان ڳالهائيندڙ جي بوٽن کي ڏسڻ چاهيو. پر اتي ته ڪير به ڪونه هو! هن چئني طرف ڏٺو پر ڪو شخص نظر نه آيس.

"اڙي تون آهين ڪٿي؟" هن حيرت مان پڇيو. پوءِ پاسي ۾ بينل بوڙن ۾ ڪجھ چرپر محسوس ڪيائين.

"خبر نه آهي ته ڇا ماجرا آهي؟ ڪٿي آئون نشي ۾ ته نه آهيان يا خواب ته نه ڏسي رهيو آهيان. هي آواز ڪنهن ٻئي جو هو يا پاڻ سان پئي ڳالهايم؟"

"اڙي پريشان نه ٿي." آواز وري آيو.

تامس پريشانيءَ جي حالت ۾ اتي بيٺو ۽ ڏاڍيان پڪاريائين. "تون آهين ڪٿي؟ نظر ته اچ."

" پر ڪو به جواب نه مليس. چوطرف خاموشي ڇانئيل هئي.

"پريشان نه ٿيان ته ٻيو ڇا ڪريان!" تون آهين ڪٿي؟" ڪجھ وقت کان پوءِ وري چيائين. "ڪٿي زمين ۾ دفن ٿيل ته ڪونه آهين؟" پر ڪو آواز نه آيس. هو پيرين اگھاڙو وائڙو ٿيو بيٺو هو. هن جو جنڪڻ هيٺ زمين تي ڪري پيو.

"اجھو آئون آهيان." آواز آيو.

هن هيٺ، مٿي، اتر، اولھ، اوبر ۽ ڏکڻ نهاريو پر ڪجھ ڏسڻ ۾ نه آيس. لڳي ٿو ته مونکي نشو چڙهي ويو آهي." هن پٽڪيو ۽ پوءِ هن ڪوٽ ڪٽي پاتو ۽ ان جا بٽڻ بند ڪرڻ لڳو.

"نه، تون نشي ۾ نه آهين." آواز وري آيو، "تون حوصلو رک."

هن جو چهرو هٻڪو ٿي ويو. هن جي وات مان ساڳيا لفظ نڪتا، "واقعي آئون نشي ۾ آهيان." هو پنهنجي جاءِ تي بيٺي بيٺي اڳتي پوئتي ٿيڻ لڳو، "آئون قسم کڻي سگهان ٿو ته مون آواز ٻڌو آهي." هن پنهنجو پاڻ کي چيو.

"ها، واقعي تو آواز ٻڌو آهي." هوا مان جواب آيو. هن پنهنجين اکين کي بند ڪري ڇڏيو ۽ هٿ مٿي تي رکي سوچڻ لڳو. اوچتو ڪنهن سندس ڪالر کان پڪڙي هن کي ڇڪيو. هو وڌيڪ پريشان ٿي ويو.

"اڙي چريو نه ٿيءُ." آواز آيو.

لڳي ٿو ته آئون واقعي چريو ٿي ويو آهيان يا ته ڪي جن ڀوت مونکي تنگ ڪري رهيا آهن."

"هڪ منٽ." آواز آيو ۽ هن کي ڇاتيءَ ۾ آڱر لڳڻ جو احساس ٿيو، "تون سمجهين ٿو ته آئون خيالي وجود آهيان ۽ فقط هڪ خيالي آواز."

تامس ڪياڙي ڪنڌي وراڻيو، "ٻيو وري تون ڇا آهين؟"

پوءِ بيٺي ئي بيٺي هڪ پٿر زمين تان

متي ڪڇيو ۽ ائين ڪنهن زور سان اچلائي هن کي هنيو. پٿر هن جي ڪن ڪان ذري گهٽ گسي ويو. هو جهٽپ ڏئي پنهنجي جاءِ تان هٽيو. وري بيو پٿر ڏانهس آيو. هاڻ تہ ٿامس رڪيو ڪڙين تي زور ۽ پڇڻ لڳو. اوچتو ڪا شيءِ اڳيان آيس ۽ هو گوڏن ڀر هيٺ وڃي ڪريو.

"اڇا سمجهين ٿو تہ آئون خيالي وجود آهيان؟" آواز آيو.

ٿامس متي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وري ڌڪجي ويهي رهيو.

"جيڪڏهن وري اٿڻ جي ڪوشش ڪيئي تہ پٿر متي ۾ هٽندوسئين." آواز چيو.

هن کي پير جي آڱوٺي ۾ پٿر لڳو هو. هو آڱوٺي ۾ هٿ وجهي وينو هو ۽ پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. "عجيب ڳالهہ آهي! پٿر پاڻ پيا اڏامن. پٿر پيا ڳالهائين!"

ان وقت کيس هڪ پٿر وري هوا ۾ اڏامندي نظر آيو. جيڪو ڪجهہ دير ڪان پوءِ اچي زمين تي ڪريو.

"اڙي آسان ڳالهہ آهي. آئون نظر نہ ايندڙ انسان يعني غائب انسان آهيان." آواز آيو.

" اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌائي، جنهن جي مونکي خبر نہ هجي. تون ڪٿي لڪل آهين ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿو ڪري سگهين؟ مونکي تہ لڳي ٿو تہ آئون چريو ٿي ويو آهيان." ٿامس سوز ڀرئي آواز ۾ چيو.

"اڙي گهڻو ڇو ٿو ڳالهائين؟ اهو ڪافي نہ آهي تہ آئون ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ماڻهو آهيان."

"آئون ڪيئن مڃيان؟ تون آهين ڪٿي، مونکي ڏس."

"اجهو ڇهہ فوٽ تنهنجي اڳيان."

"ٿامس ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو.

"آئون ايترو بيوقوف نہ آهيان ٿوري دير ڪانپوءِ چوندين تہ تون هوا ۾ آهين. پوءِ ڇا آئون اعتبار ڪندس؟"

"ها. آئون شفاف هوا وانگر آهيان جنهن مان تون منهنجي آرپار ڏسي سگهين ٿو. پر آئون انسان بہ آهيان. مونکي جسم آهي. آئون کائيندو پيئندو آهيان. ايستائين جو اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا پڻ پائيندو آهيان. پر حقيقت اها آهي تہ آئون نظر نہ ايندو آهيان." آواز کيس پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

"واقعي! تون حقيقي انسان آهين؟"

"ها. واقعي مان حقيقي انسان آهيان." کيس جواب مليو.

"جيڪڏهن واقعي حقيقي انسان آهين تہ پوءِ مونکي هٿ ڏي." ٿامس زور ڀرينديچيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ٿامس محسوس ڪيو تہ ڪنهن شخص سندس هٿ جهليو آهي ۽ زور ڏئي رهيو آهي. هو گهڻو حيران ٿي ويو.

"آئون واقعي انسان آهيان." آواز آيو.

"پوءِ تون ان حال ۾ ڇو آهين؟" ٿامس وائڙو ٿيندي پڇيس.

آواز آيو. "تون ان ڳالهه کي ڇڏي ڏي. مونکي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي. آئون وڏي مصيبت ۾ ڦاسي ويو آهيان. آئون توکي ڏسي هتي بيهي رهيس، نہ تہ آئون مارجي وڃان ها."

"ٺيڪ آهي، پر آئون تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري ٿو سگهان؟" ٿامس پڇيس.

"مونکي ڪپڙا ۽ پناهہ گهرجي." ڪيس نماڻو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"اڙي منهنجي جند ڇڏ. آئون اڳيئي پيو پنان، پيو مٿان منهنجو پير زخمي ڪري ڇڏيو اٿئي. اها ڪا شرافت آهي. عجيب ڳالهه آهي. الائجي آسمان مان آواز پيو اچي، پٿر پيا وسن، الائجي ڇا آهي؟"

"تون ئي منهنجي مدد ڪندين. مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. آئون ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچان ان لاءِ مونکي گهٽي طاقت آهي ۽ آئون تو لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهان ٿو." غيبي آواز آيو.

"واهه واهه! ڦري وڃين تہ پوءِ؟" ٿامس پڇيو.

"نہ، آئون ڦرندس ڪونہ، پر جيڪڏهن تون منهنجي چوڻ تي هلين تہ..." آواز تصديق ڪئي.

"ٺيڪ آهي، آئون تنهنجي مدد لاءِ تيار آهيان. هاڻي ٻڌاءِ تہ مونکي ڇا ڪرڻو آهي؟" ٿامس راضي ٿيندي چيو.

****

اپنگ ڳوٺ جي علائقي ۾ هاڻي ڪجهہ قدر سنجيدگي محسوس ٿي رهي هئي. لامذهب ۽ ٻيا سلجهيل ماڻهو علائقي ۾ ٿيندڙ واقعي کي مذاق سمجهي رهيا هئا. انهن جي حساب ڪتاب ۾ ڪنهن انسان جو وجود هئڻ ۽ اهو طبعي اکين کي ڏسڻ ۾ نہ اچڻ ممڪن نہ هو. جن ماڻهن اهو منظر هوٽل ۾ پنهنجين اکين سان ڏٺو هو، اهي ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورا هئا. انهن منجهہ بہ جيڪي اهم شاهد هئا، اهي منظر عام تي نہ هئا. وئجر پنهنجي گهر ۾ بند ويٺو هو. سپاهي اجا تائين هوٽل ۾ حيران ۽ پريشان ليٽيو پيو هو. ماڻهو آهستي آهستي معمول واري زندگيءَ ڏانهن اچي رهيا هئا. هن جي خيال ۾ تہ اهو اجنبي شخص هتان هليو ويو هو ۽ شايد وري ڪڏهن بہ واپس نہ ايندو. هڪ دفعو ٻيهر علائقي جون رونقون بحال ٿي ويون.

آچر جو ڏينهن هو. اسڪولن کي موڪل هئي. سڀئي ماڻهو پنهنجن گهرن اڳيان نهيل اڳڻ ۾ ويٺا هئا. ڪي چانهہ پي رهيا هئا تہ ڪي ناشتو ڪري رهيا هئا. ٻار ڊوڙي ۽ راند ڪيڏي رهيا هئا. آچر انهن لاءِ مقدس ڏينهن هو. ان لاءِ نوان ۽ عمده ڪپڙا پهري وٽندڙ خوشبوءِ لڳائي ڪافي

ماڻهو گرجا گهر ڏانهن وڃي رهيا هئا. مسٽر هگزٽر پنهنجي تماڪ جي دڪان ۾ ويهي دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو هو.

اوچتو هن کي ڪو اجنبي شخص ڏسڻ ۾ آيو. عجيب قدامت جو شخص، مشڪرن جهڙي ٽوپي پائي وڏا وڏا ساهه پريندو. پريشانيءَ جي حالت ۾ اچي چرچ وٽان گذريو. ڪجهه وقت هيڏانهن هوڏانهن نهاري وري هارسز ۽ ڪائوچ هوٽل ڏانهن وڌيو. گس ۾ ناريل ڪپائڻ وارو مليس، ان کان ناريل وٺي ان جو پاڻي جانورن جيان پيئڻ لڳو. پوءِ اچي هوٽل وٽ بيٺو. پنهنجو پاڻ سان بحث ڪري رهيو هو ته آيا هو هوٽل ۾ اندر گهڙي يا نه. بهرحال، ڪجهه وقت اتي بيهڻ کانپوءِ هو نيٺ ڏاڪڻ چڙهي اندر داخل ٿيو. مسٽر هگزٽر اهو سڄو منظر دڪان جي دريءَ مان ڏسي رهيو هو. اهو شخص جيئن ئي هوٽل ۾ گهڙيو ته پاسي کان هڪ ڪمري جو دروازو کولي ان ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪيائين. ان تي مسز هال رڙ ڪري چيس، "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اهو پرائيويٽ ڪمرو آهي."

ان شخص دروازي کي بند ڪيو ۽ وراندي ۾ گهڙي ويو. ڪجهه وقت کانپوءِ پنهنجا چپ هٿ جي پٺئين حصي سان اگهندو ٻاهر نڪتو. هاڻي هو ڪجهه پرسڪون محسوس ٿي رهيو هو. هوٽل مان نڪري هن مٿي ٽڪرين ڏانهن منهن ڪيو. اڳيان هلي هڪ جڳهه تي ويهي رهيو ۽ کيسي مان پائيپ ڪڍي ان کي دکايائين ۽ وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳو. اجا ڪجهه ئي ڪش هنيان هئائين جو وري ان کي اجهائي تيزيءَ سان هلڻ لڳو. مسٽر هگزٽر، جيڪو اهو سڄو منظر پنهنجي دريءَ مان ڏسي رهيو هو، ان سمجهيو ته شايد هي ڪو چور آهي، سو ٽپو ڏئي دڪان مان نڪتو ۽ رڙيون ڪندو هن جي پٺيان لڳو، "اڙي بيهه، تون چور.." هو اجا ٿورو ئي اڳيان ويو هوندو جو هن کي محسوس ٿيو ته ڪنهن هن جي ڳچيءَ کي زور سان پڪڙيو هجي ۽ پوءِ هو بجاءِ زمين جي، هوا ۾ چڙيون هڻڻ لڳو. هن کي سڄي دنيا پنهنجي اڳيان گهمندي نظر اچڻ لڳي.

****

جيڪي ڪجهه به ان هوٽل ۾ ٿيو هو ان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته شين جو سري کان جائزو وٺجي. ڊاڪٽر ڪس ۽ پادري بنٽنگ هن وقت هوٽل ۾ موجود هئا ۽ مسز هال جي اجازت سان ان اجنبي شخص جي ڪمري ۾ پيل سامان جو جائزو وٺي رهيا هئا. سپاهي به هوش ۾ اچي ويو هو، جنهن کي سندس دوست گهر وٺي ويا. مسز هال سڄي ڪمري جي صفائي ڪري ڇڏي. اتي ڊائري پيل هئي. ڊاڪٽر ڪس ان ميز ڏانهن ويو ۽ ان ڊائريءَ کي کڻي جائزو وٺڻ لڳو.

ڊاڪٽر ڪس رڙ ڪري پادري بنٽنگ کي ٻڌايو، "هتي هڪ ڊائري پئي

آهي. هاڻي اسانکي ڪجهه نه ڪجهه معلومات ضرور ملندي." هو ڪرسيءَ تي ويهي ان کي پڙهڻ لڳو. پر چا ڏسي ته ان ۾ سواءِ انگن جي بيو ڪجهه به لکيل نه هو. ڊائريءَ جا ورق اٿلائي ڏٺائين. پر روسي، فرانسيسي ۽ يوناني ٻولين جي حرفن ڪانسواءِ ڪجهه به نظر نه آيس.

"هن ۾ ته ڪجهه به نه آهي!" هن مايوسيءَ واري انداز ۾ پادري بنٽنگ سان مخاطب ٿيندي چيو.

پادري بنٽنگ پنهنجي کيسي مان عينڪ ڪڍي ۽ ان کي اگهڻ لڳو. "ها هي ته يوناني ٻولي آهي. ان مان اسانکي اشارو ملي سگهي ٿو." هن ڊاڪٽر ڪس کي چيو. "پر مونکي يوناني ٻولي وسري وئي آهي. پر خير هڪ جڳهه آهي، جتان اسانکي خبر پئجي سگهي ٿي."

هن پنهنجي عينڪ پاتي ۽ ڊاڪٽر ڪس کي چيائين. "ڊائريءَ کي ڇڏ ۽ مونکي اهي ڪتاب ڏي." هن ڊاڪٽر ڪس کان ڪتاب ورتا ۽ انهن جو جائزو وٺڻ لڳو. اوچتو دروازو کليو ۽ ٻئي ڄڻا تمام گهڻو پريشان ٿي ويا. هڪ اڻڄاتل ماڻهوءَ دروازي تي ٺڪ هڻي اندر اچڻ جي اجازت گهري، پر هنن کيس اجازت نه ڏني. اهو ماڻهو هنن کي گهوريندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

هن جي وڃڻ کانپوءِ ڪس چيو. "ان ماڻهوءَ مونکي بلڪل ڊيڄاري ڇڏيو. هن دروازو عجيب انداز ۾ کوليو هو!"

پادري بنٽنگ اهي لفظ ٻڌي مسڪرائڻ لڳو. ڄڻ هن ڇرڪ نه ڀريو هجي.

"هڪ سيڪنڊ." ڪس چيو ۽ دروازي کي اندران تاڙي ڏئي ڇڏيائين، "هاڻي اسانکي ڪير به پريشان نه ڪندو ۽ نه وري اسانجي ڪم ۾ ڪو رنڊڪ وجهندو."

بنٽنگ هڪ ڪرسي ڪس جي ڪرسيءَ جي ويجهو ڇڪي ۽ ان تي ويهندي چيو. "هڪ ڳالهه واضع آهي، جنهن کي جهٽلائي به نه ٿو سگهجي ته ڪجهه ڏينهن کان وٺي اپنگ ڳوٺ ۾ عجيب و غريب واقعا ٿيندا رهيا آهن. جيتوٽيڪ آئون ان ڏسڻ ۾ نه ايندڙ شخص جي فلسفي کي بلڪل نه ٿو مڃان."

"واقعي مونکي به اعتبار ته ڪونه ٿو اچي!" ڪس هن جي ڳالهه کي هٽي ڏيندي چيو. "پر حقيقت واضع آهي. چاڪاڻ ته جيڪي ان هوٽل ۾ ٿيو آهي، اهو مون پنهنجين اکين سان ڏٺو هو."

"واقعي تو ڏٺو هو ۽ توکي پڪ به آهي." بنٽنگ ٿورو زور ڏيندي پڇيو. "فرض ڪر هڪ آئينو آهي، ان جي اڳيان فريب نظر کي آسانيءَ سا سمجهي ۽ سمجهائي سگهجي ٿو." مسٽر بنٽنگ دليل ڏيڻ واري انداز ۾ چيو.

"بهرحال آئون دليلن ۾ وڃڻ نہ ٿو چاهيان." ڪس جواب ڏنو. "اچ تہ هنن ڪتابن کي ڏسون. ها، هي يوناني ٻوليءَ جا لفظ آهن." هن صفحي جي درميان آگر سان اشارو ڪندي چيو. بنٽنگ ويجهو ٿي ان کي غور سان ڏسڻ لڳو. شايد هن جي عينڪ سان ڪجهہ مسئلو هو. اوچتو هن کي ڪياڙيءَ ۾ ڪنهن شيءَ جي ڇهڻ جو احساس ٿيو. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪرڻ گهريو، پر ڪنهن اڻڏٺل قوت هن جي ڪنڌ کي مٿي ٿيڻ نہ ڏنو. اهو احساس تجسس برپا ڪندڙ هو. ڪو مضبوط هٿ، جنهن هن جي ڪنڌ کي ڏکي ميز سان هنيو.

"اڙي بندرا! چرپر نہ ڪر." غيبي آواز آيو. "نہ تہ آئون ٻنهي جو مٿو ڦٽي ڇڏيندس."

پادري بنٽنگ، ڪس ڏانهن نهاريو. ٻنهي جي چهري مان حيرانگي واضع نظر اچي رهي هئي.

"مونکي تنهنجي ڪنڌ ڪان ائين پڪڙڻ برو بہ لڳي ٿو، پر منهنجي لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي." ان غيبي آواز ٻيهر ڳالهايو.

"توهانکي ڪنهن محقق جي ڪمري ۾ گهڙڻ جي جسارت ڪيئن ٿي؟ اهو منهنجي لاءِ ناقابلِ برداشت آهي." غيبي آواز ڪاوڙ ۾ چيو.

پوءِ هڪ ٿي وقت ٻنهي جا مٿا اچي ميز سان ٽڪريا ۽ ٻنهي جي وات مان ڏند پڇي ٻاهر اچي ڪريا.

"توهانکي اهو ڪنهن سيکاريو آهي تہ ڪنهن شخص جي ذاتي ڪمري ۾ گهڙي شين جو اپياس ڪريو؟" آواز ٻيهر آيو ۽ هڪ دفعو وري ٻنهي جا مٿا ميز سان زوردار آواز ڪندي ٽڪرايا.

"منهنجا ڪپڙا ڪٿي رکيا اٿن؟" آواز رعبدار انداز ۾ پڇيو. "ٻڌو! دريون ۽ در بند آهن ۽ چاٻي مون وٽ آهي. ڏسو! منهنجي هٿ ۾ ڪپ (چاقو) پڻ آهي ۽ توهان منهنجي نشاني تي آهيو. ڪير بہ مونکي ڏسي نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن آئون چاهيان تہ اوهانکي ماري هتان ڪسڪي وڃان. ڪنهن کي خبر بہ نہ پوندي، پر آئون ائين ڪندس ڪونہ. هن ڪمري ۾ اچڻ کان اڳ منهنجو خيال هو تہ ڪمري ۾ ڪير بہ نہ هوندو ۽ هر ڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي موجود هوندي، پر ائين آهي ڪونہ." اجنبيءَ جو آواز آيو. "هاڻي جيئن آئون چوان ٿو، تيئن اوهان ڪندو، تہ اوهان کي ڇڏي ڏيندس...نہ تہ ...."

ٻنهي هڪ ٻئي جي منهن ۾ نهاريو ۽ پوءِ هاڪار ۾ جواب ڏنو. پوءِ اجنبيءَ هٿ ڍرا ڪيا. ڪس ۽ بنٽنگ ڪنڌ کي مهٽيندي مٿي اٿيا.

"پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويٺا رهو ۽ ڪوبہ هل هنگامو برپا نہ ڪريو. جيتوڻيڪ ڏينهن ڪافي گرم آهي، پر شام ٿيڻ سان سردي موٽي ايندي. ان لاءِ مونکي ڪپڙا

گهرجن. آئون صفا ننڍو پيو قران ۾ منهنجا ٽيئي املهہ ڪتاب..!" آواز سنجيدگيءَ سان چيو.

****

هن بيان کي جاري رکڻ ڪانسواءِ ڪو چارو نہ آهي. ان جو سبب واضع آهي، جيڪو اڳئين مضمون ۾ سمايل آهي. مسٽر هگزٽر، مارول کي ٻاهر پائيپ جا سوٽا هڻندي ڏسي رهيو هو. مسٽر هال ۽ ٽيڊي، ڳوٺ ۾ ٿيندڙ عجيب واقعن تي گفتگو ڪري رهيا هئا. سندن انداز حيرت پريو هو. اوچتو دروازي سان ڪا شيءِ زور سان ٽڪرائي ۽ هوٽل جي اندران ڪنن جا پڙدا ڦاڙيندڙ تيز رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ پوءِ وري خاموشي ڇانئجي وئي. ٽيڊي، مسٽر هال کي متوجهہ ڪندي چيو، "رڙ ٻڌئي؟"

هال هاڪار ۾ جواب ڏنو. ٻئي ڄڻا هوٽل اندر داخل ٿيا. اندر هنن کي ڪيميائي مادن جي عجيب ڏپ محسوس ٿي ۽ پڻ پڻ جو آواز پڻ. اهي اڇي اجنبيءَ واري ڪمري وٽ بينا ۽ آهستي ٺڪ ٺڪ ڪيائون. سس پس جو آواز گهڙي ڪن لاءِ بند ٿي ويو، پر ٿوري دير ڪانپوءِ وري هلڪي آواز ۾ گفتگو شروع ٿي وئي. ڪرسين جي سرڻ جو آواز واضع ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو.

ٽيڊي وائرو ٿي پڇيو، "ڇا ماجرا آهي اندر؟"

اندر ٻنٽنگ ۽ ڪس پاڻ ۾ عجيب گفتگو ڪري رهيا هئا. مسٽر هال در کي ڪن ڏئي گفتگو ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اندر فقط "تون صحيح آهين. نہ ائين نہ، چلو درست آهي." جهڙا آواز اچي رهيا هئا. اوچتو مسز هال اچي نڪتي ۽ مڙس کي دڙڪا ڏيڻ واري انداز ۾ چيائين، "سارو ڏينهن ڪو ڪم اٿئي؟" مسٽر هال هن کي گهٽائي اشارا ڪيا تہ ماٺ ڪر، پر مسز هال نيٺ رڙ ڪري وڌي. ٽيڊيءَ هن کي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. مسز هال غور سان ڪن ڏئي ٻڌو تہ هن کي بہ ڊاڪٽر ڪس ۽ پادري ٻنٽنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڪافي وقت تائين هو اتي بيهي اها عجيب گفتگو ٻڌندا رهيا. هوٽل جي پاسي کان هگزٽر جو دڪان هو. اوچتو هو ٽپو ڏئي پنهنجي دڪان مان نڪتو ۽ چور چور ڪندي گرجا گهر ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ جو رخ ڪيائين. ساڳئي وقت ڪمري جي دري کلي ۽ زور سان واپس بند ٿي وئي. ٽيڊي، مسٽر هال ۽ سندس زال کي لڳو تہ پاسي مان ڪا شيءِ گذري وئي هجي. گهٽيءَ ۾ ڪافي ماڻهو چور چور ڪندا مارول جي پٺيان ڀڄڻ لڳا. انهن سمجهيو تہ شايد اهو ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ماڻهو آهي، جيڪو هن وقت طبعي صورت ۾ آهي. مسٽر هال ۽ سندس بہ نوڪر بہ گهٽيءَ ۾ ڊوڙڻ لڳا. اوچتو هال رڙ ڪئي. هو هوا ۾ مٿي ٽنگيو پيو هو. پوءِ هن کي زوردار ٿڏو لڳو ۽ هو پنهنجن ٻنهي نوڪرن

سان گڏ وجي زمين پيڙو ٿيو. ماڻهو چوڌطرف گڏ ٿي ويا. هڪ ناريل ڪپائيندڙ شخص ۽ سندس ياءُ بہ اتي اچي نڪتا. اوچتو ڪنهن سندس پيرن ڪان جهلي اونڌو مٿي ڪنيو ۽ گهمائڻ لڳو ۽ پوءِ پري وجي ڦهڪو ڪيائين. بيئل ماڻهو حيران بہ هئا تہ هنن تي ڪلي ٺٺولي بہ ڪري رهيا هئا. مسز هال اجا تائين پنهنجي هوٽل ۾ بيٺي هئي. اوچتو دروازو کليو ۽ ڪس دانهون ڪندو ٻاهر نڪتو، "ان کي پڪڙيو. متان ويو اٿوَ. ان منهنجي سلوار ۽ بنٽنگ جا سمورا ڪپڙا ڪنيا آهن. هن ڪان اها هڙ ڦريو." هو دانهون ڪرڻ لڳو. اوچتو هو ٽنگن کان مٿي ڪڇيو ۽ زمين تي وجي ڌوم سان ڪريو. پوءِ ڪنن جي پنيان زوردار ٿاڦ لڳس. هو اتي تيزيءَ سان هوٽل ڏانهن ڀڳو. اهو منظر ڏسي سپ ماڻهو واپس ڳوٺ ڏانهن ڀڄڻ لڳا. جيئن ئي هو هوٽل ڏانهن ڀڳو، هن کي پنيان ڪاوڙ ۽ غصي سان ڀريل هڪلون ٻڌڻ ۾ آيون،

"هتان ڀڄي وڃ. وري نہ اچجان."

"هو چريو ٿي ويو آهي. اسان سڀني کي اڦٽ ماري ڇڏيندو." ڊاڪٽر ڪس ٿڙيل انداز ۾ پادري بنٽنگ کي چيو، جيڪو بنا ڪپڙن جي دريءَ جي پر ۾ بيٺو هو.

بنٽنگ پڇيس، "ڪير پيو اچي؟"

" اڙي ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ماڻهو! شايد اچ پاڻ نہ بچنداسين. اڙي ڀڄ هتان." هو واپس هوٽل ڪان هيٺ لٿو ۽ جيترو تيز ڊوڙي سگهيو ٿي، ڳوٺ ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. جيئن جيئن اجنبيءَ جي رڙين جو آواز ڪنن تي ٿي پيس ٿي تہ هن جي رفتار ۾ ويتر تيزي اچي ٿي وئي.

ڳوٺ جي گهٽين ۾ ماڻهو خوف ۽ حراس جي حالت ۾ ڊوڙندي نظر اچي رهيا هئا. درن ۽ درين جي بند ٿيڻ جا زوردار آواز اچي رهيا هئا. اجنبي گهرن جي درين جا شيشا ٽوڙي ۽ خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏئي رهيو هو. هن فون وغيره جي تارن کي ڪپي ڇڏيو هو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ چوطرف خاموشي ڇانئجي وئي. پر ڪهڻ ۾ گهڻ پن ڪلاڪن تائين ڪنهن بہ شخص کي ٻاهر نڪرڻ جي همٿ نہ ٿي.

****

برمبل هرسٽ طرف ويندڙ رستي جي ڪناري تي هڪ بندرو ماڻهو هٽ ۾ ٽي ڪتاب ۽ هڪ هڙ ڪنيو بيٺو هو. هر طرف خاموشيءَ جا آثار هئا. هن جي چهري مان ٿڪاوٽ ۽ پريشاني ظاهر ٿي رهي هئي. هن کي ڪنهن نظر نہ ايندڙ ماڻهوءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. وقت بوقت هن پنهنجن ڪلهن تي ڪنهن جي هٿن جو ڇهاءُ محسوس ٿي ڪيو.

"مون ڪان ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪجان." آئون ٻڌايان ٿو تہ وري مونکي دوکو ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪجان." ان آواز مارول کي رعبدار انداز ۾ چيو.

"سائين! اهو منهنجو ڪلهو آهي، ڪو ڪپڙو نہ آهي، جنهن ڪي هيتري وقت کان نپوڙيندو پيو اچين." مارول درد محسوس ڪنديءچيو.

"اڙي! واقعي، پر لڳي ٿو تہ آئون توکي ماري ختم ڪري ڇڏيندس." آواز آيو.

"مون، توکي دوکو ڏيڻ نہ پئي چاهيو. نہ ڏنم ۽ نہ وري ڏيڻ چاهيان ٿو." مارول چيو، "خبر نہ آهي تہ ڇو اهي خيال تنهنجي ذهن ۾ آيا آهن! جيڪڏهن آئون ائين ڪريان ها تہ ڇا تون، مونکي ڇڏي ڏين ها ؟"

"تنهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيان ها." پوءِ ڏياريندڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيو، "آئون نظر نہ ٿو اچان، ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ آئون ڇا پيو ڪريان ۽ اڳتي ڇا ڪندس. سڀ ماڻهو منهنجي خلاف آهن ۽ مون کان ڊنل بہ آهن. سياڻي جي اخبارن ۾ منهنجي باري ۾ عجيب ڪهاڻيون هونديون. فقط تون ئي آهين، جيڪو منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو ۽ توکي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. هر صورت ۾، سمجهيئي." آواز وڌيڪ زور سان چيو.

"تنهنجي ڳالهہ بلڪل درست آهي، پر مون ۾ تنهنجي ڪم اچڻ جي اهليت نہ آهي. آئون تمام گهڻو ڪمزور ۽ ابوجهہ ماڻهو آهيان." مارول ڊنل آواز ۾ وراڻيو.

"نہ، تون ڪمزور نہ بلڪ بيوقوف آهي ۽ آئون تنهنجي ان بيوقوفيءَ جو پورو پورو فائدو وٺندس." مارول کي آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"آئون چاهيان ٿو تہ تون منهنجي جند ڇڏين تہ وڃي پنهنجي ڌنڌي جي ڪريان. خواهمخواهہ پاڻ کي ۽ مونکي ذليل اچي ڪيو اٿئي." مارول ٿوري همت ٻڌندي چيو.

"زبان کي لغام ڏي نہ تہ ٻانهن کي ڇڪي اهڙي سٽ ڏيندوسئان، جو رڙيون ڪندو وتندين." آواز ڌمڪي ڏيندي چيس، "هاڻي جيئن چوان ٿو تيئن ڪر. منهنجو هٿ تنهنجي ڪلهي تي هوندو. رات ٿيندي پئي وڃي ۽ اونده جا آثار واضع آهن. تون ڳوٺ مان وڃان وڃان هلندو رهہ."

مارول ويچارو بي يارو مددگار، لاچار، حڪم جي تعميل ڪندو ڳوٺ جي گهٽين وچان گذرندو، گهرن کان پريرو، اونده ۾ هليو ويو.

****

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير مارول بندرگاهہ جي ٻاهران هڪ بئنچ تي ويٺل نظر آيو. هن جي ڏاڙهي وڌي ٿي وئي هئي. هن جي چهري تي سفر جي ٿڪاوٽ ۽ اوجاڳي جا نشان هئا. هن جي پرسان ڪتاب ٻڌا رکيا هئا. هو بار بار پنهنجن ڳلن کي ٿڦلائي رهيو هو. هن جا هٿ سندس کيسي ۾ هئا. نظر نہ ايندڙ شخص جي منصوبن ۾ ڪا تبديلي آئي هئي. اتان

ڪيترائي ماڻهو گذري رهيا هئا. پر مارول طرف ڪير بہ ڌيان نہ ڏئي رهيو هو. هن کي اتي ويٺي ويٺي هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذري ويو هو. ايتري ۾ هڪ ملاح هٿ ۾ اخبار جهلي اچي هن جي پرسان اچي ويٺو.

"ڪيڏو نہ وڻندڙ ڏينهن آهي." ملاح اخبار کي ڏسندي چيو.

مارول هن کي گهوريندي جواب ڏنو. "ها واقعي ڏاڍو خوشگوار ڏينهن آهي."

ملاح پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چيو. "هيل موسم مڙئي چڱيرڙي رهي آهي." اهو چئي هن ڪيسي مان ڏندڻ ڪڍيو ۽ وات ۾ تيزيءَ سان هلائڻ لڳو ۽ مارول جي حالت تي غور ڪرڻ لڳو. جيڪو انتهائي غريب فقير وانگر نظر اچي رهيو هو. نيٺ هن جي نگاهہ سندس پاسي ۾ رکيل ڪتابن تي پئي. "اڙي ڪتاب!"

"ها. هي ڪتاب آهن." مارول بيزاريءَ سان چيو.

" پر انهن ۾ ڪا خاص ڳالهہ آهي ڇا؟" ملاح تجسس پرئي انداز ۾ پڇيو.

"ها. تمام خاص ڳالهيون." مارول وراڻيو.

"خاص ڳالهيون تہ هن اخبار ۾ بہ آهن. هيءَ اخبار جيڪا منهنجي هٿ ۾ آهي. ان ۾ هڪ عجيب ڪهاڻي ڏنل آهي." ملاح بي صبريءَ سان چيو.

"ها هوندي. مونکي خبر نہ آهي جو گذريل ڇئن ڏينهن کان مون اخبار نہ پڙهي آهي." مارول مايوسيءَ واري انداز ۾ چيو.

هن کي اندازو ٿيو تہ اخبار ۾ نظر نہ ايندڙ اجنبيءَ جي ڪهاڻي ڇپي هوندي.

"عجيب ڪهاڻي! هڪ شخص جي باري ۾ آهي. جيڪو ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي ۽ جنهن ڪمال جا ڪم ڪري ڏيکاريا آهن." ملاح چيو.

"ڪٿي آمريڪا ۾ يا آسٽريا ۾؟" مارول پڇيو.

"هتي. منهنجي مراد هن ڳوٺ مان نہ بلڪ پرپاسي ۾. هن جي شروعات اپنگ ڳوٺ کان ٿي." ملاح تصديق ڪندي چيو.

"پوءِ اهو آيو ڪٿان آهي؟" مارول پڇيو.

"اخبار لکي ٿي تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ هو ڪير آهي. ڪٿان آيو آهي ۽ ڇو آيو آهي. پر هن جي هئڻ لاءِ ناقابلِ ترديد ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن." ملاح تفصيل ٻڌائيندي چيو.

"ٿي سگهي ٿو." مارول ائين جواب ڏنو ڄڻ ڪيس ڪا خبر ئي نہ هجي.

ملاح اخبار ۾ ڏنل ڪهاڻيءَ کي مختصر لفظن ۾ دهرائڻ لڳو. "اهو شخص اپنگ ڳوٺ ۾ هارسز ۽ ڪائوچ هوٽل ۾ ترسيل هو. سندس سڄو جسم ڍڪيل هو. پوءِ جڏهن هن جي ڇهري تي ويڙهيل پٽي ڦاٽي تہ هن جو مٿو غائب ٿي ويو. پوءِ هن پنهنجا سمورا ڪپڙا ڦاڙي اڇلائي ڇڏيا ۽

اکين کان اوجهل ٿي ويو. پوءِ تہ عجيب ماجرا هئي. هن کيترائي ماڻهو زخمي ڪري ڇڏيا آهن. جنهن ۾ ڳوٺ جو سپاهي جيفرز بہ شامل آهي."

"اها تہ هڪ حيرت انگيز ڪهاڻي ٿي". مارول چيو. "اسان تہ زندگيءَ ۾ ڪنهن اهڙي شخص بابت ٻڌو بہ نہ آهي."

"حيرت انگيز شيون اخبار ۾ ايندڙيون رهنديون آهن. اهو شخص تہ ڏاڍو خطرناڪ ٿيو. جيڪڏهن ڏاڙو هٽي تہ ڪنهن کي خبر بہ نہ پوندي. پوليس جي وڏن اٿالن مان ائين گذري ويندو. جيئن آئون يا تون ڪنهن نابين جي اڳيان ڪسڪي ويندا سين." ملاح چيو.

"تون صحيح پيو چوين." مارول هٿ ڪيسي ۾ وجهندي چيو. هن هٿ جي آڱرين سان ڪيسي ۾ پيل سڪن کي ڇهيو. شايد ڳڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"۽ چون ٿا تہ ان شخص هيڏانهن بندرگاه جو رخ ڪيو آهي." ملاح سواليہ انداز ۾ چيو.

مارول هن کي گهوري ڏسي رهيو هو. پوءِ هن پاسو ڏئي ٿورو کنگهيو ۽ وري ويجهو ٿي هن کي چيائين. "مونکي ان نظر نہ ايندڙ ماڻهوءَ جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ آهي." هن جو آواز تمام هلڪو هو.

"واقعي!" ملاح پڇيو. "پوءِ ٻڌاءِ"

اوچتو مارول پنهنجي جاءِ تان ائين اٿيو. ڄڻ هن کي ڪنهن ڪن کان ڇڪي اٿو ڪيو هجي.

ملاح پڇيس. "ڇا ٿيو؟"

"ڪجهہ بہ نہ." مارول جواب ڏنو.

"ها پوءِ تون ڪجهہ ٻڌايو پئي."

ملاح پڇيس.

"ڪجهہ بہ نہ. فقط اهو تہ اها ڳالهہ ڪوڙي آهي. اهڙو ڪوبہ شخص دنيا ۾ وجود نہ ٿو رکي." مارول جواب ڏنو.

"تنهنجو مطلب تہ هيءَ اخبار ڪوڙي آهي؟" ملاح پڇيو.

"ها، بلڪل ڪوڙي آهي." ائين چوندي مارول پنهنجي جاءِ تان اٿي وڃڻ لڳو.

"اڙي وڃين ڪيڏانهن ٿو! مونکي پوري ڳالهہ تہ ٻڌاءِ." ملاح تجسس وچان پڇيس.

"ڪابہ ڳالهہ نہ آهي." مارول وراڻيو.

" ان جو مطلب ٿيو تہ تو مون سان خواهمخواهہ مٿو پئي هنيو." ملاح چڙ ۾ چيو.

مارول تيزيءَ سان اڳيان وڌندو رهيو ۽ ملاح رستي جي وچ ۾ بيٺو هن کي گهوريندي ۽ گهڻ وقت ڳالهائيندو رهيو. "لڳي ٿو تہ دنيا ڳڌهن سان پري پئي آهي." ملاح خود ڪلامي ڪندي چيو.

ڪجہ وقت اتي بيهڻ ڪانپوءِ هن بندرگاه جو رخ ڪيو. گس ۾ هن کي پاڙي جو ٻيو ملاح مليو. جنهن، هن کي هڪ ٻي عجيب ڳالهہ ٻڌائي. هن جي بقول

گس ۾ گرجا گهر جي ديوار جي پرسان هن کي ڪجهه پئسا ڏسڻ ۾ آيا. هن جهٽ ڏئي پئسا کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوچتو ڪنهن لت هنيس ۽ هو وڃي پري ڪريو ۽ پئسا غائب ٿي ويا. ان ملاح وڏيڪ ٻڌايس تہ صبح کان وٺي شهر جي بئنڪ، دڪانن ۽ گهرن مان عجيب انداز ۾ پئسا گم ٿي رهيا آهن.

درحقيقت اجنبي اهي سڀ پئسا ڪٺي آيو هو ۽ مارول جي کيسن کي پري ڇڏيو هئائين.

****

برڊاڪ جي علائقي ۾ هڪ ٽڪريءَ تي نهيل مطالعي جي ڪمري ۾ ڊاڪٽر ڪيمپ ويٺو هو. اهو ڪمرو ڏاڍو خوبصورت هو. هن ۾ ٽي دريون هيون ۽ چوطرف ڪبٽ لڳل هئا، جن ۾ سائنسي ڪتاب ۽ ڪوڙ سارا رسالا وغيره پيل هئا. لکڻ لاءِ هڪ وڏي ٽيبل هئي، جنهن مٿان خوردبيني ۽ ٻيو ڪوڙ سارو سائنسي تجربن لاءِ درڪار سامان ۽ ڪيميائي پاڻياٺ سان ڀريل شيشيون بہ پيل هيون. هن جو گهر شهر کان پري هئڻ ڪري هن کي ڪم ۾ رنڊڪ جو خدشو نہ هو. هو اڃن شهپرن ۽ وڏي قدامت وارو صحتمند شخص هو. هو پنهنجي ڪم ۾ رڌل هو ۽ دريءَ کان ٻيٺو ٻاهر جو نظارو ڪري رهيو هو. هن جي وات ۾ قلم پيل هو ۽ هو فطرت جي ان حسين نظاري کي ڏسي رهيو هو. اوچتو پريان ٽڪريءَ تان ڪو شخص ڊوڙندو ڏانهس ايندي نظر آيس. اهو هڪ ننڍي قد وارو شخص هو، جنهن کي وڏي ويڪري ٽوپي پيل هئي.

"لڳي ٿو تہ هي وري ڪو ٻيو بيوقوف آهي." ڊاڪٽر پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، "هڪ اهو، جيڪو صبح جو گهٽيءَ ۾ مون سان اچي ٽڪرايو ۽ ڪنهن نظر نہ ايندڙ ماڻهوءَ جو ذڪر ڪري رهيو هو. ماڻهو ڪيترا نہ بيوقوف ۽ احمق آهن! ائين ٿو لڳي ڄڻ اسان تيرهين صديءَ ۾ رهي رهيا هجون."

هو دريءَ کان ٻيٺو ان شخص کي گهوري ڏسي رهيو هو، "ائين ٿو لڳي ڄڻ کيسن ۾ شيهو (ڌاتو) ڀريل هجيس جو ڪيتري بہ ڪوشش ڪري ٿو پر وزن سبب سندس رفتار ڍري ٿيو وڃي." ڊاڪٽر ٻيهر پنهنجو پاڻ کي چيو.

اهو ننڍي قد وارو شخص ٽڪريءَ تان هيٺ گهٽيءَ ۾ آيو. هو هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ بدران سڌو ڊوڙندو ويو. هو سهڪي رهيو هو. سندس وات ڪليل هو ۽ ان مان ڳف نڪري رهي هئس.

ڊاڪٽر هن کي ڏسي چيو، "وڏو ڪو گڏهه آهي." ائين چئي هو دريءَ کان هٽي ويو ۽ وڃي لکڻ واري ميز تي ويٺو.

اهو بندرو شخص گهٽيءَ ۾ جنهن بہ ماڻهوءَ جي پرسان گذريو ٿي، اهو بيهي ٿي رهيو. اهڙيءَ طرح ڪافي ماڻهو حيران ٿي

هن کي گھوريندا رهيا ۽ هڪ ٻئي کان سواليہ انداز ۾ پڇڻ لڳا تہ آخر هي همراهہ ڊوڙي ڇو رهيو آهي ۽ هن جي اها حالت ڪيئن ٿي آهي. درحقيقت اهو شخص مارول هو.

ماٿو اڃا رستي تي ئي بيٺا هئا جو هنن کي پنهنجي پرسان هوا وانگر ڪنهن جي گذرڻ جو احساس ٿيو. اهي ٿورڙو وائڙا ٿي ويا. پوءِ فضا ۾ دانهن جا آواز اڀريا. اکڇنڀ ۾ گھٽين ۾ موجود ماٿو دانهون ڪندا پنهنجن پنهنجن گھرن ڏانهن ڀڳا. زور سان دروازن جي بند ٿيڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هر ڪنهن جي زبان تي هڪ ئي وائي هئي، "نظر نہ ايندڙ شخص اچي ويو. اکين کان اوجھل شخص اچي ويو." ٿورڙي ئي وقت ۾ سڄي علائقي ۾ اها خبر باهہ جيان پکڙجي وئي.

****

برڊاڪ ڳوٺ ۾ ٽڪريءَ جي بلڪل هيٺان هڪ شرابخانو هو، جتي ڪافي ماٿو ويٺا هئا. ان سان گڏوگڏ هڪ ڪئبن پڻ هئي. شرابخاني جو مالڪ آسڻ کي ٽيڪ ڏئي ڪئبن واري سان ڳالهائي رهيو هو. اتي ئي هڪ وڏي ڏاڙهيءَ وارو شخص بسڪوٽ کائيندي هڪ پوليس واري سان ڪچهري ڪري رهيو هو

ڪئبن واري دريءَ کان ٻاهر ڏسندي پڇيو، "هي دانهون ڇا جون آهن؟" ڪيس دريءَ کان ٻاهران ڪو شخص ڀڄندي نظر آيو هو.

"شايد باهہ وغيره لڳي هوندي جو ماٿو دانهون ڪري رهيا آهن ۽ ڀڄي بہ رهيا آهن." شرابخاني جي مالڪ جواب ڏنس.

اوچتو تيز قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ پوءِ مارول دروازي کي ٺيلهو ڏيندي اندر داخل ٿيو. هن جي ٽوپي لهي وڃي پري ڪري. هن جو ڪوٽ ڦاٽل هو. هن تيزيءَ سان دروازي کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تاڙي اڳيان اچي وڃڻ ڪري دروازو مڪمل بند نہ ٿي سگھيو. هو وڏي آواز ۾ دانهون ڪري رهيو هو، "هو اچي پيو، اچي پيو، منهنجي پٺيان اچي پيو. خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو. اهو ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ شخص آهي ۽ منهنجي ڪڍ لڳل آهي." هن جلديءَ سان چيو.

اتي ويٺل پوليس وارو اٿيو ۽ دروازي مان تاڙي ڪڍي ان کي بند ڪيائين. ڏاڙهيءَ واري شخص ٻيو دروازو بند ڪيو. پوليس واري رعبدار انداز ۾ پڇيس "ڇا ٿيو آهي. ايتري افراتفري ڇو متل آهي؟"

"مونکي ڪٿي لڪايو، ڪٿي بند ڪريو. هو منهنجي پٺيان لڳل آهي." مارول روئندي چيو. ڪتاب اڃا تائين هن جي هٿ ۾ هئا، "مون هن کي دوکو ڏنو آهي ۽ هن چيو هو تہ آئون توکي ماريندس، سو هو واقعي مونکي ماري ڇڏيندو."

"تون هتي بلڪل محفوظ آهين." ڏاڙهيءَ واري شخص آٿت ڏيندي چيس.
پر مارول اجا تائين دانهون ڪري رهيو هو، "مونکي لڪايو، مونکي لڪايو."
اوچتو ڪا شيءِ زور سان اچي دروازي سان ٽڪرائي ۽ پوري زور سان ٺڪ ٺڪ ٿيڻ لڳي ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ آيون، "دروازو کوليو، دروازو کوليو."
"ڪير آهي دروازي تي؟" پوليس واري دروازي وٽ وڃي پڇيو.
مارول اجا تائين بيحال هو، "مونکي بچايو، خدا جي واسطي مونکي بچايو، هن جي هٿ ۾ چاقو يا ٻي ڪا شيءِ هوندي ۽ هو مونکي اڄ ماري ڇڏيندو."
شرابخاني جي مالڪ چادر مٿي ڪنئي ۽ مارول کي ان جي پنيان وڃڻ لاءِ چيائين. دروازي تي ٻيهر ڌڪ لڳو، "دروازو نہ کولجو، ٻهرين مونکي ٻڌايو آئون ڪٿي لڪان؟" مارول خوف ۾ ڏڪندي پڇيو.
ڏاڙهيءَ واري ماڻهوءَ رڙ ڪري پڇيو، "اڙي ڪهڙو آهين؟"
اوچتو پاسي واري دريءَ جو شيشي ڌماڪي سان ذرا ذرا ٿي ڪري اچي هيٺ ڪريو. پوليس واري ٻاهر ڏٺو تہ ماڻهو گهٽيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن وائڙا ڊوڙي رهيا هئا. سيني جي زبان تي هڪ ئي ڳالهہ هئي، "نظر نہ اچڻ وارو همراهہ اچي ويو آهي." پوليس واري دريءَ کان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٻاهر ڪير آهي، پر ڪجهہ بہ نظر نہ آيس. مارول دانهن ڪندي پڇيو، "دروازو کوليو تہ نہ اٿوَ؟"
ڏاڙهيءَ واري شخص کيسي مان پستول ڪڍيو ۽ پوليس واري کي دروازو کولڻ لاءِ چيائين.
"نہ اهو ڏوهہ آهي. تون ڪنهن کي ماري نہ ٿو سگهين." پوليس واري کيس سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو.
"ها ان ڳالهہ جي مونکي خبر آهي. جيڪڏهن ضرورت پئي تہ آئون هن کي ٽنگ ۾ گولي هڻندس." ڏاڙهيءَ واري شخص خاطري ڏياريس.
هنن دروازو کوليو، پر ڪير بہ اندر داخل نہ ٿيو ۽ نہ وري ائين ٿي لڳو تہ ڪو شخص ٻاهر بيٺل هجي.
"اڙي هن هوٽل ۾ پنيان کان ڪو ٻيو دروازو تہ نہ آهي؟" مارول رڙ ڪندي پڇيو.
"ها آهي." شرابخاني جي مالڪ ٻڌايس. مارول ڊوڙي دروازي ڏانهن ويو، جيڪو کليو پيو هو. هو دانهون ڪندو واپس آيو.
"دروازو کليو پيو آهي. ان جو مطلب تہ هو هوٽل ۾ اندر اچي چڪو آهي. هو شيطان کان بہ وڏو فتنو آهي."
شرابخاني جي مالڪ پنهنجي ڀاءُ کان پڇيو، "بورچيخاني ۾ ڪير آهي ڇا؟"
ڀاڻس جواب ڏنس "نہ، اتي فقط بہ

عورتون پنهنجو ڪم ڪري رهيون آهن."

اوچتو مارول ڳتر ڪان گهلجندو بورچيخاني ڏانهن ويندي نظر آيو. هو دانهون ڪري رهيو هو. پوليس وارو اڻين هوا ۾ زور سان هٿ گهمايو ته ڪا شيءِ هٿ ۾ آيس. شايد اجنبيءَ جي ٻانهن هئي! هن رڙ ڪئي، "اجهو جهلي ورتومانس."

اوچتو ڪيس ڇاتيءَ ۾ زور سان ڌڪ لڳس ۽ هي وڃي پري ڪريو. مارول پاڻ ڇڏائڻ جي ڳهٽي ئي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪمري ۾ موجود هر شخص هوا ۾ ٺونشا ۽ لتون گهمائي رهيو هو. شرابخاني وارو ۽ ڪئبن وارو، ٻئي اڳتي وڌيا ۽ هوا سان ڪشتي وڙهڻ لڳا. هنن ڪافي ڌڪ اجنبيءَ کي هنيا. هنن کي به چڱا خاصا ڌڪ لڳا. نيٺ مارول پاڻ ڇڏائي انهن جي ٽنگن مان ريڙهيون پائيندو پري پڄي ويو.

اوچتو ڏاڙهيءَ واري شخص دانهن ڪئي، "ويهي رهو سڀئي." پوءِ هن پستول ڪڍيو ۽ چوطرف ڦرندي فائرنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. جيئن ئي هن فائر ڪرڻ بند ڪيا، ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي وئي.

"آئون سمجهان ٿو ته هن جو ڪم خلاص ٿي چڪو آهي. اچو ته سندس جسم کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون." ڏاڙهيءَ واري شخص فاتحاڻي انداز ۾ چيو.

****

مٿي ٽڪريءَ تي ڊاڪٽر ڪيمپ اچا تائين پنهنجي ٽيبل تي ويٺو لکي رهيو هو.

اوچتو هن جي ڪنن تي هڪ ٻئي پٺيان فائرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا.

"ها!" ڊاڪٽر پين وات ۾ وجهندي چيو. " هن وقت ڪير ويٺو ٿو فائرنگ ڪري! وري ڪهڙا گڏهه اچي ويا آهن؟" هو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ اچي دريءَ وٽ بيٺو. ڪنڌ ٻاهر ڪڍي ٽڪريءَ ڪان هيٺ گهرن کي ڏسڻ لڳو. گهرن جي درين مان فانوس جي روشني نظر اچي رهي هئي. هيٺ گهٽيءَ ۾ ماڻهو هجوم جي شڪل ۾ بيٺل هئا. ڳوٺ ڪان پري بحري ٻيڙن ۾ لڳل روشندان ٻري رهيا هئا. چنڊ پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان چمڪي رهيو هو ۽ آسمان ٽمڪندڙ ستارن سان سينگاريل هو. ڊاڪٽر کي فطرت جو اهو حسين نظارو موهڻ لڳو.

بيٺي بيٺي ڊاڪٽر خيالن ۾ ٻڏي ويو. هو وقت ۽ خلا جي باري ۾ سوچڻ لڳو. وري علائقي جي ايندڙ مستقبل ۾ سماجي ۽ اقتصادي حالتن بابت سوچڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هن دريءَ کي بند ڪيو ۽ واپس ڪرسيءَ تي اچي ويٺو.

شايد ڪلاڪ کن گذريو هوندو. ڊاڪٽر لکڻ ۾ محو لڳو پيو هو. اوچتو دروازي تي گهنٽي وڳي. هيٺان نوڪرياڻيءَ رڙ ڪري چيو، "ها اچان پئي."

ڊاڪٽر انتظار ڪرڻ لڳو ته نوڪرياڻيءَ هن کي اچي ٻڌائيندي ته

دروازي تي گھنٽي ڪنهن وڄائي، پر جڏهن هوءَ نہ آئي تہ ڊاڪٽر اٿيو ۽ مٿان ڏاڪڻ تان بيهي نوڪرياڻيءَ کان پڇيائين، "نيپالي ڪو خط ڏيڻ آيو هو ڇا؟"

"نہ، ٻاهر تہ ڪو بہ ڪو نہ هو. الائجي ڪير هو جو ائين گھنٽي وڄائي هليو ويو؟" نوڪرياڻيءَ جواب ڏنو.

"اڄ گھڻو پريشان ٿيو آهيان." ڊاڪٽر پنهنجي منهن ڳالهائيندي چيو ۽ وري لکڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ هو پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو جو باقي دنيا جو گمان بہ ذهن ۾ نہ رهيس. ڪمري ۾ فقط ٻہ آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. هڪ گھڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز ۽ ٻيو سندس قلم جي تيزيءَ سان ڪاغذ مٿان حرڪت ڪرڻ جو.

رات جا ٻہ ٿي ويا، جو ڊاڪٽر پنهنجو ڪم ختم ڪيو. هو تمام گھڻو ٿڪجي پيو هو. هي پنهنجي جاءِ تان اٿي اوٻاسيون ڏيندو سمهڻ واري ڪمري ۾ داخل ٿيو. اوچتو اڃ محسوس ڪيائين سو شمعدان کڻي بورچيخاني ۾ ويو ۽ اتان پاڻيءَ جي بوتل کنيائين. ڊاڪٽر ڪيمپ هڪ سائنسدان هو، انڪري جيڪا بہ شيءِ نظر چڙهندي هيس، ان کي غور سان ڏسندو هو. جڏهن هو بوتل ۽ گلاس کڻي هال مان گذري رهيو هو تہ هن کي فرش تي وڇايل غاليچي تي ڪنهن شيءِ جا ڏاپ ڏسڻ ۾ آيا. هو چاڙهين تان مٿي چڙهي ويو. بوتل ۽ گلاس کي رکي هيٺ واپس لهي آيو ۽ ان ڏاپ کي غور سان ڏسڻ لڳو. ان کي هٿ سان ڇهي ڏٺائين. هن کي لڳو تہ اهو سڪل رت هو. بهرحال هو واپس مٿي چڙهي آيو ۽ پاڻيءَ جي بوتل ۽ گلاس کڻي سمهڻ واري ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو. اوچتو هن کي ڪمري جي دروازي ۾ لڳل ڪڙي تي رت جا نشان نظر آيا. هن پنهنجن هٿن کي ڏٺو، پر اهي صاف هئا. وري هن کي ياد آيو تہ جڏهن هو رنڌڻي ۾ پاڻي کڻڻ لاءِ ويو هو تہ دروازو کليل هو، تنهنڪري هن ڪڙي کي ڇهيو بہ نہ هو. ان کي نظرانداز ڪندي هو ڪمري ۾ گھڙي ويو ۽ ڇا ڏٺائين تہ سڄو هنڌ رت سان داغدار ٿيو پيو هو ۽ چادر ليڙون ليڙون ٿي پئي هئي. بستري جي پير ۾ ڪپڙا اهڙيءَ حالت ۾ پيل هئا ڄڻ ڪو شخص هاڻي هاڻي انهن مٿان ويهي اٿيو هجي. هن کي گھڻو عجب لڳو تہ آخر ڇا ماجرا آهي. اڳيان ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن وڃي بوتل ۽ گلاس اتي رکيائين ۽ ٻيهر هر هڪ شيءِ جو جائزو وٺڻ لڳو. اوچتو هن کي لڳو تہ ڪمري ۾ ڪو آواز ٿيو. وري سوچيائين تہ شايد اهو سندس وهم هو. هڪ اڌ لمحي ڪانپوءِ ساڳيو آواز وري ٻڌڻ ۾ آيس. بلڪ هاڻي تہ هن جي ڊريسنگ ٽيبل ۽ سندس وچ واري مفاصلي ۾ ڪا پٽي اڀي ٿيل نظر آيس. ڊاڪٽر وائڙو ٿي ويو. پٽي تہ هئي، پر ڪنهن کي ويڙهيل هئي؟ ڏسڻ ۾ تہ

ڪير بہ نہ اچي رهيو هو! هن اڳيان وڌي ان کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ائين لڳو ڄڻ ڪنهن سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌو هجي. اوچتو آواز آيو. "ڊاڪٽر ڪيمپ."

ڊاڪٽر ڪيمپ ڪان رڙ نڪري وئي.

"ڊاڪٽر ڪيمپ آئون نظر نہ ايندڙ شخص آهيان." آواز وري آيو.

ڊاڪٽر کي صبح واري ڳالهہ ياد آئي، هو پريشان ڪونہ ٿيو هو ۽ پڇيائين، "ڇا واقعي تون اکين کان اوجهل شخص آهين؟ مون صبح اها ڳالهہ ٻڌي هئي، پر مون سمجهيو تہ ماڻهن کي ڪنهن بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي." ڊاڪٽر، اجنبيءَ سان ڳالهائيندي چيو، "۽ لڳي ٿو تہ تون زخمي بہ آهين؟"

ڊاڪٽر کي هن مان ڪو خوف محسوس نہ پئي ٿيو.

اجنبيءَ چيو، "ها، آئون اکين کان اوجهل انسان آهيان." اوچتو ڊاڪٽر کي آڱرين جو ڇهاءُ محسوس ٿيو. هن پٺيان هٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اجنبيءَ پنهنجي گرفت کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر پٺيان هٽڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو چهرو سفيد ٿي ويو. اجنبيءَ زور سان ورائي هن کي هنڌ تي اڇلايو ۽ ائين لڳو ڄڻ مٿان چڙهي ويٺو هجيس. ڊاڪٽر دانهن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اجنبيءَ ڪپڙو ڪٽي سندس وات ۾ وڌو.

"خدا جي واسطي منهنجي ڳالهہ ٻڌ. مونکي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي. آئون توکي ڪو نقصان رسائڻ نہ ٿو چاهيان، پر جيڪڏهن ڪا ڪيچل ڪندين تہ مجبورن مونکي توسان سختي ڪرڻي پوندي." اجنبيءَ چيو. پوءِ هن پنهنجا هٿ ڍرا ڪيا ۽ ڊاڪٽر جي وات مان ڪپڙو ڪڍي ڇڏيائين.

"ٺيڪ آهي، آئون تنهنجي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان. پهرين مونکي ڇڏي تہ آئون اٿي ويهان." ڊاڪٽر ايذاءُ محسوس ڪندي چيو. ٿوري دير ڪانپوءِ ڊاڪٽر اٿي اچو ٿيو ۽ بستر تي ويهي پنهنجي ڪنڌ کي مهٽڻ لڳو.

"آئون گرفن آهيان." آواز آيو.

"گرفن؟ ڪير گرفن؟ مونکي تہ ياد نہ آهي ۽ نہ وري آئون ان نالي واري ڪنهن شخص کي سڃاڻان ٿو." ڊاڪٽر منجهيل انداز ۾ چيو.

"توکي يونيورسٽي ۽ ڪاليج وارو وقت ياد هوندو." اجنبيءَ چيو، "آئون اتي هڪ نوجوان شاگرد هوس. ڇهہ فٽ قد، گول مٽول چهرو، ڳاڙهو ٽماٽي جهڙو رنگ."

"الائجي! مونکي ياد نہ ٿو اچي." ڊاڪٽر چيو، "بهرحال توکي هن حالت ۾ آندو ڪنهن؟ ڇا ڪنهن جادو وغيره ڪيو اٿئي يا تون پاڻ جادوگر آهين! جيستائين منهنجو عقل ڪم ڪري ٿو تہ هن دنيا ۾ اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ ڪا طبعي شيءِ

هجي، جنهن کي طبعي وجود بہ هجي، پر اها طبعي شيءِ اکين کان اوجهل هجي. آئون سائنسي طور ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿو ڪري سگهان."

"ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڳالهہ نہ آهي." اجنبيءَ جواب ڏنو. "اهو هڪ ڪيميائي عمل آهي، جنهن کي عقل ۽ دليلن جي بنياد تي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. بهرحال هن وقت آئون زخمي آهيان. منهنجو جسم ٽٽي رهيو آهي. مونکي بک بہ تمام گهڻي لڳي آهي. مهرباني ڪري مونکي ڪجهہ کائڻ پيئڻ لاءِ ڏي ۽ اجازت ڏي تہ هتي ويهي ڪجهہ ساعتون آرام ڪريان."

ڊاڪٽر ان پٽيءَ کي گهورڻ لڳو. جيئن ٿي اها ڪمري ۾ اڏامندي نظر آهي. پوءِ هڪ ڪرسي رڙهندي اڳيان آئي. ڊاڪٽر ڪلڻ لڳو. "هي تہ پوتن واري صورتحال تي لڳي."

"چڱو ائين ٿي صحيح. توکي ڪجهہ سمجهہ ۾ تہ آيو." اجنبيءَ، ڊاڪٽر کي جواب ڏنو.

ڊاڪٽر اکيون مهٽيندي چيو. "اها سمجهہ واري ڳالهہ آهي معقوليت کان خالي."

"مونکي پاڻي ڏي، نہ تہ اڄ وگهي لڳي ٿو تہ آئون مري ويندس." اجنبيءَ هن جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪندي چيو.

"آئون تہ توکي محسوس بہ نہ ٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن آئون اٿندس تہ توسان اچي وچڙندس. تون آهين ڪٿي؟ آئون توکي پاڻي ڪٿي ڏيان؟" ڊاڪٽر سنجيده انداز ۾ پڇيس.

ڪرسيءَ جي چيچڙاٽن جا آواز ٻڌڻ آيا. پريان کان هڪ گلاس مٽي ڪڇيو ۽ هن جي اڳيان هوا ۾ ٽنگجي اچي بيٺو.

"اهو ممڪن نہ آهي. تو مونکي ضرور هپناٽائز ڪيو آهي تہ جيئن آئون محسوس ڪريان تہ تون اکين کان اوجهل آهين." ڊاڪٽر مشڪوڪ انداز ۾ اجنبيءَ کي چيو.

"ڪهڙيون بيوقوفن واريون ڳالهيون ٿو ڪرين ڊاڪٽر؟" اجنبيءَ جو آواز آيو.

"آئون صبح جو ان نہ ڏسجڻ واري فلسفي تي ڪافي غور و فڪر ڪري چڪو آهيان." ڊاڪٽر وڏيڪ چيو.

"نيڪ آهي تون پلي پيو تجربا ڪجان، پر هن وقت سردي تمام گهڻي آهي، ۽ تون اندازو لڳاءِ تہ هڪ اهڙو ماڻهو جنهن جي بدن تي ڪجهہ بہ نہ هجي، تنهنجو ڪهڙو حال هوندو. مٿان وري هو ٽن ڏينهن کان لاڳيتو بکايل پڻ هجي. اصل مران پيو!" اجنبيءَ جواب ڏنو.

"ماني ڪائيندين؟" ڊاڪٽر وائڙي انداز ۾ پڇيس. پوءِ هو اٿيو ۽ ڪٻٽ مان هڪ گرم سوٽ، ڪوٽ ۽ قميض ڪڍي اڳيان وڌايائين. اجنبيءَ اها ورتي ۽ پائڻ لڳو. انهن شين جا ٻيڙا پاٽمرادو بند

ٽيندي پئي محسوس ٿيا ۽ پوءِ اهو اجنبي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"جيڪڏهن جوراب، جرسي ۽ بوٽ به ملي وڃن ته ڏاڍو سٺو ٿيندو." اجنبيءَ چيو. "بهرحال مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. پهرين ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي."

ڊاڪٽر پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ هيٺ بورچيخاني طرف ويو. ٿوري دير کان پوءِ هو ڪجهه کائڻ لاءِ کڻي آيو. هڪ ننڍي ٽيبل کي ڇڪي ڪرسيءَ جي اڳيان ڪيائين ۽ کاڌو ان تي رکي ڇڏيائين. يڪدم ڇمڇو مٿي ڪڇيو ۽ ائين لڳو ته ڪو شخص مهينن جو بکايل هجي، جيڪو ائين لامارا ڏئي کائي رهيو هجي.

"آئون سمجهان ٿو ته تنهنجي ڪرائيءَ جو زخم هاڻي بهتر آهي." ڊاڪٽر پڇيس.

"ها، هاڻي ڪافي بهتر آهي. منهنجي لاءِ اها خوشبختيءَ جي ڳالهه آهي جو آئون هن گهر ۾ داخل ٿيس ۽ پٽي ڪيم. درحقيقت آئون هتي سمهڻ جي نيت سان آيو هوس. تو هي رت جا ڌاپ ڏٺا هوندا. اهي ڄمي ويا آهن. آئون گذريل ٽن ڪلاڪن کان هتي آهيان." اجنبيءَ جواب ڏنو.

"پر هي سڀ ڪجهه ٿيو ڪيئن؟ شروع کان ٻڌاءِ تائين هڪ عجيب ڪهاڻي تي محسوس ٿئي!" ڊاڪٽر پڇيس.

اجنبي پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ڊريسنگ ٽيبل تي رکيل پاڻيءَ جي بوتل کڻي هڪ گلاس ڀريائين ۽ واپس اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو.

ڊاڪٽر هن کي گهوري رهيو هو.

"آخر اها فائرنگ شروع ڪيئن ٿي، جنهن ۾ تون زخمي ٿيو آهين؟" ڊاڪٽر زور ڏيندي پڇيس.

"مون سان گڏ هڪ بي ايمان شخص هو، جنهن منهنجا پئسا چورائڻ ٿي چاهيا." اجنبيءَ جواب ڏنو.

"ڇا اهو به اکين کان اوجهل هو!؟" ڊاڪٽر حيرت وچان پڇيو.

"نه" هن جواب ڏنو. "مونکي کائڻ لاءِ بيو ڪجهه نه ملندو؟"

ڊاڪٽر پنهنجي جاءِ تان اٿيو. "آئون سمجهان ٿو ته شايد نه، پر پوءِ به ڏسان ٿو."

"پوءِ ڇا تو فائرنگ نه ڪئي؟" ڊاڪٽر بورچي خاني مان کاڌو آڻي ميز تي رکندي پڇيو.

"نه، هيٺ شراب خاني ۾ هڪ بيوقوف هو، جنهن اهو سڀ ڪجهه ڪيو آهي." هن جواب ڏنو.

ماني کائڻ کانپوءِ لڳو ٿي ته ڪيس ڪجهه آرام مليو هو. هن ڊاڪٽر کان سگار ورتو ۽ وڏا وڏا سوٽا هڻڻ لڳو.

"منهنجي لاءِ اها وڏي غنيمت آهي ڊاڪٽر ڪيمپ جو آئون تو وٽ اچي نازل ٿيو آهيان ۽ مونکي اميد آهي ته تون

منهنجي پرپور مدد ڪندين. گذريل ڪافي ڏينهن کان وٺي آئون وڏي مصيبت مان گذرندو رهيو آهيان. مون لڳو ٿي تہ آئون چريو ٿي پوندس. آئون توکي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايان ٿو." اجنبيءَ هڪ وڏو شوڪارو ڀريندي پراميد انداز ۾ چيو.

"ڊاڪٽر! تون هيترن سالن ۾ بلڪل بہ تبديل نہ ٿيو آهين. اهو ئي انداز، هڪ سائنسدان جهڙو. بهرحال جيئن تہ آئون بہ هتي آهيان تنهنڪري هاڻي گڏجي ڪم ڪنداسين." اجنبيءَ خوشيءَ جو اظهار ڪنديچيو.

"بهرحال، تون مونکي ٻڌاءِ تہ اصل حقيقت ڇا آهي. تون هن حال ۾ ڪيئن پهتين؟"ڊاڪٽر سنجيده لهجي ۾ پڇيس.

"مونکي سگريٽ تہ سڪون سان پيئڻ ڏي. پوءِ آئون توکي تفصيل سان سڄو قصو ٻڌايان ٿو." اجنبيءَ ٿورو بيزار ٿيندي جواب ڏنو.

پر ان رات اجنبيءَ ڪهاڻي نہ ٻڌائي، ڇو تہ هن جي ڪرائيءَ ۾ سور جو احساس وڌي ويو هو. هو اڌو ڳابري ڳالهہ ٻڌائيندو رهيو ۽ پوءِ ائين لڳو تہ هو ٻانهن ڪنڌ هيٺان ڏئي ليٽي پيو هجي.

"هن منهنجي پئسا چورايا. منهنجي ور ڇڙهي ها تہ آئون ڪيس اڦٽ ماري ڇڏيان ها." اجنبيءَليٽنديچيو.

"پوءِ تون اهي پئسا آندا ڪٿان؟" ڊاڪٽرپڇيس.

اجنبي ڪجهہ گهڙيون ماٺ ۾ رهيو. پوءِ چيائين، "اهو اڄ توکي ڪونہ ٻڌائيندس. مون گذريل ٽن ڏينهن کان مسلسل ننڊ نہ ڪئي آهي. ان ڪري آئون سمهڻ ٿو چاهيان."

"تون اتي سمهندين تہ پوءِ آئون ڪيڏانهن ويندس؟" ڊاڪٽر چڙ واري انداز ۾ پڇيس.

" تون وڃي ڪنهن ٻئي بستري تي سمهہ، ۽ هونئن بہ هن بستري تي منهنجي رت جا داغ لڳل آهن." اجنبيءَ اطمينان سان وراڻيو.

****

گرفن تمام گهڻو ٿڪل هو ۽ زخم بہ تنگ ڪري رهيو هوس. سو هن ڊاڪٽر جي پرائيوسيءَ جو ڪو لحاظ نہ ڪيو. هن در ۽ دريون سڀ بند ڪري ڇڏيا تہ متان ڳوٺ جا ماڻهو هن کي پڪڙڻ لاءِ هن تي حملو نہ ڪن. جڏهن هن کي خاطري ٿي تہ هو هتي محفوظ هو تہ پوءِ سمهڻ لڳو.

"ڊاڪٽر! توکي برو تہ تمام گهڻو لڳندو هوندو جو مون اچي تنهنجي ننڊ حرام ڪئي آهي، پر اها هڪ حقيقت آهي. ڀلي تون ڪيترو بہ غور و فڪر ڪرين ۽ دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪرين، پر ڪنهن انسان کي اکين کان اوجهل ڪرڻ جو فارمولو مون دريافت ڪري ورتو آهي، جيڪو منهنجو راز آهي، پر توکي ضرور ٻڌائيندس، پر سڀاڻي صبح جو." اجنبيءَ

چيو.

ڊاڪٽر کي محسوس ٿيو تہ اجنبيءَ اوپاسيون ڏنيون پئي، تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو تہ هو هاڻي هتان هليو وڃي.

"خدا حافظ ڊاڪٽر!" گرفن زور سان چيو، "واعدو ڪر تہ منهنجو هتي هئڻ راز ئي رکندي."

"ها، تون فڪر نہ ڪر. آئون ڪنهن کي بہ تو بابت ڪو نہ ٻڌائيندس." ڊاڪٽر واعدي ڪرڻ واري انداز ۾ جواب ڏنس.

ڊاڪٽر ڪمري کان ٻاهر هليو آيو ۽ پنهنجي پٺيان دروازو بند ڪري ڇڏيائين. هن کي ائين لڳو تہ اندران ڪان اجنبيءَ دروازي کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو هو. هو دروازي جي ٻاهران بيهي سوچڻ لڳو.

"عجيب ڳالهہ آهي! آئون پنهنجي ئي ڪمري کان ٻاهر ڪڍيو ويو آهيان. لڳي ٿو تہ سڄي دنيا چري ٿي وئي آهي يا آئون وري چريو ٿي ويو آهيان." ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

پوءِ هو ڏاڪڻ ڏانهن وڌيو. وري پٺيان نهاريائين ۽ پنهنجو هٿ نراڙ کي هٿندي چيائين، "هي سڀ ڪجهہ منهنجو وهم يا ڪو خواب تہ نہ آهي." واقعي هن منهنجي ڪنڌ کي مروٽيو هو. مونکي اجا تائين سور محسوس ٿي رهيو آهي."

ڏاڪڻون لهي هيٺ ڪاڏي واري ڪمري ۾ آيو ۽ روشندان کي ٻاريائين. ڪيسي مان سگار ڪڍي وڏا وڏا سوٽا هڻڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو تہ ڇا اهو سڀ ڪجهہ ممڪن آهي. هن سوچيو تہ ڇا سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ڪا مخلوق اهڙي بہ آهي، جيڪا عام اک سان ڏسي نہ ٿي سگهجي. يڪدم هزارين شيون مثلن وائرس، هوا وغيره هن جي ذهن ۾ آيون، جن کي واقعي ڏسي نہ ٿو سگهجي، پر وري سوچيائين تہ ڇا انسان بہ غائب ٿي سگهي ٿو!

"نہ، لڳي ٿو تہ آئون چريو ٿي ويندس. اهو ڪيئن ممڪن آهي!؟" هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

هن ٻيو سگار دکايو ۽ اهڙيءَ طرح ٿي سگار ڇڪي ويو، پر خاموش سوچيندو رهيو. اوچتو هو پنهنجي جڳهہ تان اٿيو ۽ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ گهڙي ويو، جيڪو اخبارن ۽ رسالن سان ڀريل هو. هن ان ڏينهن واري اخبار ڪنئي، جنهن ۾ عجيب ۽ غريب خبرون شايع ٿيل هيون. اپنگ ڳوٺ ۽ بندرگاه جي پوري ڪهاڻي، ماڻهن ۾ خوف و حراس، درين جا ڀڳل شيشا، زخمي سپاهي وئجر، هارسز ۽ ڪائوچ هوٽل. هن وري رسالا ڪنيا، جن ۾ بہ عجيب و غريب مضمون هئا. هڪ خبر جي سرخي هئي: "هن سڄي علائقي جي سيني ڳوٺن جا باشندا چريا ٿي ويا آهن."

هن کي لڳو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪوڙ آهي ۽ ڪنهن من گهڙت ڪهاڻيون اخبارن ۾ شايع ڪرايون ويون هيون، پر ماڻهن جا تاثرات ۽ خود سان ٿيندڙ واقعن تي غور

ڪرڻ سان ائين ٿي لڳو، ڄڻ اها هڪ ناقابلِ ترديد حقيقت هجي.

هو ڪجهه وقت خاموش ويهي رهيو ۽ پوءِ اخبارن کي ڪٺي بيهر اهي خبرن پڙهڻ لڳو. پر اعتبار نه آيس. پوءِ پنهنجو پاڻ کان پڇيائين، "پوءِ هي ان شخص جي پنيان ڇو پئي پيو؟ هي آيو ڪٿان آهي ۽ ڇو؟ ۽ منهنجي گهر ۾ ڪيئن داخل ٿيو؟"

هو وري اتي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو ۽ پوءِ وري صوفي تي ويهي رهيو.

"هو نه فقط اکين کان اوجهل آهي، بلڪ چريو به آهي." ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي چيو.

هو اتي ئي ويٺو رهيو ۽ سگار جا ڪش هڻندي ان ناقابلِ اعتبار فلسفي تي غور ڪرڻ لڳو. نيٺ صبح صادق جا اهڃاڻ ظاهر ٿيڻ لڳا. ڪمري جي درين مان روشني اندر اچي شمعدان جي روشنيءَ کي جهڪو ڪرڻ لڳي.

هن جا نوڪر جاڳي ويا. انهن، هن کي اخبارن واري ڪمري ۾ ويٺل ڏٺو ۽ سمجهيائون ته شايد سڄي رات ڊاڪٽر مطالعو ڪندو رهيو آهي.

ڊاڪٽر انهن کي مطالعي واري ڪمري ۾ ئي ماڻهن جو ناشتو رکڻ لاءِ چيو. صبح جي اخبار اچي وئي هئي. هو تيزيءَ سان ان کي پڙهڻ لڳو. اخبار ۾ ساڳيون ڳالهيون هيون. ماڻهن جا انٽرويو ۽ هڪ نئين ڪهاڻي جيڪا رات جي فائرنگ جي باري ۾ هئي.

اخبار ۾ مسٽر مارول جو انٽرويو پڻ ڇپيل هو. ان سڄي علائقي ۾ ٿيندڙ سڀني واقعن جي تصديق ڪئي، پر هن ڪٿي به اها ڳالهه نه ٻڌائي ته سندس ان اکين کان اوجهل شخص سان ڪهڙو تعلق آهي ۽ هن ڪيس مارڻ جو پئي چاهيو ۽ ڇا واقعي هن سندس پئسا چورايا هئا.

ڊاڪٽر ڏاڍو حيران ٿيو. هن پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي سڏي چيو ته اڄ جي جيڪا به اخبار ملي سگهي، اها وٺي اچ. هن اهي سڀ اخبارون پڙهيون. هر اخبار ۾ ساڳيو ئي بيان هو.

ڊاڪٽر چيو. "عجيب شخص آهي ۽ ڇا ڇا نه ڪري سگهي ٿو ۽ ڇا ڇا نه ڪيو اٿس. مون وٽ ڪيئن نه بي فڪرو ڪمري تي قبضو ڪري ستو پيو آهي." هن جي انداز ۾ لاچاري ۽ تعجب هو.

"هاڻي مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي. بلڪ آئون ڇا ڪري سگهان ٿو؟" هن پنهنجي منهن پڇيو.

"ڇا آئون اعليٰ اختيارين کي حقيقت کان آگاهه ڪريان يا اها واعدي جي خلاف ورزي ٿيندي." هن متشڪي انداز ۾ پاڻ کان پڇيو.

پوءِ لکڻ واري ٽيبل ڏانهن ويو. هڪ ڪاغذ ڪٺي ڪجهه لکڻ لڳو. اڌ صفحو مس لکي وهائين جو ان کي ڦاڙي

ڇڏيائين ۽ وري ٻئي ڪاغذ تي لکڻ لڳو. هڪ لفافو ڪڍي ان جي مٿان علائقي جي ڪرنل جو پتو لکيائين.

اوچتو هن کي سمهڻ واري ڪمري مان آواز ايندي محسوس ٿيو. اوچتو ڪرسيءَ جي ڪرڻ جو آواز آيو. وري ڊريسنگ ٽيبل جي شيشي ٽٽڻ جو آواز آيو. ڊاڪٽر تيزيءَ سان مٿي ويو ۽ دروازي تي زور سان ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو.

****

دروازو ڪليو ۽ ڊاڪٽر اندر ويندي ئي زور سان پڇيو، "اها ڪهڙي مشڪري آهي؟"

"نه، ڪجهه به نه." اجنبيءَ چيو.

"پوءِ هي شيشي جو ڀڄڻ..."ڊاڪٽر جو انداز سواليه هو.

"ها، اهو آئون ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪندو آهيان." اجنبيءَ جواب ڏنو.

"خبر اٿئي ته ٻاهر جي دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي. سيني کي خبر پئجي وئي آهي ته هن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي نگاهن کان غائب رهن ٿا. هر ڪنهن جي زبان تي اِينگ ۽ برڊاڪ ۾ ٿينڊڙ واقعا ۽ مختلف سوال آهن. پر ڪنهن کي به اها خبر نه آهي ته تون هتي مون وٽ آهين."

ڊاڪٽر سمجهائڻ واري انداز ۾ چيس.

اجنبي، ڊاڪٽر جون ڳالهيون ٻڌي هنڌ تي ويهي رهيو. ڊاڪٽر آٿت ڏيندڙ انداز ۾ چيس، "ٺيڪ آهي، مٿي ناشتو تيار آهي. هل ته هلي کائون." ڊاڪٽر کي خوشي ٿي جو اجنبي راضي ٿي ويو. اهي ڏاڪڻ چڙهي مٿي مطالعي واري ڪمري ۾ آيا، جتي ناشتو ٽيبل تي تيار ٿيو رکيو هو. اجنبيءَ جو فقط لباس نظر اچي رهيو هو. ڊاڪٽر غور سان ان کي گهوري رهيو هو. چمچو پاڻمرادو مٿي اٿيو ٿي ۽ وري واپس ڪاڏي واري پليٽ ۾ ويو ٿي. هن کي اڃا تائين اعتبار نه پئي آيو ته هو واقعي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان گڏ ريل رات کان وٺي گڏ آهي، جيڪو درحقيقت انساني اکين کان اوجهل آهي.

گرفن جڏهن ڊاڪٽر کي خيالن ۾ گم سندس لباس کي مسلسل تڪيندي ڏٺو ته هن کي چيائين، "هيءَ هڪ حقيقت آهي. توکي واقعي عجيب لڳندو هوندو. بلڪ توکي شڪ به هوندو ته هي سڀ ڪجهه ڪيئن تو ممڪن ٿي سگهي. پر اهو ممڪن آهي، جنهن جو زندو ثبوت آئون تنهنجي اڳيان آهيان. آئون ڪاڏو ڪاوان پيو. توسان ڳالهايان پيو، پر توکي نظر نه ٿو اچان. شروع شروع ۾ مونکي به عجيب لڳو، پر هاڻي آئون مطمئن آهيان. جڏهن آئون توکي اصل حقيقت کان واقف ڪندس ته پوءِ توکي به ڪو شڪ شبهو نه رهندو."

هن پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي وڌيڪ چيو، "توکي ياد هوندو ته لنڊن ۾

آئون طب جي شعبي جو طالبعلم هوس. پوءِ آئون لندن ڇڏي ٻئي هنڌ هليو ويس، جتي منهنجو رجحان ميڊيسن جي شعبي کان هٽي طبعيات جي قانونن ۽ فلسفي جو گهڻو اڀياس جي طرف ٿي ويو. جڏهن طبعيات جا مختلف رخ منهنجي اڳيان ظاهر ٿيا تڏهن مون ڪنهن هڪ شعبي جو انتخاب ڪرڻ چاهيو. علم بصارت جي دنيا مونکي سڀني کان وڌيڪ پرڪشش لڳي. اهو سڄو مضمون ڇڻ رازن ۽ ڳجهارتن سان ڀريل هو."

"منهنجي عمر ان وقت ٻاويهه سال هئي. اهڙي عمر، جڏهن ماڻهو جوش ۽ جذبي سان ڀر هوندو آهي. مون فيصلو ڪيو ته آئون ساري حياتي ان علم لاءِ وقف ڪري ڇڏيندس. تون سمجهي سگهين ٿو ته ان عمر ۾ انسان ڪيترو جلد باز ۽ بيوقوف هوندو آهي." گرفن، ڊاڪٽر کان سواليه انداز ۾ پڇيو.

"اسان تڏهن بيوقوف هئاسين يا هن وقت آهيون. تنهن بابت ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي؟" ڊاڪٽر طنزيه انداز ۾ پڇيو.

"تون درست آهين، پر جڏهن پوري ڳالهه ٻڌندين ته پوءِ تنهنجا نظريا خودبخود تبديل ٿي ويندا. خير آئون ان ڪم ۾ محو ٿي ويس. مونکي ڪم ڪندي شايد ڇهه مهينا مس گذريا هوندا جو مون روشنيءَ جي ڪرڻن ڪي هڪ باريڪ سوراخن واري جاريءَ مان گذرندي ڏٺو. اهي ڪرڻا جڏهن اک تي پيا ته انڌي پڻ جهڙو تاثر ڇڏيائون. اهڙيءَ ريت مون ڪي مايا. مادن ۽ انهن سان لاڳاپيل روشنيءَ جي موڙڻ جو هڪ جامع قانون سمجهه ۾ اچي ويو. مونکي هڪ فارمولو سمجهه ۾ آيو، جنهن جي مدد سان اسان مادي شين جي چوٿين بعد (Dimension) کي روشنيءَ جي اصولن مطابق آسانيءَ سان بيان ڪري سگهون ٿا. هونئن جاميٽريءَ جي اصولن پٽاندر مادي ڪعبي شين جا فقط ٽي بعد (رخ) ٿيندا آهن. وڏا وڏا فلسفي، رياضيدان ۽ ماهر سائنسدان به شايد اهو نه ٿا ڄاڻن ته ماليڪيولي طبعيات جا شاگرد عام فطري قانونن مان ڪهڙا عجيب انومان اخذ ڪري سگهن ٿا." اجنبيءَ نهايت پرسون انداز ۾ تفصيل ٻڌايو.

"اهي ٺئي ڪتاب، جيڪي هو ٺڳ مارول خبر نه آهي ته ڪاڏي کڻي پڇي ويو آهي، انهن ڪتابن ۾ عجيب ڪرامتي قانون لکيل آهن. مونکي جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو، اهو ڪو عمل يا قانون نه هو، بلڪ هڪ اڻ تصديق شده خيال هو. اصل عمل ڪي ته مون پنهنجي محنت ۽ جذبي سان دريافت ڪيو آهي. اصل ۾ اهو سڀ شين، جهڙوڪ ٻاڻيات، گئس يا ٺوس حالت جي موڙاڻ واري خاصيت کي تبديل ڪري سگهجي ٿو."

"ٺيڪ آهي، ڪنهن پٿر کي ته ان اصل مطابق غائب ڪري سگهجي ٿو، پر

اهو بہ فنا ٿي توانائيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو. اسان انسان لاءِ اهو طريقو ڪيئن استعمال ڪنداسين؟" ڊاڪٽر بي صبريءَ سان پڇيو.

"آئون توکي آسان مثالن سان سمجھائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان." گرفن عالماڻي انداز ۾ چيو. "اسان مادي جي شين کي ڪھڙي اصول تحت ڏسي سگھندا آهيون؟ جڏهن روشنيءَ جا ڪرڻا ڪنهن مٿاڇري تي ڪرندا آهن تہ ڪجھہ ڪرڻا ان جي سطح ۾ جذب ٿي ويندا آهن ۽ ڪجھہ موڙڻ جي عمل مان گذرندا آهن ۽ باقي واپس موٽ ڪائيندا آهن. پر جيڪڏهن ڪنهن جسم ۾ روشني نہ تہ جذب ٿئي، نہ موڙ ڪائي ۽ نہ وري موٽي تہ پوءِ ڇا اهو جسم ڏسڻ ۾ ايندو؟ فرض ڪريو اسان هڪ ڳاڙهي رنگ جو ڪوڪو ڪڻون. جڏهن روشني ان جي ڳاڙهاڻ تي پوي ٿي تہ ڪجھہ ان ۾ جذب ٿيو وڃي ۽ باقي موٽ ٿي ڪائي. اهو ئي سبب آهي جو اهو اسانکي ڳاڙهو نظر اچي ٿو. پر جيڪڏهن ان ۾ هڪ بہ ڪرڻو جذب نہ ٿئي ۽ سڀ جا سڀ ڪرڻا موٽ ڪائين تہ پوءِ اهو چانديءَ وانگر چمڪندڙ نظر ايندو. ان جي برعڪس اسان هيرو ڪڻون. هيري جي بناوٽ ڪجھہ عجيب قسم جي آهي. جڏهن روشني ان جي مٿان پوي ٿي تہ تمام ٿوري مقدار ۾ جذب ۽ موٽ ڪائي ٿي. نتيجو ڇا ٿو نڪري تہ هيرو اسانکي مختلف رنگ ڏيکاريندي چمڪندي نظر اچي ٿو."

گرفن پنهنجي ڳالھہ کي جاري رکيو ۽ ڊاڪٽر هڪ شاگرد وانگر غور سان هن جي دليلن ۽ سمجھاڻيءَ کي ٻڌي رهيو هو.

"ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان شيشو ڪڻون تہ معلوم ٿيندو تہ شيشو نسبتن گھٽ روشني موٽائيندو آهي. تنهنڪري ان ۾ ڪا چمڪ نظر نہ ايندي آهي. ڪجھہ گھاٽي ساخت وارا شيشا عام شيشن کان وڌيڪ روشن محسوس ٿيندا آهن. جيڪڏهن اسان تمام سنهو شيشو ڪٽي ۽ جهڪي روشنيءَ ۾ ان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون تہ شايد اهو ڏسڻ ۾ نہ اچي. ساڳئي شيشي کي اگر پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏجي تہ بہ اهو نظر نہ ايندو. ان جو مثال بلڪل گئس وانگر آهي، جيڪي ماحول ۾ موجود آهن. ڪين طبعي وجود بہ آهي، پر پوءِ بہ طبعي اکين کي نظر نہ ٿيون اچن."

"شايد تون درست آهين!" ڊاڪٽر آهستي گرفن جي ڳالهين کي هٽي ڏني.

"اڃا هڪ ٻي حقيقت تو کي ٻڌايان؟" گرفن چيو.

"اگر اسان ڪنهن شيشي کي ڪٽي ان کي پيچي پور ڪريون جو اهو ٻوري جي شڪل ۾ اچي وڃي. ان حالت ۾ شيشو وڌيڪ چمڪندڙ نظر ايندو. ڇاڪاڻ تہ هاڻي ان جي سطحي ايراضي وڌي وڃي ٿي. هاڻ ان جي هر هڪ ذري مان روشني موٽ ڪائيندي جڏهن تہ پهرين ائين نہ هو ۽

جيڪڏهن ان ٻوري کي پاڻيءَ ۾ وجهبو ته اهو بلڪل به نظر نه ايندو. ڇاڪاڻ ته ٻوري ۽ پاڻي ٻنهي جي موڙاڻ واري خاصيت هڪ جيتري ٿيندي آهي."

"متين ڳالهه ٻولهه مان هڪ ڳالهه واضع ٿئي ٿي" گرفن چيو. "ته جيڪڏهن اسان ڪنهن هڪ شفاف شيءِ کي اهڙي واسطي ۾ رکون. جنهن ۾ موڙاڻ واري خاصيت ان شيءِ جي خاصيت ۽ شيشي جي موڙاڻ جي خاصيت جي برابر هجي ته پوءِ اهو شيشي جو ٻورو هوا ۾ به نظر ايندو."

"ها اهو ٺيڪ آهي، پر هڪ انسان کي شيشي جي ٻوري وانگر ته نه تو ڪري سگهجي." ڊاڪٽر ٽوڪ واري انداز ۾ پڇيو.

"لڳي ٿو ته تون ڪو ٻنهه سادو ماڻهو آهين.شايد گذريل ڏهن سالن ۾ توڪان طبعيات جو علم وسري ويو آهي." گرفن ٿورو چڙ واري انداز ۾ چيو.

"هڪ ڪاغذ ڪڻ ۽ ان کي تيل ۾ ايترو پڄائي جو ان ڪاغذ جو ذرو ذرو تيل سان پسي وڃي. پوءِ ان کي ڏس، ڇا اهو شفاف نه ٿي ويندو. ساڳيو تجربو اسان ڪاٺ، ڪپڙي، ريشم وغيره تي به ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن انسان تي سوچيون ته انسان جي جسم جو هر هڪ حصو ڪاغذ ۽ ڪپڙي وانگر ريشن جو ٺهيل آهي. اسان جو ماس، هڏا، ڪل، نسون سواءِ رت جي ڳاڙهاڻ ۽ وارن ۾ موجود ڪاري مادي جي باقي سڀ شفاف مادي جا ٺهيل آهن، جيڪي ريشن وانگر ايترا شفاف آهن، جيترو پاڻي." گرفن ٿورو چڙيل انداز ۾ چيو.

"اف منهنجا خدا!" ڊاڪٽر عجب وچان چيو. "واقعي اهو ممڪن آهي. جڏهن تون رات جو سمهي پئين ته مون تو بابت سوچيو ته منهنجي ذهن ۾ سمنڊ اندر رهندڙ هزارين مخلوقون آيون، جن کي واقعي ڏسي نه ٿو سگهجي."

"هاڻي توکي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ آئي آهي." گرفن خوش ٿيندي چيو. "آئون ڇهه سال لاڳيتو ان تي ڪم ڪندو رهيس. مون ان راز جي ڪنهن سان به پرچار نه ڪئي، نه وري ان کي شايع ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيم. منهنجو استاد، پروفيسر اوليور، خيالن ۽ نظرين جو وڏو چور آهي ۽ مون نه ٿي چاهيو ته منهنجي محنت کي هو پنهنجي نالي سان متعارف ڪرائي ۽ مشهور ٿي وڃي. اسان وٽ سائنس جي دنيا به عجيب دنيا آهي، جتي هر قدم تي اسان کي چور ملن ٿا. بهر حال آئون پنهنجين ڪوشن ۾ رڌل رهيس ۽ تجربا ڪندو رهيس. ايستائين جو ڪاميابي تمام قريب ڏسڻ ۾ آئي. نيٺ آئون ڪاميابيءَ سان طبعيات جي شعبي جي هڪ نئين دريافت تي پهچي ويس.

(ناول جو آخري اڌ آئينده شماري ۾ پڙهندا)




# مسٽر غائب

محمد ميمڻ

مشهور انگريز اديب ايڇ.جي ويلس جي لازوال ناول "مسٽر غائب" ( The Invisible-Man) جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون. هن مشهور ناول تي فلمون به ٺهيل آهن.جيتوڻيڪ هي ناول اڻويهين صديءَ ۾ لکيل آهي. تنهن هوندي اڄ ايڪويهين صديءَ ۾ به هن ناول کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته اڄا هن ناول جو وقت مستقبل ۾ آهي. هن ناول جي پين ۾ آخري قسط هن مهيني پيش ڪجي ٿي.

**هڪ اهڙي سائنسدان جو قصو، جيڪو پنهنجي تجربي جو شڪار ٿي نظرن کان اوجهل ٿي ويو هو**

"واقعي!" ڊاڪٽر حيرت انگيز انداز ۾ پڇيس.

"توکي خبر آهي ته اسانجي جسم ۾ گردش ڪندڙ ڳاڙهي رت کي شفاف ۾ بي رنگ بڻائي سگهجي ٿو. اهو خيال رکندي ته اهو پنهنجو ڪم بلترتيب ڪندو رهي." گرفن، ڊاڪٽر کان پڇيو.

ڊاڪٽر اعتبار نه ڪندڙ انداز ۾



دانهن ڪئي.

"ها تون واقعي تعجب ظاهر ڪري سگهي ٿو." گرفن پنهنجي جڳهه تان اٿيو. جيئن ته اهو اجنبي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو هو، پر لڳو پئي ته رڳو لباس ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن پرواز ڪري رهيو هو. ٿورو ٽهلڻ ڪان پوءِ هن پنهنجي ڳالهه ڪي رڪنو، "مونکي اها رات ياد آهي. آئون ڪاليج جي ليبارٽريءَ ۾ اڪيلو هوس ۽ سوچي رهيو هوس. اوچتو منهنجي ذهن ۾ اکين ڪان اوجهل انسان جو خيال آيو. ساري رات آئون سوچيندو رهيس. پوءِ دريءَ ڪان ٻاهر ڏسڻ لڳس. چنڊ چمڪي رهيو هو. نگاهن ڪان غائب شخص جو تصور منهنجي لاشعور ۾ گردش ڪري رهيو هو. مون چاهيو ته آئون پنهنجو پاڻ کي اهڙو بڻايان جو طبعي اکين کي نظر نه اچان. آئون علم طبعيات جو هڪ ادنيٰ شاگرد هوس. مون کي هن موضوع جي ايتري گهٽي ڄاڻ به نه هئي، پر پوءِ به مونکي خبر نه آهي ته ڇو اهو يقين ٿي ويو هو ته آئون ائين ڪري ويندس."

"پر ڊاڪٽر! توکي خبر آهي ته ان ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ڇا آهي؟" هن ڊاڪٽر ڪان سنجيده انداز ۾ پڇيو ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏنائين، "جادو، غيب جو علم، طاقتور بنجڻ، آزادي ۽ گهڻو ڪجهه، پر نقصان ڪجهه به نه. پر ڇا اهو ممڪن هو!؟ ان سوال تي آئون بار بار سوچيندو هوس. ايندڙ ٽي سال لاڳيتا آئون ان تي سخت محنت ڪندو رهيس. مون ڪيترائي تجربا ڪيا ۽ نيٺ اهو يقين ٿي ويم ته اهو ڪم ڪرڻ شايد ممڪن نه ٿيندو." ائين چئي هو خاموش ٿي ويو.

"ائين وري ڪيئن؟ ممڪن ڇو نه هو؟" ڊاڪٽر اتساهه ڏياريندڙ انداز ۾ پڇيس.

"مون وٽ پئسا نه هئا." گرفن اهو چئي وري خاموش ٿي ويو. ڪجهه لمحن ڪانپوءِ هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"پوءِ مون سوچيو ته پنهنجي پيءُ ڪان پئسا گهران پر ان مون کي اهي گهرڻ تي به نه ڏنا. مون مجبورن گهر ۾ رکيل سندس تجوڙيءَ مان چوري ڪئي، پر جيڪي پئسا مون ڪنيا هئا، اهي هن جا نه هئا ۽ اهي ڪنهن جي امانت طور وٽس رکيل هئا. تنهنڪري هن پاڻ کي خواريءَ ڪان بچائڻ لاءِ گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي.

****

ڪجهه لمحن لاءِ ڊاڪٽر پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو. پوءِ اٿيو ۽ دريءَ وٽ بيٺل گرفن، جنهن جو لباس نظر اچي رهيو هو، کي ٻانهن ڪان وٺي دريءَ ڪان پري ڪيائين.

"لڳي ٿو ته تون ٿڪل آهين." ڊاڪٽر ڪيس چيو. پوءِ ڪرسي ڪڍي گرفن ۽ دريءَ جي وچ ۾ رکيائين.

ڪافي وقت گرفن پنهنجي جڳهه تي خاموش ويٺو رهيو ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

"جڏهن اهو واقعو پيش آيو تہ مون گهر کي ڇڏي ڏنو. اها گذريل ڊسمبر جي ڳالهہ آهي ۽ واپس اچي لنڊن ۾ هڪ ڪمرو ڪرائي تي وٺي رهڻ لڳس. اهو ڪمرو عجيب طرز جو هو. ڪجهہ ئي وقت ۾ مون ان ڪمري کي قسمين قسمين اوزارن سان ڀري ڇڏيو ۽ آهستي آهستي ڪم کي جاري رکندو آيس. اهي سڀئي شيون مون بابا جي پئسن مان ورتيون هيون. بابا جڏهن مري ويو، مون ان جو سوڳ بہ نہ ملهايو هو. شايد ان جو سبب اهو هو تہ هن پنهنجو پاڻ کي بيوقوفيءَ ۾ گولي هڻي ماري ڇڏيو هو. آئون تمام ٿورن ماڻهن سان گڏ هن کي دفنائڻ لاءِ قبرستان ويس. پوءِ جڏهن موٽي واپس اچي رهيو هوس تہ رستي ۾ مونکي اها ڏهہ ڇوڪري ملي، جنهن کي آئون انڪل ڏهن سالن کان سجاڻندو آهيان. آئون پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيس. هوءَ اڳيئي بت بڻي بيٺي هئي. اسانجون نگاهون پاڻ ۾ مليون. پوءِ اوچتو الائجي ڇو مون هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي."

"هوءَ هڪ عام رواجي خوبصورت شڪل صورت واري ڇوڪري هئي." اجنبيءَ کي ماضي ياد پئي آيو.

"ڊاڪٽر آئون توکي هر شيءِ تفصيل سان ٻڌائيندس. في الحال اهم نقطا ئي منهنجي ذهن ۾ آهن. باقي سڀ معلومات انهن ڪتابن ۾ آهي، جيڪي مارول ڪٽي پچي ويو آهي. اسانکي ٽڪريءَ ڪان هيٺ هلي ان جي ڳولها ڪرڻ گهرجي." گرفن تيز تيز ڳالهائيندي چيو.

"سڀ کان پهرين اهڙي قسم جو مادو تيار ڪرڻو هو، جنهن جي روشنيءَ جي موڙاڻ جي شرح ٻن شعاع ڪيندڙ مرڪزن جي درميان لرزش جي برابر هجني. ان باري ۾ آئون توکي پيهر تفصيل سان ٻڌائيندس." گرفن گفتگو جاري رکي.

"يا شايد روئنٽجن جي ايڪس سري لهرن وانگر، الائجي مونکي ياد نہ ٿو اچي." هن متشڪي انداز ۾ چيو، "خير مونکي ٻن ڊائنامورن جي ضرورت هئي، جيڪي گئس تي هلندا هجن. منهنجو پهريون تجربو "آن" جي هڪ ڪپڙي تي هو. ڏاڍو عجيب لڳو، جڏهن اهو اڪين اڳيان اوجهل ٿي ويو. مونکي يقين نہ ٿي آيو تہ آئون ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. مون خلا ۾ هٿ گهمايو. ڪپڙو منهنجي هٿ کي لڳو. ساڳيو مادو، عجيب ڳالهہ هئي! پوءِ مون ان کي ڪٽي فرش تي اڇلائي ڇڏيو تہ وري هٿ نہ آيو. اوچتو پٺيان کان مياٺون مياٺون جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هڪ اڇي رنگ جي ٻلي دريءَ وٽ بيٺي هئي . اوچتو منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال آيو ۽ آئون ان جي ويجهو ويس پر اها ڊڄي مون کان پري ڀڄڻ لڳي. مون ٻچڪاري هن کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. اها تمام گهڻي بکايل هئي. مون کيس پيئڻ لاءِ کير ڏنو ۽ مکڻ ڪٽي سڄي جسم تي مهڻ لڳو سانس."

"مطلب تہ تو ان کي پنھنجي تجربي لاءِ استعمال ڪيو." ڊاڪٽر گھري سوچ ۾ گم گرفن کان پڇيو.

"ها مون ان تي تجربو ڪيو. پر ڪنھن جانور کي دوائون کارائڻ ايترو آسان نہ آھي. ان ٻليءَ تي ڪيل منھنجو تجربو ناڪام ٿي ويو." گرفن جواب ڏنو.

"ناڪام ٿي ويو؟" ڊاڪٽر سواليہ انداز ۾ پڇيو

" ها. ناڪام ويو. ان ٻليءَ جا باقي سڀ عضوا تہ اکين کان اوجھل ٿي ويا. پر سندس پيرن جا چنبا ۽ اکين جي پٺيان وارو ڪارو مادو، جنھن کي ٽئپيٽم چئبو آھي، سو غائب نہ ٿيو. مون ھن کي ڪجھہ دوائون کارايون تہ جيئن سندس رت پڙو ٿي وڃي ۽ ڪجھہ ٻيا عمل بہ ڪيا. پوءِ ھن کي آفيم کارايم. ٿوري دير ۾ ھوءَ بيھوش ٿي وئي. مون وھاڻي سوڙو ھن کي ڪٽي تجربي واري ٿانون ۾ رکيو. تجربي بعد ھن جو پورو جسم غائب ٿي ويو، فقط اکين جا ٻہ تارا نظر اچي رھيا ھئس."

"آئون وضاحت نہ ٿو ڪري سگھان، پر ٿوري ئي دير ڪانپوءِ ھن کي ھوش اچڻ لڳو ۽ ھوءَ ميان مياڻون ڪرڻ لڳي. اوچتو دروازي تي ڌڪ لڳو. شايد ٻليءَ جي مالڪياڻي مياڻون مياڻون جو آواز ٻڌي آئي ھئي. مون ھڪدم ڪلوروفارم ڪٽي ٻليءَ جي نڪ تي رکيو ۽ اٿي دروازو کوليم."

"منھنجي ٻلي تہ ھتي نہ آئي آھي؟" ان عورت پڇيو.

"نہ. ھتي ڪونہ آئي آھي." مون جواب ڏنومانس، پر ھن کي يقين نہ آيو سو جھاتي پائي اندر ڏٺائين. اندر جو ڏيک عجيب ھو. ھڪ برتن ۾ رکيل بلورن جھڙا ٻہ نقطا نظر آيس. جڏھن مطمئن ٿي تہ اتان ھلي وئي.

"ان عمل ۾ توکي اٽڪل ڪيترو وقت لڳو؟" ڊاڪٽر پڇيس.

"ٽي يا چار ڪلاڪ لڳا ھوندا." گرفن جواب ڏنو.

"ھڏا، گوشت، وڪا ۽ سڀڪجھہ غائب ٿي ويا، پر اکين جي پٺيان اھو ڪارو مادو اجا تائين واضح ڏسڻ ۾ پئي آيو." گرفن وڌيڪ چيو.

"ڪافي وقت گذري چڪو ھو." گرفن پنھنجي ڳالھہ کي جاري رکيو، "۽ آئون تمام گھڻو ٿڪجي پيو ھوس. مون گئس کي بند ڪيو ۽ سمھڻ جي تياري ڪرڻ لڳس. ٻلي اجا تائين بيھوش پئي ھئي. مون گھڻي ڪوشش ڪئي، پر ننڊ نہ آئي. ھر ھر اٿي تجربي واري جاءِ تي آيس ٿي. منھنجي تصور ۾ اردگرد جون سڀئي شيون غائب ٿي رھيون ھيون. ايستائين جو مونکي لڳو تہ جنھن فرش تي آئون بيٺو آھيان، اھو بہ اکين کان اوجھل ٿي ويو آھي. اوچتو مياڻون مياڻون جو آواز ٿيو. ٻلي ھوش ۾ اچي وئي ھئي. ڪنڊ ورائي ڏٺم تہ فقط ٻہ بلور ڏسڻ ۾ آيا. ٻليءَ جي رڙين مونکي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو. سوچيم تہ ڪير ڏيانس پر ڪير ھو ئي ڪونہ.

پوءِ اتي جهلڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ناڪام ويس. نيٺ دري ڪولي هش هش ڪرڻ لڳس، ان خيال کان ته ٻلي دريءَ مان ٻاهر نڪري ويندي. بهرحال ٿيو به ائين. وري اچي بستر تي ليٽيس ۽ سوچڻ لڳس. اوچتو بابا جو پور پيم. سوچيندي سوچيندي صبح ٿي ويو. ننڊ اچڻ جي ڪا اميد نه هئي، سو اٿي ٻاهر آيس ۽ دروازي کي تالو لڳائي ٻاهر سنسان گهٽين جي سير تي نڪري پيس."

"تنهنجو مطلب ته اها ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ٻلي اجا تائين هوندي اتي هوندي؟" ڊاڪٽرپڇيو.

"جيڪڏهن مري نه وئي هوندي ته پوءِ ممڪن آهي ته اها اجا به اتي هجي." گرفن جواب ڏنو. "مون چار ڏينهن پوءِ ان کي ڏٺو هو. گهٽيءَ ۾ ماڻهو هجوم جي شڪل ۾ بيٺل هئا. مياٺون مياٺون جا آواز اچي رهيا هئا، پر ٻلي نظر نه ٿي آئي. ان ڪانپوءِ ان سان ڇا وهيو واپريو، تنهنجي مونکي ڪا ڪل نه آهي." ڪجهه وقت خاموش رهڻ ڪانپوءِ گرفن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "جنوريءَ جو مهينو هو. آئون پروٽ لئنڊ اسٽريٽ ۾ هوس. گهوڙن تي سوار سپاهي اچي وڃي رهيا هئا. آئون ٻاهر اس ۾ ويٺل هوس. تمام گهڻو ٿڪل هوس. ائين پئي لڳو، چڻ بخار هجيم. منهنجو ذهن به ٿڪل هو. آئون سوچي رهيو هوس ته ڪيئن پنهنجن تجربن کي ڪامياب بڻايان. چار سال مسلسل ڪم ڪرڻ سبب منهنجي طاقت گهٽجي وئي هئي. جوش ۽ ولولو، جيڪو پهرين هو، اهو هاڻي نه رهيو هو. تنهنڪري سوچيم ته ان جوش کي پيهر بحال ڪريان. سو سوچيم ته ڪجهه ڏينهن آرام ڪريان ته جسم ۽ ذهن ڪم ڪرڻ جي لائق ٿين. ڪافي ڏينهن کان مڪمل ننڊ به نه ڪئي هئم، تنهنڪري سوچيم ته ڪا دوا وغيره کائي سڪون سان ننڊ ڪريان ته وڃايل توانائي وري بحال ٿئي."

"منهنجي ذهن ۾ هر وقت فقط هڪ ئي ڳالهه هئي ته مونکي هر حال ۾ اهو ڪم ڪرڻو آهي. مون گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، پر ان خيال منهنجي پٺ نه ڇڏي. مون وٽ جيڪي پئسا هئا، سي اچي پورا ٿيا هئا. آئون نڪريءَ جي مٿان ٻيهي هيٺ راند ڪندڙ ٻارن کي ڏسي رهيو هوس ۽ سوچي رهيو هوس ته ڏسڻ ۾ نه ايندڙ شخص لاءِ هن دنيا ۾ ڪيترا نه فائدا آهن. پوءِ هيٺ لهي آيس. ماني کائڻ ڪانپوءِ هڪ ننڊ جي گوري کاڌم ۽ بستري تي وڃي ليٽيس."

"جڏهن آئون بيدار ٿيس ته عجيب قسم جي ٿڪاوٽ جسم ۾ هئي. شايد ان گوريءَ جو اثر هو. اوچتو دروازي تي زور سان ڌڪ لڳو. اهو منهنجي هن ڪمري جو مالڪ هو. هو عجيب انداز ۾ ڌمڪيون ڏيندي ڪجهه چئي ۽ پڇي رهي هو. هو پولينڊ جو هڪ يهودي هو. ڪيس پوري رنگ جو ڪوٽ پهريل هو. هن مون کان

سيڙهين تان هيٺ پڇي ويو. مون دروازو بند ڪيو ۽ اچي آرسيءَ جي اڳيان بيٺس. پوءِ مونکي هن جي ڏپ جو سبب معلوم ٿيو. منهنجو سڄو منهن چوني جي پٿر وانگر اڇو ٿي ويو هو."

"اها رات ڏاڍي اذيت ڀري هئي. مونکي توقع نہ هئي تہ ان عمل سان جسم ۾ ايتري پيڙا ٿيندي. منهنجي سڄي جسم ۾ چڻ باهہ لڳل هئي. آئون چڻ لاش بڻيو بستري تي پيو هوس. سڄي رات ائين دانهون ڪندي ۽ سڏڪا ڀرندي گذري. اها رات مونکي ڪڏهن بہ نہ وسرندي. بلاشڪ جهنم جي مثل هئي اها اذيت. خير رات گذري، روشني آهستي آهستي پنهنجا پر ڦهلائڻ لڳي. منهنجو سڄو جسم شيشي وانگر شفاف ٿي چڪو هو ۽ جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو، اها شفافي پڻ وڌندي وئي ۽ پوءِ هڪ هڪ ٿي جسم جا عضوا اکين کان اوجهل ٿيڻ لڳا. مون پنهنجو تجربو مڪمل ڪيو. ان منجهند جو آئون سمهي پيس، ڇاڪاڻ تہ پيڙا سبب رات جو ستو نہ هئس ۽ سڄي جسم ۾ ٿڪاوٽ هئي. شام جي وقت دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ آئون بيدار ٿي ويس. منهنجي جسم جي توانائي بحال ٿي چڪي هئي. تيزيءَ سان پنهنجن اوزارن کي الڳ ڪرڻ لڳس. ٺڪ ٺڪ بيهر ٿي. مون ڪين آواز ڏنو تہ بيهو، مان در کوليان ٿو. ڪاغذ، ٽانو نڪر سڀ ڪجهہ هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ لڳس. هاڻ تمام زور سان ٺڪ ٺڪ ٿيڻ لڳي. شايد ٻاهران ڪان ڪنهن در کي زوري کولڻ جي ڪوشش ڪئي. مون دري کولي ۽ آهستي ٻاهر نڪري ويس ۽ دريءَ ڪان اندر ڏسڻ لڳس. هڪ سيخ جي ذريعي ڪنهن در جي هڪ ٽاڪ ۾ سوراخ ڪيو ۽ اندران ڪان ڪڙو کوليو. گهر جو مالڪ ۽ سندس بہ نوجوان اڳا پٺ اندر گهڙي آيا. جڏهن اندر آيا تہ اهو ڏسي وائڙا ٿي ويا تہ آئون اتي ڪو نہ هئس. انهن مان هڪ دريءَ ڪان ٻاهر جهاتي پائي ڏسڻ لڳو، پر ٻاهر بہ ڪجهہ نظر ڪو نہ آين. هنن بستري جي هيٺان، ڪٻٽ ۾، غسل خاني ۾، مطلب تہ انهن مون کي هر هنڌ جانچيو، پر ڪير هجي تہ نظر اچين! وائڙا ٿي هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ شايد اهو آواز سندن وهم هو. پوءِ منهنجي باري ۾ عجيب اندازا لڳائڻ لڳا. آئون آهستي آهستي ڏاڪا چڙهي مٿي آيس ۽ اهو لڪاءُ ڏسڻ لڳس. منهنجي ڪمري جي پر وارن ڪمرن ۾ رهندڙ ماڻهو بہ ٻاهر نڪري آيا هئا. مون ڇا ڪيو جو ماچيس ڪڍي پنهنجي سڄي سامان کي باهہ ڏئي ڇڏي. ايئن خودبخود باہ کي لڳندو ڏسي هو حيرت سان گڏ ڏپ ۾ ڀرجي ويا ۽ اتان پڇي نڪتا. خير انهن کي اتي ڇڏي آئون هيٺ لهي آيس. منهنجي ذهن ۾ عجيب خيال، منصوبا ۽ خواهشون هنيون. آئون سوچي رهيو هوس تہ ڏسڻ ۾ نہ اچڻ جا ڪيترا فائدا آهن. آئون دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ڪري ٿي سگهيس. مونکي مڪمل آزادي

۽ تحفظ حاصل هو.

****

ڊاڪٽين ڪان هيٺ لهندي پهريون پيرو مونکي غير متوقع ڏکيائي محسوس ٿي. مونکي پنهنجا پير ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيا. آئون بہ ٽي پيرا ٿابڙيس، پر پاڻ کي جهلي ورتم. بهرحال هيٺ سيڑهين تي نهاريندي نيٺ لهي آيس."

"مونکي عجيب مسرت محسوس ٿي رهي هئي. منهنجا احساس بلڪل ائين هئا، جيئن ڪنهن ڏسڻ ۾ ايندڙ شخص جا هوندا آهن. ائين ٿي لڳو، ڄڻ منهنجا ٻئي پير ٻدل هجن. آئون بغير ڪنهن آواز ڪرڻ جي شهر ۾ گهمي رهيو هوس. ايستائين جو ڪپڙن جي سرسراهٽ بہ ٻڌڻ ۾ نہ پئي آئي. منهنجي ذهن ۾ خيال آيو تہ آئون ماڻهن سان مذاق ڪريان. ڪنهن کي ٿيلهو ڏيان، ڪنهن کي چماٽ وهائي ڪڍان تہ ڪنهن کي ڊيڄاريان. آئون ڪنهن کي بہ ڏسڻ ۾ نہ پئي آيس. ان لاءِ مون پنهنجي ان غير معمولي صورتحال جو پورو پورو فائدو وٺڻ ٿي چاهيو ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهي، ان مان لطف اندوز ٿيڻ پئي چاهيم."

"انهن ئي سوچن ۾ گم آئون پورٽ لينڊ علائقي ۾ رستي کي پاسو ڏئي اڳيان پئي ويس. اهو علائقو منهنجي گهر جي بلڪل پاسي ۾ هو. اوچتو پنيان ڪان زور سان ڌڪ لڳم. ڌڪ ڪافي زوردار هو سو پنهنجي جاءِ تي گهمي ويس. پنيان ڪٽي ڏسان تہ هڪ شخص سوڊا جون بوتلون هڪ ڪريٽ ۾ مٿي تي رکيو پئي آيو. جيئن ئي هو مون سان ٽڪرايو، اچرج ۾ پئجي ويو تہ هي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن سان اهڙو زور سان ٽڪر ٿيو آهي! مونکي ڌڪ بہ ڪافي لڳو، پر پوءِ بہ مذاق جي لحاظ ڪان هن کي چيم، "شايد تنهنجين بوتلن ۾ غيبات آهي." هو اڃا وڌيڪ حيران ۽ پريشان ٿي ويو. اوچتو هن جي هٿ مان اهو ڪريٽ کسيم ۽ مٿي هوا ۾ لهرائڻ لڳس. هو هڪ جاءِ تي ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي بيهي رهيو ۽ حيرت منجهان ان ڪريٽ کي خودبخود هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏامندي ڏسندو رهيو."

"پريان هڪ دڪان تي وينل شخص بہ اهو لڪاءُ ڏسي رهيو هو. اوچتو ان لوهہ پاتي ۽ هٿوراڙي ڏئي پهرين منهن ڪان ۽ پوءِ ڳچيءَ ڪان اچي مونکي ورتائين. هن کي خبر نہ آهي تہ ذهن ۾ ڪهڙو خيال آيو هو، جو ائين ڪيائين. خير سندس ننهن تمام وڏا هئا، جن سبب منهنجي نڪ ۽ ڳچيءَ ۾ ڪافي رهڙون آيون. مون جو پاڻ کي ان حال ۾ ڏٺو سو بوتلن جي ڪريٽ مان هڪ بوتل ڪٽي ڪيس وهائي ڪڍيم. هو رڙ ڪري وڃي هيٺ ڪريو. مون ڪريٽ کي اڇلايو، جنهن جي ڪري سيئي بوتلون هيٺ ڪري چور چور ٿي ويون. اوچتو ڏٺم تہ ڪافي ماڻهو ڊوڙندا اسان واري جاءِ ڏانهن پئي آيا. هر طرف ڪان رڙين جا آواز، گاڏين جي بريڪن جا

گهر ڏانهن ۽ پوءِ اتان کان ڪنهن سنسان
گهٽيءَ تائين پهچان. سيءَ مون سان حشر
ڪري ڇڏيو هو. منهنجو جسم ڏڪي رهيو
هو ۽ ڏندن جي ڪڙڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي
آيو. چوڪ جي اتر طرف دوائن جي
ڪارخانن جا دفتر هئا. هڪ ننڍو اڇو ڪتو
اتان ٻاهر نڪتو ۽ مون محسوس ڪيو ته
ڪتي سڌي مون ڏانهن ڪاهه ڪئي."

"ان کان پهرين مون ڪڏهن به اهو
اندازو نه لڳايو هو ته ڪتي جي لاءِ سنڌس
نڪ، دماغ جون اکيون آهن، بلڪل ائين
جيئن ڪنهن انسان جون اکيون! ڪتا بوءِ
جي آڌار تي شين کي ڏسندا آهن. جيئن
اسان اکين جي آڌار تي. ڪتو پوڪندو ۽
ٽپا ڏيندو منهنجي پنيان ڪاهي پيو.
مونکي لڳو ته ڪتي کي منهنجي بوءِ
محسوس ٿي هئي ۽ شايد اهو به معلوم
ٿيس پئي ته آئون ڪتي آهيان."

"مون به دير نه ڪئي ۽ پنهنجي
پوري رفتار سان ٻرانگهون پريندو روسل
گهٽيءَ طرف ڊوڙڻ لڳس. ورجائي ورجائي
ڪلهي کان پنيان ڪتي کي ڏسي رهيو
هوس ۽ نيٺ اچي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾
پهتس. مونکي پوءِ احساس ٿيو ته آئون
ڪافي مفاصلو ڊوڙي آيو هئس."

"جيئن ئي آئون گهٽيءَ ۾ پهتس ته
دهل ۽ توتارين جا آواز پنهنجي ڪنن ۾
پوڻ لڳا. اڳيان نگاهه وڌم ته ماڻهن جو
هڪ وڏو هجوم گهٽيءَ کان ٻاهر عام
شاهراهه ڏانهن ايندي نظر آيو. سيني کي
ڳاڙهيون قميصون پيل هيون ۽ اڳيان هڪ
بينر ڪٽي پئي آيا. جنهن تي لکيل هو ته
"ڇوٽڪارو (آزادي) ڏياريندڙ فوج"

"آئون وائڙو ٿي ويس. پنيان ڪتو.
گهر اڃان ڪافي پري. هاٿي وڃان ته
ڪاڏي وڃان. پوءِ يڪدم فيصلو ڪيم ۽
پيڙ ۾ گهڙي پيس. اڳيان هلي هڪ چوڪ
تي بيهي رهيس. جتان کان منهنجو گهر
ويجهو هو ۽ انتظار ڪرڻ لڳس ته اها پيڙ
گذري وڃي. دهل جو آواز ٻڌي ڪتي جو
ڌيان مون تان هٽي ويو ۽ پڇ لوڏيندو ٻي
ڪنهن علائقي ڏانهن لوهه ڪيائين."

"ماڻهو هئا جو ڪٿائي نه ٿي! عجيب
گيت، نظم ڳائيندا زور سان پير زمين تي
هڻندا اڳيان وڌي رهيا هئا. آئون اتي بيهي
انهن جي گذرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس.
جڏهن ماڻهو ڪجهه گهٽيا ته پاسو وٺي
اتان نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. ان دوران
مونکي خبر نه پئي ته ٻه نوجوان زمين تي
منهنجي پيرن جا نشان ڏسي رهيا هئا.
انهن مان هڪ چيو، "اڙي هي ڏس!"

ٻئي چيو، "ڇا ڏسان؟"

"هي ڏس ڳپ سان ڀريل پيرن جا
نشان! اسان جا نشان به ساڳيا آهن."

"مون هيٺ نهاريو ۽ ڏٺو ته واقعي
رستي تي منهنجي پيرن جا نشان هئا ۽
آئون اڳيان ٿي ويس ته اهي نشان به اڳيان
ٿي هليا. گذرندڙ ماڻهو هڪ ٻئي کي پاسا
۽ ٺونٺيون هڻندا اڳيان پئي ويا ۽ هنن
نوجوانن ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنائون."

"تي سگهي ٿو ته هن پيڙ ۾ ڪو شخص پيرن اگهاڙو هجي ۽ ڪنهن جاءِ تي سندس پير گپ ۾ پرجي ويا هجن، پر خير مونکي خبر نه آهي." هڪ نوجوان چيو.

ٻئي نوجوان منهنجي پيرن ۾ غور سان نهاريو ۽ اشارو ڪري چيائين، "هي هيٺ ڏس."

"آئون ٿورو پريشان ٿيس ۽ هيٺ نهاريم ته منهنجي پيرن تي لڳل گپ واضع هئي ۽ پيرن جي موجودگيءَ کي ڏيکاري رهي هئي. آئون هاڻي تمام گهڻو پريشان ۽ منجهي پيس. ائين لڳو ڄڻ منهنجو سڄو جسم مفلوج ٿي ويو هجي."

"لڳي ٿو ته شراب جو نشو آهي." هڪ نوجوان چيو.

"اڙي نشو وري ڇا جو. هي ڪنهن غيبات جا پير آهن." ٻئي چيو. هن هوا ۾ هٿ ڌڳهيڙي مونکي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي. اتان لنگهندڙ هڪ شخص ۽ پوءِ هڪ ڇوڪري بيهي اهو ڏسڻ لڳا ته هو هوا ۾ ڇا ٿو پڪڙي. هو شايد مونکي پڪڙي وجهي ها پر مون يڪدم فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي جاءِ تان هڪ قدم هٽي ويس. مون سان گڏ اها لڳل گپ ۽ رستي تي پير نهڻ جا نشان پويان هٽيا. ڇوڪرو تيزيءَ سان مون ڏانهن وڌيو ۽ آئون جهڙپ ڏئي هڪ پاسي ٿي ويس. ٻيو ڇوڪرو منهنجي چرپر کي غور سان تاڙي رهيو هو. آئون پاسي ۾ هڪ گهر جي دهليز تي چڙهي ويس ۽ جڏهن هيٺ لهڻ لڳس ته هن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، "پير هوڏانهن آهن. پٽ تي." هو منهنجي ارد گرد گهمڻ لڳو.

ڪنهن راهگير پڇيو ته "ڇا آهي؟" نوجوان حيرت ۽ خوف وچان جواب ڏنو، "پير! ڊوڙندڙ پير! پيرن جا نشان، گپ."

"هڪ ٻئي جي پٺيان ماڻهو بيهندا رهيا ۽ سواليه جملا ڳالهائڻ لڳا. جڏهن نوجوان زور سان دانهون ڪرڻ لڳو ته منهنجي حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳي. آئون پنهنجي علائقي جي طرف ڊوڙڻ لڳس. پنج ست ماڻهو منهنجن پيرن جا نشان ڪٺندا منهنجي پٺيان پئي آيا. مون سوچيو، "جيڪڏهن وڌيڪ اتي بيهان ها ته شايد ماڻهن جو اهو سڄو ولر منهنجي پٺيان هجي ها."

"آئون هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳس. ڪڏهن هن پاسي ته ڪڏهن وري هن پاسي. وري دڪيءَ تي، پري روڊ تي. وري واپس گهٽيءَ ۾. ائين ٿي لڳو ڄڻ منهنجا هوش خطا ٿي ويا هجن ۽ آئون چرين وانگر گهٽين کي ماپيندو هجان. نيٺ منهنجن پيرن کي لڳل گپ خشڪ ٿي ۽ هاڻي پٽ تي گپ جا نشان نه پئي ٿيا. ان پل مون سک جو ساهه کنيو ۽ هٿن سان ڪري پيرن کي لڳل گپ، جيڪا هاڻي خشڪ ٿي وئي هئي، لاٿيم."

"منهنجو جسم گرم ٿي ويو هو ۽ سرد هوا ۾ به مونکي پگهر ڳڙي رهيو هو. بهرحال ڪجهه همت ڪري اڳيان وڌڻ لڳس. مون انهن گهٽين مان وڃڻ چاهيو،

جتي ماڻهن جو گذر تمام گهٽ هجي. منهنجي سڄي جسم جي هر سنڌ سنڌ ۾ سور هو. شروع شروع ۾ جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتو هوس ته هڪ شخص مونکي ٻچيءَ کان پڪڙيو هو. سندس ننهن سبب ٻچيءَ مان رت وهي رهيو هو. پير ۾ به ٿورو ڏک لڳو هوم. سو منڊڪائي به رهيو هوس. دل سؤ کان وڌيڪ رفتار سان ڌڙڪي رهي هئي. اوچتو مون ڏٺو ته هڪ انڌو شخص مون ڏانهن پئي آيو. ان کان اڳ جو مون سان اچي ٽڪرائجي، آئون گس کان هٽي ويس. مون کي خوف ٿيو ته هو بصارت کان محروم آهي، ان سبب سندس محسوسات جي حس تمام تيز هوندي ۽ منهنجي موجودگيءَ کي معلوم ڪرڻ هن لاءِ ڏکيو نه ٿيندو."

"هلندي هلندي آئون ڪافي ماڻهن سان ٽڪرايو هوس. ڇاڪاڻ ته هلي ته رهيو هوس پر سوچن ۾ محو، سو اڳيان ڪير ٿو اچي، ڪل نه ٿي پيم. جن ماڻهن سان ٽڪرايس، اهي عجيب ڪيفيت ۾ اچي ٿي ويا. ڇاڪاڻ ته انهن جي آسپاس ڪا شيءِ نه هئي. هڪ اڌ لمحو سوچڻ ڪانپوءِ اهو سوچي پنهنجو گس ٿي ورتائون ته شايد اهو سندن وهم هو."

"منهنجي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي هئي. سرد هوا ۽ برف باريءَ سبب مونکي ٿڌ ۽ زڪام ٿي پيو هو. خوف هو ته متان نمونيا ۾ مبتلا نه ٿي وڃان. سڄو ڏينهن ننگو رهيو هوس ۽ اڃا ڪا خبر نه هئي ته

ڪيترو وقت ائين ئي دربدر گذارڻو هو. ويچاريم ڇا سوچيو هوم ۽ ڇا ٿي ويو هو! الائجي ڪهڙي ڪل ٽڙي جو پنهنجو پاڻ کي هن مصيبت جي حوالي ڪري ڇڏيو هوم. هاڻي ته گهٽين مان گذرڻ به اوکو پئي لڳو. جيڪو به ڪتو منهنجي پرسان گذريو ٿي، اندر ۾ عجيب ٻوڙ پيدا ٿي ٿيو. ڇاڪاڻ ته ڪتا نڪ کي مٽي ڪري واسون هٽندا ٿي ويا. جيڪڏهن منهنجي بوءِ اچي وين ته الائجي ڇا ڪندا! آئون اڳيئي ٽڪل ٽٽل هوس، هاڻي ته ڊوڙي به نه سگهندس."

"اوچتو ڪجهه مرد ۽ ٻار تيزيءَ سان ڊوڙندي نظر آيا. اهي دانهون ڪندا ٿي ويا. اصل ۾ ڪٿي باهه لڳي هئي. اهي ماڻهو ان طرف ڀڄندا پئي ويا، جتي منهنجي رهائش گاهه آهي. مٽي نهاريم ته ڇتين ۽ ٽيليفون جي تارن مٿان دونهين جا ڪڪر ڏسڻ ۾ آيا."

"يا الله خير! هيءَ ته منهنجي جاءِ آهي." منهنجي جسم جو اڌ ساهه نڪري ويو. جيئن تيئن ويجهو آيس. سڀ ڪجهه سڙي ڇار ٿي ويو هو. ڪپڙا، اوزار، ڪيميائي مرڪب، ڪاغذ. مطلب ته منهنجي هر شيءِ سڙي رک ٿي وئي هئي. فقط منهنجو چيڪ بڪ ۽ ٽي ڪتاب بچيا هئا. جيڪي شايد پاڙي جي ڪنهن ماڻهوءَ ڪڍي ورتا هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ سڄو علائقو باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويو هجي. شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. مونکي لڳو ته منهنجي زندگيءَ جي سفر

جو سمورو ساز و سامان سڙي ختم ٿي ويو هجي."

"آئون ڪري به ڪجھ نه ٿي سگھيس. سو خاموش، پنڊ پهڻ بڻيو پنهنجي آستاني ۽ سامان کي آتش جي پلئه ۾ ڏسي اندر ۾ جلي رهيو هوس."

"هاڻي ڇا ٿيندو! منهنجا اوزار ۽ ڪيميائي مرڪب سڀ سڙي ويا. آئون واپس اصل حالت ۾ ڪيئن ايندس. هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو. آئون ته ائين دربدر ٿي نيٺ مري ويندس."

اجنبي شخص ڪجھ لمحن لاءِ خاموش ٿيو . ڊاڪٽر ڪيمپ، جيڪو هن جي قصي کي غور سان ٻڌي رهيو هو، هاڻي ٿورو حيرت ۽ مونجهاري ۾ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ چيائين، "ٺيڪ آهي، هاڻي قصي کي اڳتي وڌاءِ."

****

"اها گذريل جنوريءَ جي ڳالھ آهي. زوردار برف باريءَ سان گڏ طوفاني هوائون هلي رهيون هيون. ائين ٿي لڳو ته ان برف باريءَ ۽ يخ سرد هوائن جو واحد شڪار آئون هوس. آئون تمام گھڻو ٿڪل هوس. مٿان وري سردي، سو جيئڻ محال ٿي ويو. پهرين ته ڏاڍو خوش ٿيس ته آئون ماڻهن کي ڏسڻ ڪونه ايندس، پر هاڻي ته اها خاصيت جي بجاءِ هڪ ويڌن ٿي لڳي. يقين ڪر، ڏاڍي تشويشناڪ حالت ۾ هوس. منهنجي لاءِ اها هڪ نئين زندگي هئي، پر بي رونق. تڪليفن سان ڀريل. ڪو اجهو نه، نه ڪي ڪاڻو، ڪپڙا، اوزار، آسائشون. ڪا شيءَ نه! اڪيلو نويڪلو، ڪو ساٿي نه ڪو رازدار. پنهنجو حال ٻڌايان به ته ڪنهن کي. ماڻهو ٻڌڻ سان خوف ۾ ٻڏي ويندا. هڪ اڻ ڏٺل شيءِ کي حقيقت ڪير مڃيندو."

"ڏاڍو منتل هوس. گھٽين، رستن ۽ چوراهن تي دربدر ٿيندي ڪجھ ڪري به نه ٿي سگھيس. ڪا سٽ، ڪو منصوبو، پر پهرين ته ڪو اجهو هجي، جو سرير کي سرد هوا جي ڏنگن کان بچائيان. جيسيتائين وڃايل قوت ۽ توانائي ٻيهر بحال نه ڪريان، تيستائين ته ذهن به ڪم نه ڪندو. مٿان وري وسوسو ته متان ڪنهن مصيبت جي ور نه چڙهي وڃان."

"لنڊن جو شهر وڏين اوچين عمارتن جي ڪري گھڻو خوبصورت هو، پر سرديءَ ۽ برف باريءَ سبب گھٽيون ويران لڳيون پيون هيون. ٻيو ته ٺهيو پر ماڻهن گهرن جي درن ۽ درين کي به ائين بند ڪري ڇڏيو هو، جو هوا گذرڻ جي به جاءِ نه هئي. ان صورتحال ۾ آئون ڪيڏانهن وڃان. ڪنهن کي دانهن ڏيان. هونئن چوندا ڪونه آهن ته "هٺ جي وڍيءَ جو ويچ نه طبيب". مونکي ڪنهن منٽ ته ڪونه ڪئي هئي جو اهڙا تجربا ڪريان. پاڻهي ڪئيءَ ڪنيو هوم، مٽ منڊي هيم. هاڻي وينو سور سليان."

"گھٽين ۽ رستن تي سيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ محسوس نه ٿي ٿيو. جيڪو راڪاس جيان واڪا ڪندو ٿي ڦريو.

ڪنهن کي همت نہ ٿي ٿي جو ٻاهر ليئو بہ پائي. اونداهہ اهڙي جو اک نہ ڏسي گوڏي کي. نہ ٿي پئي خبر ڏڪيءَ جي ۽ نہ وري ناليءَ جي. ائين خدا جي توڪل تي ٻي يارو مددگار پئي خوار ٿيس. شايد ان اميد سان تہ ڪنهن کي رحم اچي، پر سڪٽي تسلي ۽ ڏڍ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ممڪن ئي ڪوبہ هو."

"ائين هلندي هلندي هڪ سوچ ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳي. مون هڪدم پنهنجي رخ کي تبديل ڪيو ۽ رومنيسز واپاري مرڪز ڏانهن هليو ويس. اهو لنڊن جو سڀني کان وڏو واپاري مرڪز هو، جتي ضرورت جي هر شيءِ دستياب هوندي آهي. مون کي آتي جي هڪ وڏي مارڪيٽ جي خبر هئي. جتي هر شيءِ ملندي هئي، چاهي اهي ڀاڄيون، اناج، مسالا، ڪراڪري، ڪپڙا، جوتا هجن يا وري رانديڪا......مطلب تہ روزمرهہ جي زندگيءَ لاءِ گهربل هر شيءِ ان مارڪيٽ ۾ ميسر هوندي آهي. جڏهن آئون اوڏانهن ويس تہ منهنجو خيال هو تہ اها وڏي مارڪيٽ ڪليل هوندي ۽ اتي ڪافي رش بہ هوندي، پر منهنجي قسمت ئي ڪا ڦٽل هئي. ڪا شيءَ نہ هئي. سڀئي دڪان بند هئا ۽ ٻاهر سنسان راهن تي ماٺ جي بادشاهي هئي. سرديءَ سبب ان مارڪيٽ جا بہ سڀئي دروازا ۽ دريون وغيره بند ڪيون ويون هيون ۽ گراهڪ اندر ئي خريداري ڪري رهيا هئا. آئون مک دروازي جي اڳيان اچي ويٺس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس تہ ڪو اندر وڃي يا ٻاهر اچي تہ در کلي ۽ آئون اندر وڃان."

"ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ گاڏي اچي دروازي جي اڳيان بيٺي ۽ ان مان هڪ جوان مرد، جنهن کي وردي پهريل هئي، هيٺ لٿو ۽ ان دڪان ۾ داخل ٿي ويو. اهو شايد ڪنهن دڪان جو چوڪيدار يا محافظ هو. آئون بہ هن سان گڏ اندر داخل ٿي ويس. مون داخل ٿيڻ ۾ ذري بہ دير نہ ڪئي. ڇاڪاڻ تہ اندر داخل ٿيندي ئي هن زور سان دروازو واپس بند ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ٿوري بہ دير ڪريان ها تہ دروازو زور سان اچي مونکي لڳي ها ۽ آئون ڪياڙيءَ ڀر وڃي زمين تي ڦهڪو ڪريان ها. اهو نوجوان مارڪيٽ جي ان حصي ۾ گهڙي ويو، جتي دستانا، جوراب ۽ اهڙيون ٻيون شيون رکيل هيون. آئون هن کان اڳيان هليو ويس. اڳيان هڪ وسيع هال هو، جنهن جي چوطرف مختلف دڪان هئا، جتان ماڻهو خريداري ڪري دڪاندار سان قيمتن بابت مول تول ڪري رهيا هئا."

"مون پنهنجو پاڻ کي اتي محفوظ نہ پئي پاتيو، ڇو تہ ماڻهو پنهنجيءَ ۾ مگن هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهي هئا. آئون پريشان حال، هيٺ کان مٿي، اجا مٿي ڏاڪڻيون چڙهندو ۽ لهندو پئي ويس. آئون ڪنهن جاءِ جي تلاش ۾ هئس تہ ڪٿي ڪا محفوظ ۽ سڪون واري جڳهہ

نظر اچي تہ اتي پاسو وٺي سمهي رهان."

"بهرحال چوٿين منزل تي هڪ وڏو دڪان نظر آيو، جنهن ۾ بسترا وغيره وڪري لاءِ رکيل هئا. مونکي ان ڪان وڌيڪ موزون هنڌ ٻيو ڪونہ سجهيو. سو ڪنهن بہ شيءِ جي پرواهہ ڪرڻ بنا متي چڙهي ويس. رليون ۽ چادريون سٽن جي شڪل ۾ رکيل هيون. دڪان ۾ ماحول ڪافي گرم هو. آئون لٽ ڪوڙي اتي ليٽي پيس. دڪان اندر ٽي شخص گراهڪن کي منهن ڏئي رهيا هئا ۽ گراهڪ هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي پسند جون رليون، سوڙون ۽ فوم ۽ چاديون وغيره ڏسي رهيا هئا. آئون مسلسل انهن تي نظر رکندو آيس، جيستائين دڪان بند ٿيڻ جو وقت اچي. آئون انتظار ڪرڻ لڳيس تہ دڪان خالي ٿئي تہ آئون پيٽ جي باهہ اجهائيان ۽ پهرڻ لاءِ لباس اوڙهيان. جو گهٽ ۾ گهٽ مونکي ماٺهو قبول تہ ڪن. اهڙيءَ طرح پنهنجا ڪتاب ۽ رهيل کهيل سامان حاصل ڪري سگهان ۽ پوءِ ڪٿي ڪا جڳهہ وٺي پنهنجي هن مصيبت مان جان ڇڏايان ۽ پوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، دنيا کي غائب ٿيڻ واري هن دريافت کي متعارف ڪرايان تہ جيئن ان مان ڪو مثبت فائدو حاصل ڪري سگهجي. هيتري ويڏن ٿيڻ ڪانپوءِ بہ اجا ان جي پچار ڇڏڻ جو خيال نہ هئم."

"مونکي ان دڪان ۾ آئي ڪلاڪ ڪن ٿيو هوندو جو دڪان جون دريون بند ٿيڻ لڳيون ۽ گراهڪ ٻاهر نڪرڻ لڳا. پوءِ دڪان جا ملازم پکڙيل سامان کي ترتيب سان رکڻ لڳا. دڪان تمام وڏو هو. ان لاءِ وڪري ۽ نماءَ لاءِ شيون هيٺ لاهي پکيڙيون ويندون هيون. مون ڏٺو تہ ملازم مون ڏانهن تمام تيزيءَ سان شيون کڻندا ۽ رکندا ٿي آيا. آئون جلدي پنهنجي جاءِ تان هٽي ويس ۽ دڪان جي ان ڪنڊ ۾ ڦرڻ لڳس، جتي سمجهيم تہ ملازمن جو وڃڻ نہ ٿيندو. تمام گهڻيون شيون پکڙيل هيون، پر ملازمن انهن کي سميٽڻ، ويڙهڻ ۽ ترتيب سان پنهنجي مخصوص جاءِ تي رکڻ ۾ ڪا دير نہ پئي ڪئي. ڏسندي ئي ڏسندي دڪان جو وچ وارو حصو بلڪل خالي ٿي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻہ ٽي ڇوڪرا ٻهارا کڻي اندر داخل ٿيا ۽ صفائي ڪرڻ لڳي ويا. هر طرف دز اڏامڻ لڳي، جنهن سبب ساهہ کڻڻ ۾ مشڪل محسوس پئي ٿي. سوچيم تہ اگر ڇڪ اچي وئي تہ وري مسئلو پيدا ٿي ويندو. ان لاءِ ٻهاري ڏيندڙ ڇوڪرن کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪيم. ٿوري دير ۾ سڄو دڪان چمڪڻ لڳو. اهو سڄو عمل هڪ يا ڏيڍ ڪلاڪ هليو هوندو. نيٺ دڪان جون بتيون اجهامڻ لڳيون ۽ پوءِ درن جي بند ٿيڻ ۽ ڪلف لڳڻ جا آواز اچڻ لڳا. جڏهن پڪ ٿي تہ دڪان بلڪل خالي آهي تہ اندر ۾ ڪجهہ راحت محسوس ٿي. صبح کان وٺي هڪ پل بہ سڪون سان ڪونہ گذاريو هوم. ائين ٿي لڳو ڄڻ صدين جي ٿڪاوٽ جسم

مصنوعي نڪ ڏسڻ ۾ آيا. آئون ڏاڍو خوش ٿيس. ڇاڪاڻ ته منهنجي منصوبي ۾ نڪ وڏو مسئلو ڪري رهيو هو. جڏهن آئون منهن ويڙهي ڇڏيندس ته گهٽ ۾ گهٽ نڪ ته واضع ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجي. بهرحال اهو مسئلو به حل ٿيو. پوءِ مون سوچيو هو ته نڪ تي رنگين ميڪ اپ هڻي ڇڏيندس ته جيئن اهو ظاهر ٿي پوي."

"اکين جي سوراخن کي لڪائڻ لاءِ عينڪ جي به ضرورت هئي. پر گهڻو ئي تلاش ڪيم، ڪٿي به ڪو چشمو نظر نه آيو. منهن ڍڪڻ ڪانپوءِ اکين واري هنڌ گهري ۽ اونداهي ڪڏ نظر ايندي. عينڪ تلاش ڪندي منهنجي نظر وارن جي ڪاري ڍگهي وگ تي پئي، اها به ڪٽي هٿيڪي ڪيم."

"گرم ڪرڻ لاءِ گوشت چلهي تي رکي آيو هوس. جنهن جي سڙڻ جو واس نڪ کي اچڻ لڳو. ٽڪو ٽڪو مٿي ڪڻنئين ڏانهن ويس. ڊبل روٽي ۽ گوشت ڏاڍو مزو ڏنو. شايد ان جو سبب شديد بک هو. بعد ۾ چانهه کي گرم ڪري وڏا ڍڪ پري پيٽ ۾ لاٿم ۽ گرم رلين جي هڪ ويڙهي تي هڪ رلي وجهي لٽ ڪوڙي سمهي رهيس."

"منهنجي ذهن ۾ مختلف سوچون گردش ڪرڻ لڳيون. جڏهن کان وٺي منهنجي سرير ۾ تبديلي آئي هئي، اهو پهريون پيرو هو جو مون کي جسماني تسڪين نصيب ٿي هئي ۽ ان تسڪين جو اولڙو منهنجي ذهن ۾ صبح کان محسوس ڪري پئي سگهجيو. مون سوچيو ته جيئن ئي صبح جو دڪان کلندو، آئون خاموشيءَ سان هتان ائين کسڪي ويندس جو ڪنهن کي پتو به نه پوي. منهنجو سڄو جسم ڍڪيل هوندو ۽ منهن تي ڪپڙو ويڙهيل هوندو. پاهر نڪري ڪٿان ڪارن شيشن وارو چشمو خريد ڪندس ۽ اهڙيءَ طرح منهنجو بهروپ مڪمل ٿي ويندو."

"هاڻي ننڊ جا خمار منهنجي ذهن کي وڪوڙڻ لڳا ۽ آئون خوابن جي دنيا ۾ داخل ٿي ويس. گذريل چند ڏينهن کان وٺي مون سان جيڪي مسئلا درپيش آيا، اهي هڪ هڪ ٿي ذهن جي پردي ظاهر ٿيڻ لڳا."

"مونکي گهر جي مالڪياڻي ڪمري ۾ دانهون ڪندي نظر آئي ۽ سندس ٻه پٽ عجيب تعجب ۾ گم. جڏهن پاڻ ٻليءَ جي باري ۾ پڇڻ آئي هئي ته سندس چهري تي اچرج جا غير معمولي تاثر هئا. وري مونکي ڪپڙن جو غائب ٿيڻ نظر آيو. ماڻهن جون عجيب حرڪتون، پوءِ رد عمل، وائڙائپ، ائين لڳو ته منهنجي پيءُ جي قبر کليل هجي. منهنجي اٽڪلي عڪس کي محسوس ڪندي ان جي دفنائڻ جون رسمون ڪندڙ پادريءَ سمجهيو ته آئون منهنجي پيءُ جو پوت يا آتما هجان. سو ماڻهن کي چيائين ته ڪيس پٿر هڻڻ شروع ڪريو. مون گهڻيون ئي دانهون ڪيون، پر ڪنهن کي به مون تي ترس نه آيو. هاڻي

مونکي پڪ ٿي وئي تہ آئون بلڪل غائب ٿي ويو آهيان ۽ منهنجو آواز بہ ڪنهن کي ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. منهنجي هر ڪوشش اجائي هئي. پٿرن جو وسڪارو ۽ دانهون، پر منهنجي وجود جي ڪنهن کي ڪا ڪل نہ هئي. نيٺ ڏاپڙجي پنهنجي پيءُ جي ميت رکيل تابوت جي مٿان وڃي ڪريس. آئون پنهنجي پوري قوت سان جدوجهد ڪرڻ لڳس تہ ان صورتحال مان جند ڇڏايان. اهو سڀ ڪجهہ خواب هو، پر اها ڪشمڪش طبعي طور تي آئون ڪري رهيو هوس. اوچتو جهٽڪ ڏئي اٿي ويهي رهيس. منهنجو سڄو جسم ڏکي رهيو هو ۽ پگهر ۾ شم هو. لڳو پئي تہ آئون موت جي چنبي مان معجزاتي طور تي ٻچي نڪتو هجان."

"ايتري ۾ لنڊن شهر ۾ برهہ باڪون ڪڍڻ شروع ڪيون. روشنيءَ جا ڪرٽا دڪان جي درين مان اندر ليٽا پائڻ لڳا. سرديءَ جي ڪا انتها نہ هئي. آئون پنهنجي بستري تي ويٺو رهيس. اجا تائين ننڊ جي خمار ۾ هوس. دڪان ۽ ان ۾ رکيل سامان، سوڙون، پردا وغيره ڪا شيءِ نظر نہ پئي آئي. پوءِ آهستي آهستي بيداريءَ واري حالت ۾ اچڻ لڳس. اوچتو ماڻهن جي ڳالهائڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيم."

"مٿان ڪان جهاتي پائي جان ڪٽي هيٺ نهاري ڏٺم تہ دڪان جي هڪ حصي ۾ بہ ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائيندي نظر آيا."

"روشني ڪافي ڦهلجي چڪي هئي سو انهن کي چٽي نموني ڏسي پئي سگهيس. آئون اٿي پنهنجن پيرن تي اپو ٿيس ۽ رلين جي هڪ ڍڳ پويان لڪي ويس ۽ سوچڻ لڳس تہ هتان ڪيئن ٻچي نڪران. آئون اجا سوچي رهيو هوس تہ ائين لڳو انهن ٻنهيءَ کي ڇڻ منهنجي چر پر محسوس ٿي هئي. ائين لڳو تہ انهن کي منهنجو پاڇو هلندي ڦرندي نظر پئي آيو هو."

"ڪير آهي؟" انهن مان ڪنهن هڪ دانهن ڪئي.

"اٿي بيهي رهہ." ٻئي دانهن ڪئي.

آئون هڪ پاسي ڪنڊ ۾ لڪي ويس. هڪ پنڌرنهن سالن جو ڇوڪرو لوهہ پائي منهنجي اڳيان آيو. آئون هڪدم هن کي جهٽڪو ڏئي ٻئي پاسي هڪ آسڻ جي پنيان لڪي ويس. مونکي پيرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. انهن درن جي بند هئڻ جي خاطري ڪئي ۽ هڪ ٻئي سان مشورو ڪرڻ لڳا تہ مونکي ڪيئن پڪڙين."

"آئون هڪ دفعو ٻيهر مصيبت جي ورچڙهي ويو هوس. سڄي رات چمڙا پوش ٿيڻ جي باري ۾ سوچيندو رهيس، پر صبح ٿيڻ سان صورتحال ائين بگڙي ويندي، اهو منهنجو وهم گمان ۾ بہ نہ هو! سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ڪريان. اها حقيقت آهي تہ مصيبت ۾ عقل بہ ساٿ ڇڏي ويندو آهي. ان پريشانيءَ کي گهٽائڻ جو آسان طريقو اهو هو تہ آئون پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيان،

پر ان وقت اهو تصور بہ ذهن ۾ نہ آيو. مون سوچيو تہ ڪنهن طريقي سان ٻاهر نڪران ۽ پوءِ ماٽ ڪري اتان نڪري وڃان. ان دوران ڇوڪرا ڳولهيندا نيٺ اچي منهنجي مٿان بيٺا."

"اڃهو هتي وينو آهي." انهن مان هڪ رڙ ڪندي چيو.

"آئون تيزيءَ سان پنهنجن پيرن تي اٿيس ۽ پاسي ۾ رکيل ڪرسي ڪٽي زور سان ان ڇوڪري جي ڏانهن اڇلايم. ڇوڪري گهومائي کائي وڃي فرش تي ڦهڪو ڪيو. آئون تيزيءَ سان اتان نڪري مٿي چاڙهين تي چڙهڻ لڳس. ڇوڪرا بہ منهنجي پٺيان چاڙهيءَ تي چڙهڻ لڳا. مٿي رنگ برنگي وٽا، پليٽون، ٽوڪريون وغيره رکيو هيون."

"خبر اٿئي تہ اهي برتن ڇا ڇا هئا؟" اجنبيءَ، ڊاڪٽر کان پڇيو. شايد هن اها پڪ ڪرڻ پئي چاهي تہ ڊاڪٽر سندس ڳالهہ ٻڌي پيو يا ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ گم هو.

"ها، اهي چٽيل يا رنگين برتن هوندا، جيڪي گهرن ۾ سينگار لاءِ استعمال ٿيندا آهن." ڊاڪٽر ڪيمپ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

اجنبيءَ کي پڪ ٿي وئي تہ ڊاڪٽر سندس ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو.

"ها، بلڪل درست. اهي رنگين ۽ چٽيل برتن هئا." اجنبيءَ پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکيو.

"آئون جيئن ئي مٿي پهتس تہ ڇوڪرا بہ بلڪل منهنجي قريب پهچي چڪا هئا. مون ڪا دير نہ ڪئي ۽ اهي پليٽون ۽ ٽوڪرا کڻي انهن جي مٿان وسڪارو لاهي ڏنو. سندن مٿو ۽ پٺا وغيره سڀ ڦٽجي ويا ۽ ليٽڙيون پائيندا وڃي هيٺ ڪريا. برتنن جو وسڪارو اڃا جاري هو. دڪان ۾ هر طرف ڌماچوڪڙي مچي وئي هئي."

"هاڻي آئون آخري منزل تي ڪئنٽين جي بورچيخاني ۾ گهڙي ويس. اتي هڪ شخص، جنهن کي اڇو ائپرن ويڙهيل هو، پنهنجي ڪم ۾ مصروف هيٺ جي صورتحال کان بلڪل بيخبر بيٺو هو. جيئن ئي هن جي نظر مون تي پئي تہ هو وائڙو ٿي ويو ۽ پوءِ مون ڏانهن لوهہ کڻي پاتائين. آئون يڪدم پنهنجي جاءِ تان هٽي هڪ ٽيبل پٺيان لڪي ويس. اتي هڪ فانوس رکيل هو، جيڪو کڻي هٿ ۾ ڪيم. جيئن ئي اهو شخص اڳيان آيو تہ بنا ڪنهن دير جي فانوس مٿس وهائي ڪڍيم. هن کي سنڌائتو ڌڪ لڳو، سو هوا ۾ لهرائيندو وڃي فرش پيڙو ٿيو."

"هاڻي مونکي خيال آيو تہ بچڻ جو واحد رستو ڪپڙن کي تن تان لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ آهي، ڇاڪاڻ تہ خالي سرير ڪين ڏسڻ ۾ نہ ايندو. سو هڪدم جسم تان ڪپڙا لاهڻ لڳس. ٻيا تہ سڀ ڪپڙا لاهي ورتس، پر رڍ جي ان مان ٺهيل ڪل جهڙو تمام سنهڙو تهہ جيڪو جسم تي پائڻ

ڪانپوءِ حقيقي چمڙيءَ جهڙو لڳندو آهي، سو جسم سان چهٽي ويو. گهڻي ئي ڪوشش ڪيس، پر فضول. پوءِ ڪافي ماڻهن جي قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيم. اهي ڇاڙهيءَ تي چڙهي ڪئنٽين طرف اچي رهيا هئا. بورچي بيهوش حالت ۾ ٽيبل جي هڪ پاسي فرش تي پيو هو."

"آئون هڪدم ٻاهر آيس. ڪنهن جو آواز ٻڌم، جيڪو چئي رهيو هو ته، "پوليس، هيڏانهن اچو. هو ڪئنٽين ۾ لڪل آهي." آئون ويتر پريشان ٿيس. اهي سڀ ڪئنٽين ۾ گهڙي ويا. آئون موقعي جو فائدو وٺي ماٺ ڪري واپس سمهڻ واري هنڌ آيس ۽ گهڻي ڪوشش سان سرير تي چڙهيل ان تهه کي لاهي ورتم."

"هاڻي منهنجي اندر ۾ ٿورو اطمنيان ٿيو. هڪ آزاد شخص وانگر انهن جي وچ ۾ بيٺو هوس، پر اڪين ڪان اوجهل. اجا تائين خوف طاري هئم ۽ جسم ڏڪي رهيو هئم، پر ان مصيبت ڪان بلڪل آجو ٿي ويو هئس."

" پوليس واري سان گڏ ٽي ڇوڪرا هئا. بورچيخاني ۾ انهن کي منهنجا لاٿل ڪپڙا مليا."

"لڳي ٿو ته هن پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن، پر هوندو ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪل." هڪ ڇوڪري چيو. انهن دڪان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳولهيو، پر ڪا شيءِ نظر نه آين. اچين به ڪيئن جو آئون اکين ڪان اوجهل هوس. ڳولهي ڳولهي نيٺ ڪڪ ٿي ويا."

"مون سوچيو ته مٿي ڪئنٽين ۾ وڃي ڪجهه کائجي، سو مٿي چڙهي ويس. اندر ۾ ڏاڍو ڏک ٿيو ته ڪپڙا وغيره وڃائي ويٺو هوس. هاڻي الائجي ڇا ٿيندو؟ اتي تازو کير رکيل هو، سو گلاس ڀري پيتم ۽ پنهنجي لاچاريءَ تي افسوس ڪرڻ لڳس. مس مس ڪو رستو مليو هو، سو به هٿان نڪري ويو. "وڏو ڪو بدنصيب آهيان." پنهنجو پاڻ کي ننڊڻ لڳس."

"اوچتو مون کي دڪان ۾ ڪم ڪندڙ به ڇوڪرا نظر آيا، جيڪي عجيب انداز ۾ منهنجي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته "هو دڪان ۾ ڪنهن جڳهه تي لڪل آهي." مون کي سندن ڳالهين تي کل اچڻ لڳي."

"بهرحال انهن کي ڇڏي آئون اڳتي لاءِ سوچڻ لڳس ته ڇا ڪريان. پنهنجا سڀ منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويا هئا. شايد ان حالت مان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪرندس. آئون مايوسيءَ ۾ سوچڻ لڳس، پوءِ مٿان ڪان لهي هيٺ آيس. ان خيال سان ته جيڪڏهن موقعو ملي ته ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان ٻڌي هڙ ڪري هتان نڪري وڃان ۽ ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي ٻهروپ بدليان. پر هيٺ اچي ڏٺم ته عجيب صورتحال هئي، هر ايندڙ ويندڙ جي تلاشي ورتي پئي وئي. اتان ڪنهن هڙ جو ائين اڏامندو نظر اچڻ پنهنجو پاڻ کي خواه مخواهه مصيبن ۾ وجهڻ جي برابر هو."

"ڏينهن جا اٽڪل يارهن ٿيا هئا. برفباري بند ٿي وئي هئي، پر سيءُ تمام شديد هو. جڏهن ڏٺم ته هتي ترسڻ جو ڪو فائدو نه آهي، ته خاموشيءَ سان ٻاهر نڪري آيس. اندر ۾ عجيب اڌما هئا، ته جيڪڏهن پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿيان ها ته سچ معاملي کي بحال ڪرڻ جو ڏاڍو سٺو موقعو هو. پر شايد اجا دربدر ٿيڻ نصيب ۾ هو. سو بيدليءَ واري عالم ۾ دڪان کان ٻاهر رستي تي هلڻ لڳس ۽ سوچيندو رهيس ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. اڳيان ڪهڙي ريت پنهنجو پاڻ کي هن صورتحال کان آجو ڪريان."

****

"هاڻي ته توکي احساس ٿيو هوندو" اجنبيءَ، ڊاڪٽر ڪيمپ کي مخاطب ٿيندي چيو، "ته ان اڪين کان اوجهل ٿيڻ واري حالت جو ڪيڏو نقصان آهي. مون وٽ ڪو اجهو نه هو، انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا نه هئا. فقط ڪپڙا حاصل ڪرڻ لاءِ اهو تجربو خطري ۾ پئجي ويو هو. بک، ڪاڏي لاءِ ترسڻ ٻي مصيبت هئي. جيڪڏهن ڪجهه کائڻ به گهران ها ته اهو ڪاڌو نڙيءَ کان هيٺ معدي ويندي تائين واضع ڏسڻ ۾ اچي ها."

"ان باري ۾ مون کي هيتري وقت تائين سوچ نه آئي." ڊاڪٽر ڪيمپ حيرت ۾ چيو.

"اهو خيال مونکي به نه هو." اجنبيءَ چيو. "بهرحال اڳيان وري ٻي مصيبت ۾ پئجي ويس. اوچتو تيز برفباري شروع ٿي وئي. آئون برف باري ۾ مينهن ۾ ٻاهر نه ٿي نڪري سگهيس، ڇاڪاڻ ته برف ۽ مينهن جو پاڻي جو منهنجي جسم کي ڇنٽو ڪري ڇڏي ها. رستي تي پيل مٽي منهنجن پيرن ۾ چنبڙي ٿي وئي، جنهن سبب پير به واضع ڏسڻ ۾ ٿي آيا. مونکي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته آئون ڪڏهن واپس اصل حالت ۾ ايندس، پر اهو يقين هئم ته لنڊن ۾ ته اهو ممڪن نه هو."

"خير پورٽ لئنڊ واري رستي تي هلندي پنهنجي رهڻ واري جاءِ ڏانهن آيس. اجان تائين ماحول دونهاٽيل هو. آئون ان طرف ويجهو نه ويس، ڇاڪاڻ ته گهٽين ۾ ڪافي رش هئي. منهنجي لاءِ ان وقت سيني کان وڏيڪ اهم مسئلو ڪپڙن جو هو. سوچيندي سوچيندي نيٺ ياد آيم ته ان علائقي ۾ ڪافي اهڙا دڪان آهن، جتي رانديڪا، نقاب، مصنوعي نڪ، چشما ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون اهڙيون شيون رکيل آهن. مونکي لڳو ته شايد هاڻي منهنجو مسئلو حل ٿي ويندو. مون يڪدم پنهنجو رخ تبديل ڪيو. هيترن ڏينهن ۾ اهو پهريون پيرو هو جو آئون هڪ مقصد ذهن ۾ رکي، ان طرف هلي رهيو هوس. ڇاڪاڻ ته هيستائين ڪا خبر نه هئي ته ڪيڏانهن پئي ويس ۽ ڪيڏانهن وڃڻو هو ۽ وڃي ڪيڏانهن رهيو هئس."

" آئون اتر طرف سنسان گهٽين مان گذرڻ لڳس ته جيئن رش کان بچي

سگهان. مونکي چٽو ياد نہ هو تہ انهن شين وارا دڪان ان علائقي ۾ ڪهڙي طرف هئا، پر مون کي اها پڪ هئي تہ اهڙا دڪان آهن ضرور، ۽ اهي تلاش ڪرڻ سان نيٺ ملي پوندا."

"ڏينهن تمام سرد هو. ٿڌي هوا جسم کي وڍي رهي هئي. آئون هڪ گهڻيءَ مان ٻي ۽ ٻيءَ مان ٽين لتاڙي رهيو هوس. هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ تي نظر رکڻي ٿي پئي. هر موڙ خطري کان خالي نہ هو. متان ڪنهن سان ٽڪرائجي نہ پوان ۽ ٻيءَ ڪنهن مصيبت ۾ اڙجي نہ وڃان ۽ ٿيو بہ ائين! بيڊ فورڊ علائقي ۾ هڪ شخص، خبر نہ آهي تہ ڪٿان کي ڪهڙي تڪڙ هئي، زور سان اچي مون سان ٽڪرايو ۽ آئون ليٽڙيون پائيندو وڃي روڊ تي ڪريس. جيڪڏهن جلدي پنهنجو پاڻ کي سنڀاليان نہ ها تہ شايد پريان کان ايندڙ گاڏي منهنجي مٿان چڙهي وڃي ها ۽ سڄي قصي کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏي ها. ڏک اهڙو سنڌائتو لڳو جو مٿو ڦرڻ لڳس. ان خبيث انسان کي تہ اهو بہ محسوس نہ ٿيو تہ ڪنهن شيءِ سان ٽڪرايو هو. هو پنهنجو گس وٺي هليو ويو."

"آئون ڪووينٽ مارڪيٽ ۾ پهتس ۽ هڪ گلن جي دڪان جي پرسان ويهي رهيس. ڏک جي اثر سبب هلڻ محال ٿي لڳو. آئون وڏا ساهہ کڻي رهيو هوس ۽ منهنجو سڄو جسم ڏکي رهيو هو. مونکي لڳو تہ بيهر مونکي ٿڌ وڪوڙي وئي آهي ۽ اجهو ٿيون ڇڪون شروع ٿين. ان کان اڳ جو ڪنهنجو ڌيان مون ڏانهن ٿئي، بهتر اهو هو تہ اتان ڪسجي وڃان."

"آخر مونکي اهو دڪان نظر اچي ويو، جنهن جي مونکي ڳولها هئي. اهو هڪ پراڻو دڪان هو. دريءَ کان اندر وڏا ڍگها جبا، زيور، وگون، بوٽ ۽ ڪنهن سرڪس وغيره ۾ جوڪرن ۽ مشڪرن جي ڪتب ۾ ايندڙ بيون شيون رکيل هيون. ان دڪان جي مٿان چار منزلن تي مشتمل هڪ گهر هو، جيڪو بلڪل اونداهو ٿي لڳو. شايد ان ۾ ڪير رهندو ئي نہ هو. مون ليئو پائي دريءَ کان اندڙ ڏٺو. اندر ڪير بہ نظر نہ آيو، سو بي ڪٽيو ٽپو ڏئي اندر گهڙي ويس. جيئن ئي اندر دروازو کوليم تہ الارم جي گهنٽي وڄڻ لڳي. آئون يڪدم هڪ پاسي ٿي بيهي رهيس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس، پر ڪير بہ ايندي نظر نہ آيو. پوءِ زوردار قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مٿان کان هڪ شخص هيٺ دڪان ۾ لهي آيو."

"منهنجو منصوبو اهو هو تہ خاموشيءَ سان اندر داخل ٿي مٿي گهر ۾ هليو وڃان ۽ سڄي ماحول جو بغور جائزو وٺان ۽ جڏهن موقعو ملي تہ ضرورت جون شيون سميٽيان ۽ انهن کي پهري هڪ عجيب پر دنيا اندر هلڻ جهڙي شڪل ۾ تہ اچان. ان کان علاوه هن گهر ۾ رکيل پئسا بہ چورائي سگهيس ٿي، جيڪي مونکي اڳتي لاءِ گهربل هئا."

هڪ ڀڙي ۾ رکي ڪمري کان ٻاهر نڪتو. هن جا ٻئي هٿ قابو هئا، سو دروازو ڪليل ئي ڇڏيائين. آئون هن جي پٺيان بورچيخاني ۾ آيس. هو ٽانوَ هڪ پاسي رکي نلڪي کولي ٽانوَ ڌوئڻ لڳو. مونکي هن جي ان حالت تي ٿورو مشڪري سجهي. اتي ويهڻ منهنجي لاءِ ڪنهن ڪم جو نه هو. بورچيخاني جو فرش ٿڌو هو، جيڪو منهنجن پيرن کي ڏکيو لڳي رهيو هو، سو آئون واپس ڪمري ۾ آيس ۽ ٻاهه جي پرسان رکيل هن جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ٻاهه ۾ ايتري تپش نه هئي، سو مون ٿورا ڪوئلا کڻي ان ۾ وڌا. ان جي آواز تي اهو شخص واپس متي چڙهي آيو. اندر داخل ٿي چوڌطرف ڏنائين ۽ وائڙو ٿي بيهي رهيو. هو سڄي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو. آئون تمام احتياط سان هن سان گڏ هلڻ لڳس. نيٺ در کان پاسو وٺي بيهي رهيس. هن مشڪوڪ انداز ۾ دروازو بند ڪيو ۽ هيٺ لهي ويو. آئون به هن سان گڏ هيٺ لهڻ لڳس. هو هيٺ لهندو وري چاڙهين تي بيهي رهيو."

"هن پٺيان نهاريو. ڪيس حيرت پئي ٿي ته آخرڪيس ڇرپر ڪهڙي شيءِ جي محسوس ٿي رهي هئي. هن جي چهري تي چڙ هئي، 'گهر ۾ لڳي ٿو ته ڪوئي آهي پر....' هو واپس هلڻ لڳو. وري ڪا شيءِ ياد آيس، سو ڪيسي کي هٿ هڻڻ لڳو، پر جيڪا شيءِ چاهيائين ٿي سا سندس ڪيسي ۾ نه هئي. ان لاءِ واپس هليو ويو. آئون هن سان گڏ نه ويس ۽ چاڙهين تي ئي هن جي واپس اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس."

"هو ڀٽڪندو واپس آيو ۽ ڪمري ۾ اندر گهڙي ويو . ان کان پهرين جو آئون اندر داخل ٿيان، هن زور سان دروازو واپس بند ڪيو، جيڪو سڌو اچي منهنجي منهن ۾ لڳو."

"لوهه ٿي ويس هن مصيبت مان!" مون سوچيو ته پوري صورتحال جو جائزو وٺجي، پر اهڙيءَ ريت جو ذرو به آواز نه ٿئي. مون ائين ئي ڪيو. گهر تمام پراڻو هو. ڀتين تي ڪاغذ جون چادرون چڙهيل هيون، جيڪي زرديون ٿي ويون هيون ۽ لهڻ لڳيون هيون. ڪافي هنڌن تي ڪوئي جا ٽڪيل حصا نظر اچي رهيا هئا. دروازا پڻ پراڻا هئا ۽ انهن جا ڪڙا ڪٽيل هئا، جن کي کولڻ سان آواز ٿي ويو. هن جي ڪمري جي ڀر واري ڪمري ۾ پراڻن ڪپڙن جو ڍير لڳو پيو هو. آئون انهن ڪپڙن کي اٿلائڻ لڳس، پر اها ڳالهه مونکي وسري وئي ته هن جا ڪن تمام تيز هئا."

"اوچتو مونکي هن جي قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ پل کن ڪانپوءِ دروازو ڪليو ۽ هو اندر داخل ٿيو. هن جي هٿ ۾ پراڻي طرز جو ريوالور هو. هن ڪمري جي چوڌطرف ڏٺو. آئون بنا چرڻ پرڻ جي ائين ئي بيٺو رهيس."

"اها هوءَ هوندي." هن ڪاوڙ ۾ چيو، "ڏاڍو تنگ ڪيو اٿس." اهي لفظ

چئي هو ٻاهر نڪتو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين ۽ مونکي ٻڌڻ ۾ آيو ته هن دروازي ۾ ڪنجي گھمائي دروازي کي لاڪ ڪري ڇڏيو. هن سمجهيو ته شايد اها ٻلي هئي، جنهن هن کي ڪافي ڏينهن کان تنگ ڪري رکيو هو."

"دروازو بند ڪري هو هليو ويو. ڪجهه وقت لاءِ ته مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ڪريان. در کان دري ۽ وري واپس در ڏانهن ڏسڻ لڳس. پريشانيءَ جي عالم ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳس. ڪاوڙ به ڏاڍي لڳي، پر سوچيم ته ڪجهه ڪرڻ کان پهرين هنن ڪپڙن کي ڏسان. مون ڪپڙن کي ڏسڻ شروع ڪيو. ان دوران منهنجو پاسو ڪپڙن جي هڪ هڙ کي لڳو، جيڪا اچي پٽ تي ڪري. ان جي آواز تي هو واپس ڪمري ۾ آيو. هن دفعي هو ايترو تيزيءَ سان اندر آيو جو مونکي پري هٽڻ جو موقعو ئي نه مليو. هو سڌو مون ڏانهن آيو ۽ مون سان ٽڪراءَ ٿي پيس. منهنجي جسم سان ٽڪرائڻ شرط هو ڇرڪ ڀري پٺتي هٽيو ۽ وائڙو ٿي بيهي رهيو."

"ڪٿا!" هن آهستي پڇيو.

"مون سوچيو ته شايد هو ڊڄي ويندو ته شايد ڪو ڀوت آهي، پر هو ته عجيب شخص هو. آئون آهستي آهستي ٿي ڪمري کان ٻاهر نڪتس، پر منهنجو پاسو وڃي هڪ تختي کي لڳو، جنهن سبب هو وري هوشيار ٿي ويو. ريوالور هٿ ۾ کڻي سڄي گھر جي ڪنڊڪڙڇ جانچڻ لڳو. شايد ڪيس ڀڪ ٿي وئي هئي ته گھر ۾ ڪو آهي."

"هو ريوالور هٿ ۾ کڻي سڄي گھر جي ڪمرن جي دروازن کي قلف ڏئي چاٻيون کيسي ۾ وجهندو ويو. جڏهن مون هن کي ائين ڪندي ڏٺو ته مونکي اچي ڪاوڙ لڳي. ڇاڪاڻ ته هڪ دفعو وري موقعو هٿ مان ٿي ويو؛ ان لاءِ مون به ڇا ڪيو جو ورائي ڪياڙيءَ ۾ سنڌائتو ڌڪ هڻي ڪيرايومانس."

"ڌڪ هڻي ڪيرائيس!" ڊاڪٽر ڪيمپ وچ ۾ ڳالهائيندي پڇيو.

"ها! ٻيو ڇا ڪريان ها؟ ڇڏي ڏيانس ها ته سيئي در بند ڪري ڇڏي ها. پوءِ آئون ڪيڏانهن وڃان ها. ڇا اتي قيد ٿي وڃان ها؟ پاسي ۾ ڪاٺ جو ٺهيل هڪ اسٽول پيل هو، سو پڻ ورائي ڪنڌ ۾ هنيومانس. ان وقت هو سيڙهين تان لهي رهيو هو. ڌڪ لڳڻ ڪانپوءِ پراڻن ٻوٽن جي هڪ هڙ وانگر ڇڪريون کائيندو وڃي هيٺ ڪريو."

"پر اها انسانيت ته نه ٿي. انسانيت ۽ اخلاقيات جا قدر و قيمت ڪجهه مختلف آهن. خاص ڪري پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور ماڻهن لاءِ، جيئن اسين آهيون." ڊاڪٽر ڪيمپ هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

"ها تنهنجي ڳالهه بلڪل درست آهي، پر اها انساني فطرت آهي ته جڏهن پنهنجو نقصان ٿيندي نظر ايندو آهي ته اخلاقيات ۽ انسانيت جا سڀ سبق وسري ويندا آهن. مون سان مسئلو اهو هو ته

مونکي چمڙا پوش ٽي اتان ڪنهن بہ صورت ۾ ٻاهر نڪرڻو هو تہ جيئن آئون ان غير يقيني ۽ اوکي صورتحال مان جند ڇڏائي سگهان ۽ پنهنجي دريافت کي دنيا ۾ متعارف ڪريان ۽ جيڪڏهن اها انسانيت جي ڪنهن بہ ڪم يا فائدي لاءِ ڪتب اچي، تہ ڪوشش وٺان. ان لاءِ ان وقت آئون ٻيو ڪجهہ بہ سوچي نہ پئي سگهيس."

"جيئن ئي هو هيٺ ڪريو، آئون تيزيءَ سان هيٺ لٿس ۽ هن کي ٻانهن مان جهلي هڪ پاسي ڪيم ۽ سمهڻ وقت اوڍڻ واري چادر کڻي ڪيس ان سان ٻڌي ڇڏيم."

"ڇا! چادر سان ٻڌي ڇڏيئيس؟" ڊاڪٽر ڪيمپ پڇيو.

"ها! ٻڌي ڪپڙي جي هڪ ھڙ وانگر ڪري ڇڏيو مانس. منهنجي لاءِ اهو بهتر هو تہ هو ڊنل ۽ خاموش رهي. ٻيءَ صورت ۾ هو ڪو بہ مسئلو پيدا ڪري سگهيو ٿي. تنهنجي خيال ۾ مونکي ڇا ڪرڻ گهربو هو؟ هن جي هٿ ۾ ريوالور هو. جيڪڏهن ڪيس ٿورو بہ منهنجو نشان ملي وڃي ها تہ پوءِ آئون سڌو ٻئي جهان ۾ پهچي وڃان ها. ان لاءِ بهتر هو تہ هن کي اهڙو سوگهو ڪيان تہ جيئن منهنجي مقصد ۾ ڪا رنڊڪ نہ پوي. ان لاءِ مونکي لڳي ٿو تہ منهنجي لاءِ ان وقت سڀ کان معقول عمل اهو ئي هو تہ ڪيس ٻڌي ڇڏيان."

"پر، منهنجي خيال ۾ تہ اهو شخص گهر ۾ اڪيلو هو. تو هن کي ٻڌي ڇڏيو. تو هن جي گهر مان چوري ڪرڻ ٿي چاهي. انگلينڊ جي قانون موجود اهو ڏوهہ آهي." ڊاڪٽر چيو.

"خير تون ائين سوچي سگهين ٿو ڪيمپ. تون تہ قانون جو پڄاري آهين، پر ڇا جنهن ڪيفيت ۽ مصيبت ۾ آئون هوس، اها توکي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي."

"ها! تون تہ مصيبت ۾ تہ برابر هئين، پر مونکي هن مسڪين جي حالت تي رحم ٿو اچي."

اجنبي شخص يڪدم اٿي بيٺو ۽ چيائين، "ڊاڪٽر! تنهنجي چوڻ جو مقصد ڇا آهي؟"

جيئن ئي ڊاڪٽر، اجنبي شخص کي برهم ٿيندي محسوس ڪيو، هن هڪدم پنهنجي لهجي ۾ نرمي آڻيندي چيو، "ها واقعي تون ان وقت گهڻي مصيبت ۾ هئين ۽ تو وٽ ٻيو ڪو گس بہ تہ نہ هو، پر پوءِ بہ....."

اجنبيءَ، ڊاڪٽر جي ڳالهہ ڪي ڪٽيندي چيو، "ها آئون وڏي ويڌن ۾ هوس. ٻيروني نہ پر اندروني ڪشمڪش ۾ هوس. مٿان وري ان شخص جون ڇتو ڪندڙ حرڪتون! ريوالور کڻي سڄي گهر ۾ شڪاري ڪتي وانگر واسون هڻڻ! ڪٿي آئون سندس ور چڙهي وڃان ها تہ پوءِ؟. هو سڄي گهر جا دروازا بند ڪري رهيو هو. جيڪڏهن هو واقعي اهو ڪري وٺي ها تہ آئون اتان ڪيئن نڪري سگهان

بيهي پنهنجو پاڻ کي هر زاويي کان ڏنم ته واقعي انسان لڳان ٿو يا ڪنهن ٻيءَ دنيا جي مخلوق! بهرحال مونکي پنهنجو گيٽ اپ سٺو لڳو. هاڻي ڪجهه پئسن جي ضرورت هئي. گهر ۾ دڪان جي تلاشي وٺڻ سان ڪافي نوٽ ملي ويا. هاڻي آئون ان لائق هوس ته ٻيهر دنيا ۾ ماڻهن سان ماڻهو ٿي ملي سگهان."

"اهو پهريون پيرو هو جو منهنجو ذهني مونجهارو مڪمل طور تي ختم ٿيو هو ۽ بلڪل مطمئن هوس ته منهنجي مصيبت جو وقت هاڻي پڄاڻيءَ کي پهتو آهي."

"هاڻي آئون بلڪل تيار هوس ۽ دڪان جي دروازي وٽ اچي بيٺس. ٿوري وقت لاءِ اندر ۾ لڪل ڊپ کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيم ته متان ماڻهو مونکي انسان نه بلڪ ڪجهه ٻيو سمجهن. نيٺ همت ڪري دڪان جو دروازو کوليم ۽ ٻاهر نڪري ويس. گهٽيءَ ۾ ڪافي ماڻهو منهنجي پرسان گذريا، پر ڪنهن به سواليه يا مشڪوڪ نگاهن سان مونڏي نه ڏٺو. هاڻي مونکي اطمينان ٿيو ته آئون انسان لڳي رهيو هوس ۽ دنيا ۾ هلڻ ڇرڻ جي لائق هئس ." ايترو چئي اجنبي شخص خاموش ٿي ويو.

"۽ پوءِ تو ان ويچاري دڪان واري جي باري ۾ ڪجهه به نه سوچيو؟" ڊاڪٽر ڪيمپ زور ڀريندي پڇيو. ڇڻ ان ماڻهوءَ جا ڊاڪٽر سان ڪي وڏا گهرا لاڳاپا هجن.

"ها! مون هن جي باري ۾ سوچڻ جي تڪليف نه ڪئي ۽ نه وري ڪٿان ٻڌم ته هن جو ڇا ٿيو. ٿي سگهي ٿو ته ڦٿڪي ڦٿڪي پاڻ کي آزاد ڪري ويو هجي يا رڙهندو ٻاهر نڪري آيو هجي. ڇاڪاڻ ته چادر جون ڳنڍيون ڪافي هلڪيون ڇڏيل هيون."

ائين چئي اجنبي خاموش ٿي ويو ۽ دريءَ ڏانهن وڃي ٻاهر گهورڻ لڳو.

"خير، پوءِ جڏهن تون شهر جي زندگيءَ ۾ رلي ملي وئين ته پوءِ ڇا ٿيو؟" ڊاڪٽر ڪيمپ بي صبريءَ سان پڇيو.

"مونکي ڪا پرواهه نه هئي. مون سوچيو ته هاڻ منهنجيون پريشانيون ختم ٿيون. آئون جيڪي ڪجهه چاهيان، ڪري پئي سگهيس. ڇاڪاڻ ته مون پنهنجو پاڻ کي محفوظ حالت ۾ محسوس پئي ڪيو. آئون سڀ ڪجهه ڪري پئي سگهيس. پوءِ نتيجو ڪهڙو به نڪري. اگر ڪا مصيبت اچي به وڃي ته ان کان جان ڇڏائڻ تمام آسان هو ته آئون پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيان. پئسا حاصل ڪرڻ مون لاءِ ڪو مسئلو نه هو. جتي ڪپيم، ماني کاوان ۽ جنهن هوٽل ۾ چاهيان رات گذاريان. هاڻي مون ۾ ڪافي اعتماد اچي ويو هو. اها هڪ الڳ ڳالهه آهي ته حقيقت ۾ هڪ گڏهه ٿي لڳس. نواب ٿيائي ڏيکاريندي هڪ هوٽل ۾ وڃي ويٺس ۽ هڪ بيري کي ڪوني ڪيس مانيءَ جو آرڊر ڏنم. پر پوءِ خيال آيو ته

کائيندس کيئن؟ کاٺ لاءِ مونکي منهن تان ڪپڙو لاهڻو پوندو ۽ جيڪڏهن ڪپڙو لاهيندس تہ چهرو تہ وري اکين کان اوجهل نظر ايندو. ان لاءِ آرڊر روڪي ڇڏيم."

"مون بيري کي چيو تہ ڏهن منٽن کانپوءِ آئون واپس ايندس. ائين چئي ٻاهر هليو ويس. عجيب ڳالهہ نہ آهي تہ ٻک بہ گهٽي هجي ۽ هر قسم جو کاڌو ميسر بہ هجي، پر کائي نہ سگهجي! ڊاڪٽر، تمام عجيب صورتحال هئي، پر توکي سمجهہ ۾ نہ ايندي ڇاڪاڻ جو تون ڪڏهن اهڙي تجربي مان نہ گذريو آهين."

"ها واقعي! اهڙي تجربي مان عملي طور تي آئون نہ گذريو آهيان، پر پوءِ بہ تصور ڪري سگهان ٿو تہ تنهنجي اندرڪهڙي ڪيفيت هوندي." ڊاڪٽر ڪيمپ چيو.

"ڪجهہ وقت آئون ائين گهٽين ۾ گهمندو رهيس. جڏهن بک ضابطي کان ٻاهر ٿي وئي تہ هڪ ٻيءَ هوٽل ۾ گهڙي ويس ۽ انهن کي چيم تہ منهنجو چهرو بريءَ طرح زخمي آهي. ان لاءِ مونکي الڳ جڳهہ گهرجي. آئون ماڻهن جي وچ ۾ ويهڻ نہ ٿو چاهيان. پهريائين تہ هوٽل وارن مونکي تجسس ڀريل نگاهن سان ڏٺو، پر پوءِ شايد سوچيائون تہ ڪير بہ هجي، اسان جو ڇا." بهرحال اتي ڏاڍو لذيذ کاڌو نصيب ٿيم.. ماني کاڻ کانپوءِ سگار دکايم ۽ سوٽا هڻندي سوچيندو رهيس تہ اکين کان اوجهل شخص کي کهڙي کهڙي مصيبت مان گذرڻو ٿو پوي. ان حالت ۾ اچڻ کان پهرين منهنجا خيال ۽ خواهشون الڳ هيون، پر جڏهن حقيقت وضع پذير ٿي تہ معاملو ئي الڳ نڪتو."

"منهنجي طبيعت بہ عجيب ڪهري آهي.. مونکي موسيقي، ڊانس، راند يا وندر جا ٻيا طريقا بلڪل پسند نہ هئا. سو اچي ڦاٿس تہ ڇا ڪريان. ڪيئن وقت گذاريان. ٻاهر طوفاني هوائون ۽ برف باري شروع ٿي وئي هئي، وڏو مسئلو هو."

ائين چئي اجنبي خاموش ٿي ويو ۽ دريءَ کان ٻاهر ڪنهن شيءِ کي غور سان گهورڻ لڳو.

ڊاڪٽر ڪيمپ ڪافي وقت کان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو، سو شايد بيزار ٿي پيو، "اهو سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي. هاڻ تون اهو ٻڌاءِ تہ هتي اپنگ ڳوٺ ۾ ڪيئن آئين؟". هن جي لهجي مان محسوس ٿي رهيو هو تہ هن چاهيو پئي تہ اجنبي پنهنجي قصي کي جلدي ختم ڪري.

"آئون اپنگ ۾ ڪم ڪرڻ جي ارادي سان ويس. منهنجو خيال هو تہ اهو هڪ خاموش علائقو آهي، ان لاءِ بغير ڪنهن پريشانيءَ جي پنهنجو ڪم ڪري سگهندس. مطلب تہ هن صورتحال جو ٽوڙ ڪيان ۽ ها تو وٽ بہ ساڳئي ئي مقصد سان آيو آهيان."

"مطلب تہ تون اتان کان سڌو اپنگ هليون آئين. وچ ۾ ڪو ٻيو مسئلو نہ ٿيو." ڊاڪٽر پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

"ها، سڌو اِپنگ آيس. مون پنهنجا اهي ٽي اهم ڪتاب، چيڪ بڪ ۽ ڪجهه ٻيو سامان ڪنيو (جيڪو ٻاهه کان بچي ويو هو) ۽ پوءِ ڪجهه ڪيميائي مرڪبن جو آرڊر ڏئي، بنا دير ڪرڻ جي اِپنگ ڏانهن رخ ڪيم."

"آئون توکي اهي سڀ فارمولا ۽ حساب ڊيڪاريندس، رڳو اهي ڪتاب واپس حاصل ٿيڻ ڏي. اِپنگ تائين پهچندي موسم مون سان حالت ڪري ڇڏي. برف باري ۽ ٿڌ سبب منهنجو جسم پارو ٿڄي ويو."

"نيڪ آهي، پر ٽيون ڏينهن واري واقعي جي باري ۾ ٻڌاءِ، جڏهن انهن توکي ڳولهي ورتو..." ڊاڪٽر چيو.

"ها يار، ڏاڍو پريشان ڪيائون. ڏي خبر، هو سپاهي جيئرو آهي يا ويو خدا کي پيارو ٿي؟"

"نه، هو جيئرو آهي ۽ توقع آهي ته ڪجهه ڏينهن ۾ تندرست ٿي ويندو." ڊاڪٽر جواب ڏنو.

"ڏاڍو خوشنصيب آهي، باقي ڌڪ ته ڪافي سنڌائتو لڳو هوس. مون سمجهيو ته ڦڏي ۾ مري ويندو، پر ڏس ته صحيح، مون سندس ڇا بگاڙيو هو. مونکي تنها ڇڏي ڇو نه ٿا ڏين ته آئون ويهي پنهنجي ڪم کي پورو ڪريان. هرو پرو مونکي پريشان ڪئي ڪيو اٿن!"

"ڪو خاص نقصان نه ٿيو آهي ۽ نه وري ڪنهن جو موت ٿيو آهي." ڊاڪٽر تصديق ڪندي چيو.

"خبر نه آهي ته هو ڳڌهه منهنجو همراهه ڪتاب ساڻ ڪري ڪيڏانهن غائب ٿي ويو آهي؟" اجنبيءَ چيو، "ڊاڪٽر، تون تصور به نه ٿو ڪري سگهين ته آئون ڪيتري حد تائين مايوس آهيان ۽ منهنجي ڪيتري دل شڪني ٿي آهي. سالن جا سال ويهي ڪم ڪرڻ، سوچڻ، منصوبا ناهڻ ۽ پوءِ ڪو ڪر دماغ ماڻهو هڪ لمحي ۾ سڄي ڪم ۽ محنت تي پاڻي هاري ڇڏي. مونکي لڳي ٿو ته هن دنيا ۾ جيترا به بيوقوف ۽ احمق ماڻهو خليقا ويا آهن، سي منهنجي مٿي ۾ اچي لڳا آهن ۽ ها! جيڪڏهن اها صورتحال جاري رهي ته آئون توکي ٻڌائيان ٿو ته آئون انسانيت کي ڇڏي مڪمل وحشي ٿڄي ويندس ۽ پوءِ دنيا ياد ڪندي ۽ رڙندي ته انهن سان ڪهڙي ويڌن ٿي. آئون اڳي ئي پريشان! هنن ته منهنجي پريشانين کي هزارين پيرا وڌائي ڇڏيو آهي."

"ها واقعي! توکي ماڻهن جي بيوقوفين تي ضرور غصو ايندو هوندو." ڊاڪٽر چڻ ساڻس متفق ٿيندي چيو.

****

"پوءِ هاڻي...!" ڊاڪٽر ڪيمپ دريءَ کان ٻاهر ڏسندي پڇيو، "تنهنجا ڇا ارادا آهن؟ اسانکي ڇا ڪرڻو آهي؟"

ڊاڪٽر ڪيمپ ڳالهائيندي ان اجنبيءَ جي ويجهو آيو. هن جي نظر ٽڪريءَ کان مٿي چڙهندڙ ماڻهن تي پئي،

جيڪي سندس گهر ڏانهن اچي رهيا هئا.
ڊاڪٽر، اجنبيءَ جي اڳيان ٿي بيٺو ته جيئن سندس نگاهه انهن تي نه پوي.

"تون جڏهن پنهنجو رخ هن ڳوٺ ڏانهن رکيو، ته تنهنجا منصوبا ڇا هئا؟ تو ڇا ٿي ڪرڻ چاهيو؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"منهنجو خيال هو ته آئون هن ڀڄاڙيءَ واري علائقي مان ٻاهر نڪران، پر پوءِ تو سان ملڻ خاطر مون پنهنجا منصوبا تبديل ڪري ڇڏيا. موسم ڪافي گرم ٿي وئي آهي ۽ هاڻ بغير ڪپڙن جي هلي سگهجي ٿو. منهنجو راز هاڻي فاش ٿي چڪو آهي ۽ هر ماڻهو ان منهن ويڙهيل شخص جي حقيقت کان واقف ٿي ويو آهي. هتان کان ڪافي پيڙا فرانس وڃن ٿا. مون سوچيو ته رستي تي وري ڪا مصيبت درپيش اچي سگهي ٿي. ان لاءِ سفر ڪي تبديل ڪريان ۽ پوءِ فرانس مان ريل ۾ ويهي اسپين يا الجيريا هليو ويندس. الجيريا ۾ ڪو مسئلو نه آهي. اتي ڪو انسان پلي اکين کان اوجهل هجي، پر رهي سگهي ٿو. مون هن بندري ڪي پاڻ سان گڏ ان لاءِ ڪنيو ته منهنجو مددگار ٿي رهندو ۽ منهنجا پئسا ۽ ٻيو سامان کڻي هلندو. پر هن بيهودي ماڻهوءَ جا ڪم ڏسو، منهنجا پئسا ته نهيو پر پر ڪتاب به کڻي ويو آهي. هڪ دفعو رڳو ملي وڃي، سندس حشر پيڙهيون ياد ڪنديون. هاڻي منهنجو پهريون منصوبو اهو آهي ته ڪنهن صورت ۾ هن کي تلاش ڪري پنهنجا ڪتاب هٿ ڪريان. ڊاڪٽر توکي خبر آهي ته هو ڪٿي آهي؟"

"ها! هو شهر جي ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ آهي. هن پاڻ ٿي پوليس وارن کي التجا ڪئي آهي ته کيس لاڪ اپ ۾ وڌو وڃي، ڇاڪاڻ ته سندس زندگيءَ کي خطرو آهي ۽ ٿاڻي کان وڌيڪ محفوظ جڳهه هن لاءِ ٻي ڪا به نه آهي."

"وڏو ڪو ٺپتائي آهي." اجنبيءَ ڏند ڪرٽيندي چيو.

" سندس ان ڪم ڪري تنهنجن منصوبن ۾ ٿوري تاخير ٿي سگهي ٿي ." ڊاڪٽر چيو.

"اسانکي ڪنهن به صورت ۾ اهي ڪتاب حاصل ڪرڻا پوندا. ڇاڪاڻ ته انهن جي مدد کانسواءِ اسان ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون." اجنبيءَ چيو.

"ها! بلڪل صحيح پيو چوين." ڊاڪٽر چيو. هو ٿورو فڪرمند هو ته متان اجنبي ٻاهر کان ايندڙ ماڻهن جي قدمن جا آواز ٻڌي نه وٺي، "ها، اسانکي اهي ڪتاب حاصل ڪرڻ گهرجن ۽ اهو مشڪل به نه آهي. بشرطيڪ ان بيوقوف کي اها خبر نه هجي ته اهي ڪتاب تنهنجي لاءِ ڪيترا اهم آهن."

"نه، هن کي خبر نه آهي." اجنبيءَ چيو ۽ سوچڻ لڳو.

ڊاڪٽر چاهيو ٿي ته گفتگو جاري رهي، پر اجنبي خودبخود ٻيهر ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي ويو." ڊاڪٽر، جڏهن آئون پٽڪندو

تنهنجي گھر پھتس تہ منهنجا سڀ منصوبا تبديل ٿي ويا. ان جي باوجود جو ڪافي مسئلا پيدا ٿي ويا آهن، تون، مونکي ۽ منهنجي حالت کي بخوبي سمجهي سگھين ٿو. آئون ماڻهن منجهہ بدنام ۽ خطرناڪ مخلوق جي حيثيت ۾ سڃاتو ويحان ٿو. منهنجا ڪتاب گم ٿي ويا آهن. ان جي باوجود مون کي تو مان گھڻي اميد آهي تہ تون منهنجي لاءِ گھڻو ڪجهہ ڪري سگھين ٿو."

اوچتو اجنبيءَ چرڪ پري پڇيو، "منهنجي هٿ موجودگيءَ جي خبر تو ڪنهن کي ڏني تہ نہ آهي!؟"

"ڇا مطلب؟" ڊاڪٽر هٻڪندي پڇيو.

"سچ ٻڌاءِ. واقعي ڪنهن کي بہ ٻڌايو تن نہ اٿئي؟" گرفن ورجائي پڇيو.

"نہ، بلڪل نہ" ڊاڪٽر جواب ڏنو.

"۽ هاڻي!" گرفن اٿي بيٺو ۽ پنهنجون ٻانهون پٺيان ٻڌي ڪمري ۾ ٽهلڻ لڳو، "مون هڪ غلطي ڪئي هئي. ڊاڪٽر هڪ وڏي غلطي! آئون اڪيلو ايترو سامان گڏ ڪنيو پئي ڦريس، ان سان منهنجي قوت، وقت ۽ موقعن جو زيان ٿيو. ان مان احساس ٿئي ٿو تہ هڪ انسان ڪيترو نہ ڪمزور آهي جو هڪ معمولي ڪم ڪرڻ سان ئي ٿڪجي پوي ٿو. نہ تہ دنيا ۾ الائجي ڪيترا ڪم آهن."

"ڊاڪٽر، مونکي هڪ مددگار، واهرو ۽ لڪڻ لاءِ هڪ اجهي جي ضرورت آهي. ڪا جڳهہ، جتي آئون سمهي سگهان، ڪائي سگھان ۽ سک جو ساهہ کڻي سگھان. ڪاڏو پيٽ ۾ هجي تہ ذهني آسودگي ملي ٿي ۽ پوءِ انسان هزارين ڪم ڪري سگھي ٿو."

"هيستائين آئون ڀٽڪندو رهيو آهيان. هاڻي اسان اڪين ڪان اوجهل هئڻ واري فلسفي تي سوچيون تہ ان مان ڪهڙو فائدو ۽ ڪهڙو نقصان آهي! ڏٺو وڃي تہ ان جا فائدا تمام گھٽ آهن. ان جو فائدو اهو آهي تہ اوهان ڪنهن کي دوڪو ڏئي سگھو ٿا. توهانکي ڪير جهلي نہ ٿو سگھي. ڪنهن وٽ ڪهڙو بہ هٿيار هجي، پر توهانکي ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿو سگھي. ان جي برعڪس توهان جيئڻ چاهيو هن کي ڪٽيو ۽ وري پڇي بہ وڃو. چوري ڪريو، ماڻهن کي پريشان ڪريو."

"ٻيو فائدو آهي تہ ڪنهن کي بغير ثبوت جي قتل ڪري سگھجي ٿو."

"قتل ڪرڻ؟" ڊاڪٽر هن جي لفظن کي ورجايو، "آئون ان ڳالهہ تي تو سان متفق نہ آهيان، ڇو قتل ڪجي؟"

"منهنجو مقصد ڪنهنکي بيگناهہ قتل ڪرڻ نہ آهي. منهنجو مطلب انهن ماڻهن کي مارڻ آهي، جيڪي ماڻهو واقعي قابلِ قتل آهن، پر پنهنجي طاقت ۽ اثر رسوخ جي ڪري آزاد گھمي ڦري رهيا آهن."

"هاڻي هن شهر جي ماڻهن کي اها خبر آهي تہ هتي هڪ نگاهن کان غائب

شخص آهي ۽ اسانکي گهرجي ته شهر ۾ خوف، ڏهڪاءُ ۽ حراس جي صورتحال پيدا ڪريون. واقعي عجيب ڳالهه آهي، پر آئون ائين ئي ڪرڻ چاهيان ٿو. خوف ۽ حراس جي راڄ هجي. ڇا ائين ممڪن نه آهي ته اسان شهر ۾ اها افواهه پکيڙي ڇڏيون ته جيڪو به شخص ان ڏسڻ ۾ نه ايندڙ شخص جي حڪمن جي پيروي نه ڪندو، هو ان کي قتل ڪري ڇڏيندو. "

ڊاڪٽر ڪيمپ جو ڌيان هاڻي گرفن ڏانهن نه بلڪ سيڙهين کان هيٺ گهر جي دروازي کلڻ جي آواز طرف هو.

"آئون سمجهان ٿو گرفن ته جيڪو شخص ان عمل ۾ تو سان گڏ هوندو، اهو وڏي ڏچي ۾ اچي ويندو." ڊاڪٽر پنهنجي چهري تي ايندڙ پريشانيءَ جي تاثراتن کي لڪائيندي چيو.

"نه نه، ڪنهن کي به خبر نه پوندي ته هو منهنجو ساٿي آهي. بلڪل نه. پر ڇا سيڙهين کان هيٺ اهو آواز ڇا جو آهي؟" گرفن پڇيو.

"آواز؟ نه ...نه.. ڪو آواز نه آهي." ڊاڪٽر جواب ڏئي ڏاڍيان ۽ تيز ڳالهائڻ لڳو، "آئون ان نقطي تي تو سان سهمت نه آهيان. سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. آئون نه ٿو چاهيان ته اها بازي تنها کيڏجي. جيڪڏهن هڪ جي جاءِ تي اسان کي هزارين لکين مددگار ملي وڃن ته پوءِ؟"

گرفن، ڊاڪٽر جي ڳالهه کي ڪٽيندي چيو، "سيڙهين تي ڪنهن جي قدمن جا آواز آهن. شايد ڪو مٿي پيو اچي."

"اڙي ڪير به نه آهي. تون دلجاءِ ڪر." ڊاڪٽر چيو.

گرفن تيزيءَ سان پنهنجي جاءِ تان هٽيو ۽ وڏي سيڙهين تي ڏسڻ لاءِ ويو.

پوءِ جا واقعا تمام تيزيءَ سان ظاهر ٿيڻ لڳا. ڊاڪٽر هڪدم اٿي گرفن کي اڳيان وڌڻ کان روڪيو. گرفن پنهنجي جاءِ تي بيهي رهيو.

"تون غدار!" هن رڙ ڪئي. هن پنهنجو جبو کوليو. ڊاڪٽر تيزيءَ سان ٻرانگهون پريندو دروازي ڏانهن ويو. گرفن ايتري ۾ پنهنجا سمورا ڪپڙا لاهي ڇڏيا. ڊاڪٽر تيزيءَ سان دروازو کوليو. سيڙهين کان هيٺ لهڻ ۽ ڳالهائڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڊاڪٽر، گرفن کي ڌڪو ڏئي ٻاهر نڪتو ۽ زور سان دروازو بند ڪيائين. دروازي جي چاٻي دروازي کي ٻاهران لڳل هئي. ڊاڪٽر جيئن ئي ٻاهر آيو ته ٽاڙجي ڪري پيو. گرفن واقعي قيد ٿي وڃي ها، جيڪڏهن ڊاڪٽر جي زور سان در بند ڪرڻ ڪري چاٻي غاليچي تي هيٺ نه ڪري پوي ها.

ڊاڪٽر جو منهن خوف وچان پيلو پئجي ويو. هن ٻنهي هٿن سان دروازي جي ڪنڍيءَ کي قابو جهلڻ جي ڪوشش ڪئي. هو زور لڳائيندو رهيو. گرفن اندران کان زور لڳائيندي ڇهه انچ کن دروازو کولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، پر

ڊاڪٽر وڏيڪ طاقت لڳائيندي دروازي کي وري پڇائي ڇڏيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڊاڪٽر جي طاقت گرفن جي اڳيان مات ڪائي وئي ۽ دروازو تقريبن اڌ کلي ويو. اجنبيءَ ٻانهن ٻاهر ڪڍي ڊاڪٽر کي ڳچيءَ کان سوگهو ڪيو. ڊاڪٽر پنهنجو دفاع ڪرڻ لاءِ ڪنڌيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا. ڪيمپ ڪافي ڪوشش ڪئي، پر گرفن کان پنهنجو پاڻ ڇڏائي نہ سگهيو. گرفن اندر جبو اوڙهي ڇڏيو هو. سو ائين لڳو تہ ڪپڙي جي ان جبي ڊاڪٽر کي ڏڪيندو وجي هڪ ڪنڊ ۾ دسيو.

سيڙهين تي هيٺ ڪرنل ايڊي پوليس جو اعليٰ عملدار بيٺل هو. ڊاڪٽر، پوليس عملدار کي خط لکي سڄي حقيقت کان آگاهہ ڪيو هو. هو ڊاڪٽر کي اوچتو ائين ٻاهر نڪرندي ۽ ڪپڙن کي هوا ۾ پرواز ڪندي ڏسي هو اچرج ۾ پئجي ويو. ڊاڪٽر ڪوشش ڪري پنهنجي پيرن تي اٿي بيٺو، پر ٻئي لمحي وري وجي ڦهڪو ڪيائين.

پوءِ اوچتو هن کي زور سان ڏڪ لڳو. شايد ڪو گلدان هو ۽ ڊاڪٽر مٿي پر ليٽڙيون پائيندو اچي هيٺ ڪريو. هيٺ ايندي عجيب نگاهن سان سيڙهيءَ کي گهوريندو اٿي وينو. هن جا ٻئي هٿ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل هئا. شايد گرفن جي پڪڙڻ سبب ڪافي چپ اچي وئي هئس. اجنبي سيڙيون لهي هيٺ آيو. هن جا پير تہ نظر نہ ٿي آيا، پر پيرن جو آواز واضع ٻڌڻ ۾ پئي آيا. جيئن ئي هو هيٺ آيو، ڪيس ٻن پوليس آفيسرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جيڪي اهو لڪاءُ ڏسي دانهون ڪندا ٻاهر ڀڄي ويا ۽ زور سان ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيائون.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڊاڪٽر ڪيمپ سيڙهين کان هيٺ عجيب حالت ۾ بيٺل هو. سندس ڪپڙا داغدار هئا، منهن ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري سندس چپ مان رت وهي رهيو هوس ۽ سندس هٿ ۾ هڪ گلابي رنگ جو جبو، بنيان ۽ ڪڇو هئا.

"اف منهنجا خدا! منهنجي ڪيڏ ناڪام ٿي وئي . هو هليو ويو."

****

ڪجهه وقت ڊاڪٽر چٽي نموني ايڊيءَ کي سمجهائي نہ سگهيو تہ اهو سڀ ايترو جلدي ڇو ۽ ڪيئن ٿيو. اهي گهر اندر سيڙهين کان هيٺ بيٺل هئا. ڊاڪٽر تيز تيز ڳالهائي رهيو هو. هن جي ٻانهن کي پٽي ٻڌل هئي.

"هو چريو آهي." ڊاڪٽر چيو. "انسانيت کان بلڪل خالي، خودغرض. هو پنهنجي فائدي ۽ تحفظ کان علاوه ٻيو ڪجهه بہ نہ ٿو سوچي. مون سندس خودغرضيءَ ۽ وحشي پڻي جو قصو ٻڌو آهي. هن ڪيترن ئي ماڻهن کي زخمي ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن اسان هن کي باز نہ رکيو تہ هو ڪيترن ئي کي قتل ڪري ڇڏيندو. هو ٻاهر وڃي وڳوڙ ۽ افراتفري پيدا ڪندو ۽ پوءِ هن کي قابو ڪرڻ محال

تي ويندو. هو تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ ٻاهر ويو آهي."

"ها، هن کي پڪڙڻ تمام ضروري آهي." ايڊيءَ سندس راءِ سان سهمت ٿيندي چيس.

"پر ڪيئن؟" ڊاڪٽر پڇيو ۽ پوءِ ڪيترائي خيال هن جي ذهن ۾ آيا. "اسانکي هاڻي جو هاڻي شروعات ڪرڻ گهرجي ۽ هر شخص کي ڪم سان لڳائڻ گهرجي. اسان هر ممڪن ڪوشش ڪريون ته هو هي علائقو ڇڏي نه وڃي. جيڪڏهن هتان نڪري ويو ته پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان ماڻهن کي ماريندو ۽ ظلم ڪندو وتندو. هو خواب ڏسي رهيو آهي ته خوف ۽ هراس جي حڪومت قائم ٿئي. اسانکي ريل، رستن ۽ بحري ٻيڙن تي جانچ رکڻي پوندي. هن کي هن علائقي ۾ روڪي رکڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته هن جا اهي ڪتاب پاڻ وٽ قابو ڪجن، جن کي هو گهڻي اهميت ڏئي رهيو آهي. اهي ڪتاب توهانجي پوليس اسٽيشن ۾ قيد مارول نالي هڪ شخص وٽ آهن."

"مونکي خبر آهي." ايڊيءَ چيو. "مون اهي ڪتاب ڏٺا آهن."

"۽ ها! اسانکي خيال رکڻو پوندو ته هو نه ته ڪجهه ڪائي سگهي ۽ نه وري سمهي سگهي. هي علائقو هن لاءِ جهنم بنجي وڃي. ڪاڏي جا سڀ وسيلا جانچ هيٺ هئڻ گهرجن. گهرن جا در ۽ دريون بند هئڻ گهرجن ته جيئن ڪنهن به گهر ۾ داخل نه ٿي سگهي. قدرتي طور وري مينهن پوڻ لڳو آهي ۽ سردي به وڌي وئي آهي. سڄو علائقو هن کي شڪار ڪرڻ ۾ لڳي وڃڻ گهرجي. آئون اوهانکي ٻڌايان ٿو ته هو وڏو خطرو آهي. جيڪڏهن قابو نه ڪيو ويو ته خبر نه آهي ته ڇا ڪندو، ان جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي."

"اسان ٻيو ڇا ڪري سگهون ٿا؟" ايڊيءَ پڇيو، "منهنجي لاءِ لازم آهي ته هڪدم هيٺ وڃان ۽ سڄي ڪم کي منظم ڪريان، پر تون ڇو نه ٿو هلين؟ ها تون به اچ. اسان سڀني ادارن جي عملدارن جي گڏجاڻي گهرائيندا سين. اهو تمام اهم آهي. تون اچ ۽ رستي ۾ ٻڌائيندو هل ته ٻيو ڇا ڪري سگهجي ٿو ته جيئن ان مصيبت مان جان ڇڏائجي."

هڪ لمحي ڪانپوءِ ايڊي ٽڪريءَ کان هيٺ لهڻ لڳو. دروازو کليل هو ۽ ٻاهر بيٺل پوليس وارا خالي هوا کي گهوري رهيا هئا.

"سائين، هو فرار ٿي ويو." هڪ پوليس واري چيو.

"اسانکي هڪدم مرڪزي پوليس اسٽيشن هلڻ گهرجي." ايڊيءَ چيو.

"توهان مان ڪو هڪ وڃي ٽيڪسيءَ واري کي وٺي اچي ۽ ها ڊاڪٽر ٻيو ڇا؟"

"ڪتا....." ڊاڪٽر چيو. "ڪتا گهرايو. اهي هن کي ڏسندا ته ڪونه پر سونگهي اهو معلوم ڪري وٺندا ته هو

ڪيو. ڪيس پنهنجا منصوبا ڏسيا ۽ اهو ئي ڪيس ڏک ڪڍي ويو. شايد هن سوچيو هجي ته ڊاڪٽر جيڪي ڪجهه ڪيو، ان ۾ ڊاڪٽر جو ڪو ڏوهه نه هو. ڇاڪاڻ ته هن جا منصوبا غير انساني هئا ۽ ڪوبه انسان دوست شخص اهو برداشت نه ڪندو ته ڪير انسانيت کي ايذائڻ جا منصوبا سٽي. بهرحال ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. اهو اڌ ڏينهن هو بلڪل غائب رهيو. ماڻهن لاءِ اها خوشنصيبي هئي ته ساڻن ڪو مسئلو نه ٿيو، پر گرفن لاءِ اهي چند ڪلاڪ هڪ ڊگهو ۽ ايذائيندڙ عرصو هوندا. جو هن ڪجهه به نه ڪيو. مطلب ته ان ڏينهن اڍائي وڳي تائين ڪنهن کي ڪا ڪل نه ئي ته هو ڪٿي آهي ۽ ڇا ڪري رهيو هو.

ايستائين پوري علائقي ۾ ماڻهو پکڙجي ويا ۽ پنهنجي پنهنجي سونپيل ذميوارين کي پورو ڪرڻ ۾ مصروف هئا. صبح تائين هو هڪ قصو هو، پر ڊاڪٽر جي بيان کانپوءِ هو هڪ قطعي خطرناڪ مجرم ۽ بدنام قاتل طور مشهور ٿي ويو. اعلان ڪيا ويا ته ڪيئن به ٿي سگهي، هن کي پکڙيو وڃي. پلي زخمي ٿي پوي يا .... علائقي جا ماڻهو حيرت انگيز ڦڙتيءَ سان اهتمام ۽ انتظام ڪري رهيا هئا.

ٻين وڳي تائين اهو ممڪن هو ته هو ڪنهن ريل ۾ چڙهي علائقي کي هميشه لاءِ الوداع ڪري ويو هجي، پر ٻين وڳي کانپوءِ سائوٿيمٽن، مانچيسٽر، برٽن ۽ هارشئر ڏانهن ويندڙ ريلن جا دروازا بند رکڻ جو حڪم ملي ويو. سامان کڻڻ واريون ريلون هڪ حڪم تحت رکجي ويون هيون.

شهر جي چوڌگرد ويهن ميلن تائين هٿياربند ماڻهو ڇهن يا پنجن ڄڻن جي ٽولن ۾ پکڙيل هئا ۽ هر هنڌ شڪاري ڪتن سان گڏ هنن جي تلاش ۾ هئا.

ڪجهه پوليس وارا گاڏين ۾ چڙهي علائقي جي هر ڳوٺ ۽ وسنديءَ جا چڪر لڳائي رهيا هئا ۽ اعلان ڪري رهيا هئا ته ماڻهو پنهنجن گهرن جا در ۽ دريون بند رکن. شام جو هلندڙ سڀ اسڪول وقت کان اڳ بند ڪيا ويا ۽ شاگرد ٽولن جي صورت ۾ تيزيءَ سان پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا. ڊاڪٽر ڪيمپ جي پوري بيان کي، جنهن ۾ گرفن جي ٻڌايل پورو قصو هو، پوسٽر جي شڪل ۾ ڇپرائي سڄي علائقي ۾ ورهايو ويو. جنهن تي پوليس آفيسر ايڊيءَ جي صحيح ٿيل هئي.

ان پوسٽر ۾ واضع هدايتون لکيل هيون ته ان اجنبيءَ کي ڪيئن قابو ڪرڻو آهي، هن کي کاڌي ۽ سمهڻ کان ڪيئن باز رکڻو آهي ۽ ڪيئن سندس هر چرپر تي احتياط کان ڪم وٺڻو آهي.

شام تائين ان علائقي ۾ عجيب نظارو هو. اختيارين وارن تڪڙا اپاءَ وٺندي هر شيءِ کي ڊاڪٽر ڪيمپ جي مشوري موجب منظم ڪيو. ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄو علائقو مڪمل گهيري هيٺ هجي. رات تائين ان ظالم شخص جي خبر علائقي جي

چڏي، بچاءَ لاءِ محافظ بيهاري يا هٿيارن سان ليس ٿي وڃي، پر ڏسڻ ۾ نه ايندڙ موت ان تائين هر صورت ۾ پهچي ويندي. ڀلي جيڪي احتياط ڪري سگهين ٿو، سي ڪري وٺ. موت اڄ ڏينهن کان شروع ٿيندو ۽ منهنجي رعيت جا ماڻهو هن جي مدد نه ڪن، متان ساڳيو موت سندن متان به لامارا نه ڪري."

ڊاڪٽر غور سان خط پڙهيو ۽ پنهنجو پاڻ کي چيائين، "هي مذاق نه آهي. گرفن جيڪي ڪجهه چيو آهي، سو ڪندو." هو آهستي آهستي پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ماني اڌ ۾ ڇڏي مطالعي واري ڪمري ۾ ويو ۽ پنهنجي نوڪر کي سڏي ڪيس هدايت ڪيائين ته سڄي گهر جا دروازا ۽ دريون مڪمل طور تي بند ڪري ڇڏي. هن هڪ ننڍو ريوالور هٿ ۾ کنيو ۽ ان کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ ان کي کيسي ۾ وڌائين. هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي ڪجهه لکي نوڪر جي هٿان ڪرنل ايڊيءَ ڏانهن موڪليائين ۽ هدايت ڪيائين ته ويندي ۽ ايندي وقت دروازي جو خيال ڪري ته اهو اجنبي اندر گهڙي نه اچي. هن پنهنجو پاڻ کي چيو، " منهنجي لاءِ ڪو خطرو نه آهي." هو ڪجهه وقت ائين ئي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ موٽي اچي پنهنجي ٺرنڌڙ کاڌي وٽ ويٺو.

هو آهستي آهستي ماني کائڻ لڳو ۽ سوچيندو رهيو. اوچتو هن جي ذهن ۾ خيال آيو ته "اسان هن کي پڪڙي سگهون ٿا. بلڪل! ۽ آئون ان لاءِ هڪ مهرو آهيان. اها پڪ آهي ته هو هتي ضرور ايندو." هو مٿي چڙهي ويو ۽ پنهنجي پٺيان ڏيان سان دروازا بند ڪندو ويو.

"مسٽر گرفن تون ڪيترو به چالاڪ ڇو نه هجين ۽ تنهنجي اکين کان اوجهل هئڻ واري خاصيت جي باوجود توکي سوگهو ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نه آهي. هيءَ هڪ راند آهي ۽ ان ۾ هارجيت ٿيندي آهي، پر لڳي ٿو ته منهنجو پلڙو وڌيڪ ڳرو آهي."

هو مٿي دريءَ کان ٻاهر ٽڪريءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو. "مطلب ته هر زور هن کي کائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه مليو وڃي. مونکي ان سان ڪو سروڪار نه آهي، پر ڇا واقعي هو رات ستو هوندو؟ ائين کليل ميدان تي بغير ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ته متان ڪير ساڻس اچي ٽڪرائجي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته هو مونکي هن وقت ڏسندو هجي. هو واپس ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو ۽ وري دريءَ ڏانهن ويو. هن دفعي هن کي محسوس ٿيو ته ٻاهران ڪير دريءَ جي فريم سان لڳل سرن کي ٽڪي رهيو آهي. هو تمام گهڻو پريشان ٿي ويو ۽ پٺيان هٽڻ لڳو.

"آئون ته ڏاڍو منجهي رهيو آهيان." هن خود کي چيو. پنجن منٽن کان پوءِ هو ٻيهر دريءَ ڏانهن ويو، "شايد ڪا جهرڪي هوندي!" هن پاڻ کي تسلي ڏني.

اوچتو ٻاهر گيٽ جي گهنٽي وڄڻ

ان کي يڪدم ٻاهر ڪڍي ڪتب آڻي سگهجي.

"جي! ڇئو؟" ايڊيءَ انتهائي پختگيءَ سان چيو. سندس رنگ اڇا وڏيڪ ڦڪو پئجي ويو، ڄڻ سڄي جسم جو رت خشڪ ٿي ويو هجي. ساڳئي وقت سندس سرير جون مشڪون تاڻجي ويون هئس.

"آئون چاهيندس ته منهنجي تائيد ڪندي واپس گهر اندر هليو وڃ." ڪيس اجنبيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس.

ايڊي پنهنجي زبان سان سندس ڇپن کي آلو ڪندي ٿورو ڳري آواز ۾ چيو، "مونکي افسوس آهي جو آئون ائين نه ٿو ڪري سگهان." هن اندازو لڳايو ته آواز سندس ڪابي پاسي، سامهون کان اچي رهيو آهي ۽ سوچڻ لڳو ته جيڪڏهن گولي هلائڻي پئي ته نشانو ڪيئن ٻڌندس؟

"تون ڪيڏانهن ۽ ڇا جي لاءِ پيو وڃين؟" آواز پڇيس. ان ئي لمحي ايڊي محسوس ڪيو ته شايد اجنبي حرڪت ۾ آيو هجي.هن يڪدم ڪيسي مان ريوالور ڪڍي سامهون ڪيو.

"ايڊي ٿورو خوفزده انداز ۾ چيو، "آئون ڪيڏانهن به وڃان، اهو منهنجو ذاتي مسئلو آهي." هن جا لفظ اڃا چپن کان ٻاهر نڪتا ئي مس جو هن محسوس ڪيو ته ڪنهن شخص ٻانهن ورائي سندس ڳچيءَ کي سوگهو ڪيو هجي. پوءِ سندس چيلهه ۾ گوڏي جي ٺڪنيءَ سان ڌڪ لڳو ۽ هو پنيان جهڪڻ لڳو. هن پنهنجي دفاع خاطر پاڻ کي هيڏانهن هوڏانهن ڇڪيو ۽ ائين هوا ۾ فائر ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. انهيءَ لمحي هن کي منهن ۾ زوردار ڌڪ لڳو ۽ ريوالور سندس هٿ مان ڇڏائجي ويو. هن ائين هوا ۾ هٿوراڙي ڏئي اجنبيءَ کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهن پر هيٺ وجي ڪريو. اجنبي زور سان کلڻ لڳو.

"جيڪڏهن آئون چاهيان ته هڪ ئي سيڪنڊ ۾ تنهنجي ان سرير کي ڍير ڪري ڇڏيان، پر شايد اهو گوليءَ جو زيان ٿيندو." اجنبيءَ گرجدار آواز ۾ چيو.

ايڊي مٿي اٿي ويٺو ۽ ڪجهه به نه ڪڇيو.

اجنبي حڪم ڏيڻ واري انداز ۾ چيس، "مٿي اٿي بيهه" ايڊيءَ بلڪل ائين ئي ڪيو.

"هوشيار ٻنجي ڪنهن به اٽڪل ڪرڻ جي ڪوشش اجائي آهي. توکي واپس گهر اندر وڃڻ پوندو." اجنبيءَ جي لهجي ۾ ڪاوڙ ۽ انتقام جي بوءِ هئي.

"ڊاڪٽر مونکي اندر اچڻ نه ڏيندو."ايڊي چيو.

"ان لاءِ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟ .منهنجو تو سان ڪو به وير نه آهي، پر...."

اجنبيءَ جي لهجي ۾ ٿوري نرمي آئي.

ايڊي ٻيهر پنهنجن چپن تي زبان ڦيرائي. پوءِ هو پريان سمنڊ ڏانهن نهارڻ لڳو. جيڪو سج جي شعاعن سبب نيرو نظر اچي رهيو هو. ٽڪريءَ کان هيٺ دل

ڪي وڻندڙ ساوڪ ۾ هيٺ قسمين قسمين عمارتون هيون. هن کي احساس ٿيو ته زندگي ڏاڍي پياري شيءِ آهي، جنهن کي ائين وڃائي نه ٿو سگهجي. هاڻي هو ذاتوءَ جي ان هٿيار کي گهورڻ لڳو، جيڪو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڇهه فوٽ مٿي ٽنگيل نظر اچي رهيو هو. هن انتهائي نرم انداز ۾ پڇيو، "آئون ڇا ڪريان؟"

" اهو توکي سوچڻو آهي. ان لاءِ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان. تنهنجي تحفظ جو بس هڪ ئي رستو آهي ته تون واپس گهر اندر وڃ." اجنبيءَ چيو.

"ٺيڪ آهي آئون ڪوشش ڪريان ٿو، پر تون واعدو ڪر ته اندر نه گهڙيندين." ايڊيءَ التجا ڪندي چيو.

"منهنجو تو سان ڪو وير نه آهي." اجنبيءَ چيو.

ڊاڪٽر، ايڊيءَ جي ٻاهر وڃڻ ڪانپوءِ مٿي مطالعي واري ڪمري ۾ ويو ۽ درين جي ٽئل شيشن جي پورن کي ڏسڻ لڳو. پوءِ هن دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. هن کي ڪرنل ايڊي ۽ هوا ۾ بيٺل ريوالور نظر آيا. هن کي يقين ٿي ويو ته اهو اجنبي جي هٿن ۾ جهليل آهي، "اجنبي پوءِ هن تي فائر ڇو نه ٿو ڪري؟" ڊاڪٽر پنهنجي منهن ڀڻڪيو. پوءِ هن ڏٺو ته ريوالور پنهنجي جاءِ تان ٿورو هٽيو ۽ روشنيءَ جو ڏڪ ڊاڪٽر جي اکين تي پيو.

"تون واعدو ڪر ته اندر اچڻ جي ڪوشش نه ڪندين. واقعي سوڀ جو پلڙو تنهنجي حق ۾ آهي، پر سٺا رانديگر پنهنجي مد مقابل کي هڪ موقعو ضرور ڏيندا آهن." ايڊيءَ مدلل انداز ۾ اجنبيءَ کي چيو.

"آئون واضح چوان ٿو ته تون اندر هليو وڃ. آئون تو سان ڪنهن به قسم جو واعدو نه ڪندس." اجنبيءَ جي لهجي ۾ ٻيهر تندي اچي وئي هئي .ايڊيءَ فوري طور تي فيصلو ڪيو ۽ پنهنجو رخ هڪدم ڊاڪٽر جي گهر ڏانهن ڪيو. ايڊي پنهنجون ٻانهون ٻڌيو آهستي آهستي ڊاڪٽر جي گهر ڏانهن وڌڻ لڳو. ڊاڪٽر مٿان دريءَ مان بيٺي سڄو لقاءُ ڏسي رهيو هو. هو تمام گهڻو منجهيل نظر اچي رهيو هو. هڪ لمحي لاءِ ريوالور غائب ٿي ويو، پر وري اولڙو ڪندو ظاهر ٿيو. وري غائب ٿي ويو ۽ پوءِ ايڊيءَ جو تعاقب ڪندو نظر آيو.

پوءِ جا واقعا تمام تيزيءَ سان ظاهر ٿيڻ لڳا. ايڊي هڪدم پنيان پڙڪو ڏنو ۽ ريوالور ۾ هٿ وڌائين، پر هٿ ڇڏائجي ويس ۽ ڇاتيءَ پر زمين تي وڃي ڪريو. ڊاڪٽر کي گولي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو. ايڊي ٻانهن تي زور ڏئي مٿي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اجائي وئي ۽ پوءِ بنا چرپر جي اتي پيو رهيو.

ڊاڪٽر، ايڊيءَ جي ان عجيب روي ڪري پريشان ٿي ويو هو. منجهند جو وقت هو. ڪافي گرمي به هئي. ائين پئي لڳو ڄڻ ان واقعي جي ڪنهن کي ڪل به

